سنڌي ٻولي

سراج

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

سنڌي ٻولي

سراج

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (309)
ٻئي ڇاپي جا حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي ٻولي

ليکڪ: سراج
ڇاپو: پهريون: 1964ع، ٻيو، فيبروري 2009ع، ٽيون: ڊسمبر 2017ع
ڪمپوزنگ: سخاوت علي جتوئي
ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو
تعداد: 1000
قيمت: -/200 روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Siraj
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-151-4

Sindhi Boli

By: Siraj
Edition: 1st :1964, 2nd:February 2009: 3rd:December, 2017
Quantity: 1000
Price: Rs.200/-
Composing: Sakhawat Ali Jatoi
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-3
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk,sindhila@vahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Pakeeza Printers, Hyderabad.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

مون کي ٻولين جو عشق هڪ طرح سان ورثي ۾ مليو آهي. منهنجي پهرئين استاد ان ورثي کي سنوارڻ ۽ سنئين دڳ لڳائڻ جو هڪ عجيب دل لڀائيندڙ طريقو ڪم آندو هو. سنڌي الف-بي سيکارڻ لاءِ، پنهنجي هٿن سان شيشي جي فريم سان هڪ بند پيٽي ٺاهيائين. بلڪل "پنڊورا جي پيٽيءَ" جهڙي، جنهن جي ٻن پاسن مان آرپار، ٻه ڪاٺ جون ننڍڙيون ڦرموتيءَ وانگر ٽي ڦريون. انهن ٻن ننڍڙين تي ٿلهو ڊرائنگ ڪاغذ ويڙهيل هو. ان ڪاغذ ۾ ٻه ڪالم هئا: هڪ ڪالم ۾ سندس هٿ سان ڪڍيل رنگين تصويرون هيون ۽ انهن جي سامهون ٻئي ڪالم ۾ الف- ب جا موزون اکر. هڪ ننڍڙيءَ کي هٿ سان ڦيرائڻ سان تصويرون ٻيءَ ننڍڙيءَ تان ڊوڙنديون، پهرينءَ تي ويڙهجنديون وينديون هيون ۽ جڏهن ڪاغذ جو اهو ويڙهو پورو ٿيندو هو ته وري ٻيءَ ننڍڙيءَ کي ڦيرائڻ سان، تصويرون ان پاسي ڊوڙڻ لڳنديون هيون.... ۽ آءٌ حيرت مان سڄو ڏينهن ان جادوءَ جي شيشي ۾ اکيون پايو ويٺو هوندو هوس. اهو هو منهنجو سنڌي ٻاراڻو! ان پنڊورا جي پيٽيءَ منهنجي ذهن ۾ هميشه لاءِ تجسس ۽ ڳولا (curiosity) جو اُمنگ پيدا ڪيو.

اهو پهريون مڪمل ۽ شفيق استاد آهي. منهنجو بهترين دوست ۽ والد محمد يعقوب "نياز"، پر استاد جي سبق جو مواد وري، منهنجي ماءُ جي عطا ڪيل مٺڙي ٻولي هئي. ان ڪري هي ڪتاب منسوب ڪريان ٿو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي نالي، جن زندگيءَ جهڙين بخشش کان سواءِ، مون کي سنڌي ٻولي به عطا ڪئي.

'سو سِرَن پائي، جي تند برابر توريان،
اٽل اوڏانهين ٿئي، جت ٻيجل ٻُرائي.'

سراج

ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڌيهي توڙي پرڏيهي عالمن مختلف وقتن تي مختلف نظريا پنهنجي پيش ڪيا آهن. ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي ڪتاب به لکيا ويا. ٻوليءَ جي بنياد تي شروع ۾ جيڪو ڪم ٿيو اهو ڪو ايترو سائنسي انداز وارو نه هو. سائنسي انداز سان تحقيق بعد ۾ ٿي آهي، جيڪا تحقيقي اصولن کي سامهون رکي ڪئي وئي.

اٽڪل 70 سال اڳ تائين ائين سمجهيو ويندو هو ته سنڌي ٻولي ٻين انڊو آرين ٻولين وانگر سنسڪرت جي پاڙ مان ڦٽي نڪتي آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ 1872ع ۾ پنهنجي گرامر واري ڪتاب ۾ پهريون ڀيرو اهڙو انڪشاف ڪيو ته سنڌي ٻوليءَ جا ڪي آواز ۽ ڪي صرفي نحوي ترڪيبون اهڙيون ته منفرد آهن، جيڪي سنسڪرت سان ٺهڪن نٿيون، توڙي جو ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت جي شاخ سڏيو پر هن کي اهڙين ترڪيبن ۽ آوازن اهو لکڻ تي مجبور ڪيو ته اهي سواءِ سنڌيءَ جي ٻي ڪنهن به هندستاني ٻوليءَ ۾ موجود نه آهن، هن انهيءَ باري ۾ اهو گمان ظاهر ڪيو ته ٻوليءَ جا اهي رهيل نشان آرين کان اڳ واري ڪنهن مقامي ٻوليءَ جا ٿي سگهن ٿا.

ڌيهي عالمن مان جهمٽمل وسڻاڻي 1892ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي ڪتاب لکيو جنهن جو عنوان "نئون ويا ڪرڻ" هو جنهن ڊاڪٽر ٽرمپ جي ان ڳالهه سان اتفاق

ڪيو تہ سنڌي ٻوليءَ جون ترڪيبون ۽ آواز منفرد حيثيت رکن ٿا. پر پنهنجي راءِ ۾ ڏنائين تہ سنڌي اپڀرنش مان نڪتي آهي. (نئون وياڪرڻ ص 11). ڏيهي عالمن ۾ ڪاڪو ڀيرو مل، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولوي دين محمد وفائي، ڊاڪٽر دائود پوٽو وغيره سڀ ڊاڪٽر ٽرمپ جي نظرئي جا حامي هئا تہ 'سنڌي ٻولي سنسڪرت جائي' آهي.

ان کان پوءِ ڊاڪٽر شرٽ پنهنجن ڇهن دليلن سان اهو نظريو ڏنو تہ سنڌي سنسڪرت مان نہ پر دراوڙي خاندان جي ٻولي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهيءَ ڳالهہ سان سهمت ٿيو تہ سنڌي سنسڪرت مان واقعي ناهي نڪتي، پر سنڌي دراوڙي نسل جي بہ ٻولي ناهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1950ع ۾ ڏهين ادبي ڪانفرنس ۾ پنهنجو هڪ تحقيقي مقالو پڙهيو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل تي لکيل هو. پنهنجي مقالي ۾ ڊاڪٽر بلوچ پهريون دفعو چيو تہ "سنڌي ٻولي نہ تہ سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي ۽ نہ وري اپڀرنش مان، بلڪ سنڌو ماٿر جي ڪنهن اوائلي آريائي ٻولي مان نڪتل آهي. ان کان اڳ سنڌ اندر جيڪا ٻولي هئي، جنهن جي اسان کي پوري ڄاڻ ناهي، سا شايد سامي صفت هئي، ڇو تہ سنڌ جو پراڻو تمدن سمير ۽ بابلي تمدن جو ساٿاري هو".

سراج هن تحقيق جو بنياد انهن عالمن جي تحقيق کي بنايو. جن سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد موئن جي دڙي جي لکت مان ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انڊس اسڪرپٽ جي پاڄ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت جيڪو نظريو ڏنو آهي. اهو هڪ تہ دليلن سان ۽ بين الاقوامي لسانيات جي قانون سان آسان لفظن ۾ سمجهايو آهي. يونيورسٽيءَ جا شاگرد اڪثر سراج صاحب جي هن نظريي کي نہ صرف جلد سمجهي ويندا آهن. بلڪ شاگردن لاءِ ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت ڪيترائي دروازا بہ کلي پوندا آهن. هي ڪتاب سراج جي مضمونن جو مجموعو آهي. جيڪي هن سٺ واري ڏهاڪي ۾ لکيا هئا. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1964ع ۾

ڇپيو هو. ٻيو ڇاپو اٿارٽي طرفان 2009ع ۾ ڇپرايو ويو. جڏهن ڊاڪٽر فهميده حسين هن اداري جي سربراهه هئي، ان سالن کان پوءِ هن ڪتاب جون سموريون ڪاپيون وڪرو ٿي ويون. جنهن کان پوءِ هن ڪي ٻيهر ڇپائڻ جي منظوري ڏني وئي ۽ ضروري ڪارروائين کان پوءِ ڪتاب پريس موڪليو ويو. سراج جي هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان شايع ڪرائيندي اسان سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي وڏيڪ تحقيق وارن لاءِ هڪ حوالاجاتي مواد طور ڪم ايندو.

20 ڊسمبر 2017ع	پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
حيدرآباد، سنڌ.	چيئرمئن

ٻه اکر

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ منهنجو ڪتاب ”سنڌي ٻولي“ ۽ ان جو انگريزي ترجمو ڇپرائڻ ٿي چاهي، جيڪو منهنجي پٽ ڊاڪٽر امجد سراج ڪيو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين حڪم ڪيو آهي ته آءٌ نه رڳو انگريزي ترجمي لاءِ ٻه اکر ’پيش لفظ‘ طور لکان پر اصل ڪتاب جي نئين ڇاپي لاءِ پڻ ٻه اکر لکي ڏيان.

منهنجي مجبوري اها آهي ته ڊاڪٽر صاحبه نه رڳو سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم اداري جي (اڳوڻي) سربراهه ۽ سرواڻ آهي پر منهنجي ننڍي ڀيڻ پڻ آهي، ان ڪري هن جو چيو منهنجي لاءِ حڪم جو درجو رکي ٿو.

جڏهن ”سنڌي ٻولي“ 1964ع ۾ ڇپيو هو، تڏهن منهنجي دوست ۽ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مهان اديب، اُستاد ۽ دانشور محمد ابراهيم جويي ان تي هڪ عاليشان پيش لفظ لکيو هو. ان پيش لفظ جي هوندي آءٌ ڪو نئون پيش لفظ لکان، اهو مناسب ڪونهي. البت ايڏي ڊگهي عرصي يعني 1964ع کان 2009ع (پنجيتاليهن سالن) کان پوءِ ڪتاب جو هي (ٻيو) ڇاپو ڇپجي رهيو آهي، ان ڪري اهي ٻه اکر لکڻ ضروري ٿا آهن. ان عرصي دوران سموري دنيا ۾ هر شعبي ۾ ۽ هر مضمون تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي ۽ سوين ڪتاب ۽ مضمون ڇپجي چڪا آهن. ايتريقدر جو رڳو سنڌ جي اڳاٽي رسم الخط ”انڊس اسڪرپٽ“ [Indus Script] تي ڪافي ڪم ٿيو آهي. منهنجي فن لينڊ جي دوست ڊاڪٽر آسڪو پرپولا ان رسم الخط جي پڙهڻيءَ (Decipherment) تي عاليشان ڪم ڪيو آهي. هُن سائين غلام مصطفيٰ شاهه

مرحوم سان گڏجي موهن جي دڙي جي نشانين تي ٻه جلد ڇپايا. ساڳيءَ طرح يورپ کان سواءِ هندستان ۾ به ان رسم الخط تي قابل قدر ڪم ٿيو آهي ۽ سوين ڪتاب ڇپيا آهن. جيئوٽيڪ ڪي عالم سمجهن ٿا ته ان ۾ ڪا دراوڙي زبان آهي، جيڪا تامل زبان سان لاڳاپيل زبان آهي (پرپولا واري ٽيم به اها ئي دعويٰ ڪئي آهي). ڪي هندستاني عالم دعوائون ٿا ڪن ته ان جي زبان، سنسڪرت يا پالي يا ٻي ڪا هندستاني زبان آهي.

پاڪستان ۾ وري اهي دعوائون آهن ته اها پراڻي عربي زبان يا ان سان لاڳاپيل ڪا زبان آهي- جيترا آهن عالم اوتريون آهن دعوائون!

منهنجو چوڻ رڳو اهو آهي ته ٻيلي هيءَ تهذيب سنڌ جائي آهي، ان ڪري ان جي زبان به سنڌ جائي هوندي، ان ڪري ئي مون هن ڪتاب ۾ مختلف زبانن جي ٻُڻ بڻياد ۽ انهن جي بنيادي لفظن — مثلاً مٽي مائٽيءَ جي لفظن يا ڪم ڪاج ۽ ڌنڌن بابت لفظن جي پيٽ ڪري پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي. آءٌ اها دعويٰ قطعي ڪو نه ٿو ڪريان ته ڪو منهنجي پيڄٽي درست يا سچي آهي. مون به ٻين عالمن وانگر هڪ راءِ قائم ڪئي آهي؛ ۽ اها ان ڪري پيش ڪئي اٿم ته جيئن سنڌ جا عالم ۽ شاگرد ان مان اُتساهه وٺي ڪو اعليٰ پائي جو ڪم ڪري ڏيکارين. اها جاکوڙ ئي منهنجي لاءِ اهم ۽ وڏي ڳالهه آهي.

سنڌي زبان ۽ ان جي لساني پاسن تي هوندئن ته ڪافي ڪم ٿيو آهي پر آءٌ ان کي ڪافي نٿو سمجهان. آءٌ چاهيان ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي هر پهلوءَ تي ڪم ٿيڻ گهرجي. منهنجي ان خواهش ۽ ڳولا لاءِ سنڌ جي يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ علمي ادارن- سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجي کان سواءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي فرضن ۾ اهو شامل آهي ته اهي سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، واڌ ايپاس ۽ تعليم جي شعبن ۾ تحقيق ۽ ترويج لاءِ قدم کڻن.

ڊاڪٽر فهميده منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي. هن، هنن ڪتابن ڇپائڻ جو ارادو ڪيو آهي، هوندئن ته هي ادارو هر علمي ڪم لاءِ مناسب اُجورو لکندڙ توڙي مترجم کي ادا ڪندو آهي، پر مون ۽ ڊاڪٽر امجد اُجوري تان هٿ کنيو آهي. رڳو ان ڪري نه ته عزازت جي

ڪري ڊاڪٽر فهميده تي ڪو حرف نه اچي، پر ان ڪري به ته سنڌي ٻولي اسان سڀني جو عشق آهي.

ڪتاب ۾ جيڪي ننڍيون ننڍيون ڇُڪون هيون، انهن کي ڪٿي ڪٿي درست ڪيو ويو آهي، پر اصل موضوع تي ساڳيو ئي مضمون قائم رکيو ويو آهي، جيتوڻيڪ هن ڪتاب کي نئين سر لکڻ گهرجي ها، مقصد هي آهي ته هن نقط نظر تي وري بحث مباحثو علمي حلقن ۾ ٿيندو رهي ته اها سٺي روايت آهي. ساڳئي وقت هي به ٻڌائڻ ۾ ڪو اهم ڪونهي ته آءُ ساڳئي موضوع تي نئون ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکي رهيو آهيان، ان جو نالو آهي The Story of Sindhi Language ان ۾ مون پنهنجي نقطِ نظر کي وڌيڪ وضاحت ۽ وڌيڪ چٽائيءَ سان بيان ڪيو آهي، اميد اٿم ته سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن کي پسند ايندو.

آخر ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۽ ان جي (اڳوڻي) پبليڪيشن ڪميٽيءَ جا ٿورا مڃڻ ضروري ٿو سمجهان جن منهنجو ڪتاب ڇپائي مون کي مان ڏنو آهي.

9جنوري، 2009ع سراج

ڪراچي

سندي بولي

فهرست

صفحو		نمبر
17	پيش لفظ	.1
22	ديباچو- محمد ابراهيم جويو	.2
39	باب پهريون: انسان ڳالهائڻ ڪيئن سکيو	.3
56	باب ٻيو: سنڌي ٻولي	.4
117	باب ٽيون: سنڌي تمدن	.5
141	باب چوٿون: موهن جي دڙي جي سنڌي ٻولي (1)	.6
156	باب پنجون: موهن جي دڙي جي سنڌي ٻولي (2)	.7

پيش لفظ

جڏهن به ڪو نئون ڪتاب ڇپجندو آهي، تڏهن ان جا پڙهندڙ ليکڪ جي دل جي ته جي ڳالهه ڳولڻ لاءِ، اول سندس لکيل 'پيش لفظ' ڏانهن ڌيان ڏيندا آهن، پوءِ خود ليکڪ ۽ اديب جي سڃاڻپ ۽ تعارف لاءِ ديباچي يا اڳ کي جاچيندا آهن. هن ڪتاب ۾ به اوهان لاءِ ٻئي شيئون موجود آهن، پر هڪ بنهه نئين مقصد سان. منهنجي دل جي ته جي ڳالهه ڳولڻ ۽ سمجهڻ لاءِ اوهان کي پيش لفظ بدران، ڪتاب جا گهڻ ۾ گهڻ ويهه صفحا ته پڙهڻا پوندا ـ ۽ جيڪڏهن اوهان ويهه صفحا پڙهي ويا ته پوءِ يقين اٿم ته آخري صفحي پڙهڻ تائين اوهان کي منهنجي دل جي ڳالهه بنهه دل تان لهي ويندي، ۽ اوهان جي ذهن ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي سمورين سڀاجهڙين ڳالهين سان، مرڪندي، کلندي، روئندي، ڳائيندي رهندي. ڪتاب ۾ اوهان کي محمد ابراهيم جويي جو مهاڳ به ملندو پر ان ۾ اوهان کي منهنجي ڪا سڃاڻپ، منهنجو ڪو تعارف نه ملندو. هن مون کي تعارف لائق سمجهيو ئي ڪونهي: هن اڳيان ته تعارف لائق فقط هڪ شيءِ آهي ـ ۽ سا آهي هن جي، منهنجي، ۽ اوهان جي سنڌي ٻولي. هن مهاڳ ڇا لکيو آهي، چڱو موچارو تنقيدي مضمون آهي، جنهن جي سنڌي ادب ۾ هڪ مستقل جاءِ رهندي. ابراهيم جويو سنڌ جو اهو سپوت آهي، جنهن لاءِ شيخ اياز کي شاهه لطيف کان هي لفظ اڌارا وٺڻا پيا ته:

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بسنت جي!

هي نحيف و نزاد اديب، جنهن جي لوڻ‌ءَ لوڻ‌ءَ ۾ ساهه پساهه ۾، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا خيما کتل آهن، بلڪل ٻارن جهڙو نٺر شخص آهي، ۽ سندس اها نٺرتا هن ڪتاب جي لکجڻ جو باعث آهي. 1959ع ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو هڪ مضمون، "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ"، "مهراڻ" سماهيءَ ۾ ڇپيو جنهن مضمون منهنجي دل دماغ ۾ هڪ عجيب طوفان مچائي ڏنو هو. سو هڪ ڏينهن ڇپيومانس ته،

"ابراهيم ڊاڪٽر صاحب جن جو مضمون، ماڻهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن لاءِ بنهه غير علمي روايتون ۽ مفروضا عام ڪري ڇڏيندو. ۽ ٻاهريان تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن کي هڪ خيرات تيل ۽ اڌارو سمجهندا."

"تون ڇو نہ ٿو ان جي جواب ۾ ڪو مضمون لکين؟" ڪجهه وقت تہ هو ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ چيائين تہ، "سنڌي ٻوليءَ جي عظمت ۽ اهميت کي اهڙا مضمون ڪو ڇيهو رسائي سگهندا. سا ڳالهه منهنجو ذهن قبول ئي نٿو ڪري، هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ جي اظهار جو اختيار آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جن پنهنجي ان حق کي استعمال ڪيو آهي. تون جيڪڏهن ان کان مختلف راءِ رکين ٿو تہ تون بہ ڪٿي مضمون لک. جيڪا راءِ وڌيڪ علمي هوندي، ان جو ئي زياده تر پڙهندڙ قدر ڪندا!".

ڳالهه آئي وئي ٿي وئي ۽ آءٌ اتان کسڪي ويس. هفتي ڏهن ڏينهن کان پوءِ مليس پهريون سوال اهو ڪيائين _ "مضمون لکيئہ؟" مون چيو "ڪهڙو مضمون؟" تہ چيائين "سنڌي ٻوليءَ تي؟"

آءٌ پشيمان ۽ پريشان، تہ ڇا لکي سراج، ۽ ڇا لکي سنڌيونيورسٽيءَ جي ڊين آف آرٽس، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جهڙي عالم فاضل جي جواب ۾ مضمون! پر نثر ۽ مجذو ابراهيم مسلسل تقاضائن ـ ڪڏهن طعنن مهڻن تہ ڪڏهن پاٻوهہ ۽ همت افزائيءَ سان، مون کان مضمون لکرائي ساهہ پٽيو. جڏهن مضمون شايع ٿيو تہ ڄڻ تہ هڪ هنگامو مچي ويو: ڪن شاٻس ڏني، تہ ڪن ڪچيون گاريون!. ايترو احساس ٿيم تہ جيڪڏهن منهنجي مضمون ماڻهن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي، سنڌن ذهنن کي لوڏي وڌو آهي، تہ ضرور منجهس ڪا ڳالهه آهي. ڊاڪٽر صاحب جن پڻ ان مضمون جي جواب ۾ هڪ مضمون لکيو جنهن جي جواب ۾، مون وري ڪجهہ گذارشون ان جواب در جواب جي جواب ۾ لکيون. پر ان سلسلي 1959ع کان سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن بابت منهنجي ذهن ۾ ڪجهہ اهڙو هيجان پيدا ڪيو جو بيان کان ٻاهر آهي. اوهين ان مان اندازو لڳايو تہ رڳو 1960ع جي سياري ۾ پنج ڇهہ دفعا، موهن جي دڙي جي ويرانين ۾، وڃائتن وانگر،

متي چاڻيندو رهيس. مون کي خواب ۾ بہ موهن جي دڙي جا ماڻهو - چاپڙئين ڏاڙهي، ٻٽون ڪٽ وار، وچان سيند نڪتل- ، ۽ زالون- عاج جي ٻانهين ۽ سان ڪلهي تائين ڍڪيل ٻانهون، نڪ ۾ بولو وارن ۾ ڪاٺ جي ڦڻي وڌل - مون سان سنڌي ڳالهائيندا نظر ايندا هئا. ان سپني جي عالم ۾ ئي، ان کان پوءِ وارا ٽي سال گذاريم ۽ ان وقت ۾ مختلف ٻولين قديم رسم الخطن ۽ ٻين اهڙن موضو... تي ڪتاب چٿيندو رهيس ۽ 1963ع ۾ انهن مان ورتل نہ ٽ ايترا ٿي ويا، جو منهنجو ننڍو ڀاءُ، انعام، جنهن هن ڪتاب جو ٽائيٽل ٺاهي ڏنو آهي، ڏري گهٽ ٻن - ٽن ربين ۾ اهي ڪاغذ رديءَ ۾ وڪڻڻ وارو هو. ان وچ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پنهنجي مضمونن کي، ڪجهہ هار سينگار ڏيئي، اڳي کان اڳرو ڪري، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو. ڪتاب شايع ٿيو تہ يار وري منهنجي پويان پئجي ويا. ابراهيم، اياز، تنوير، رباني، شمشير، گراميءَ جهڙا دلبر، ڪراچي هوٽل يا هوٽل فارويل ۾، ٻنان کير ڪافي، ۽ ٻنان کنڊ چانهہ پياري، (اياز تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي موجودگيءَ ۾، ڪراڙ جي ڪناري تي جن پياري تقاضا ڪئي هئي) - اهي تقاضائون شروع ڪيون تہ "سراج، تنهنجو ڪتاب ڪڏهن ٿو اچي؟" هنن يارن جي سوالن مان تہ ائين ٿي پاتيو جڻ تہ آءٌ پيٽ سان هوس، ۽ هنن کي رڳو منهنجي ويامڻ جو انتظار هو!

خير سائين، ڪتاب لکيم. ۽ اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي. جڏهن ڊاڪٽر صاحب جن جي مضمون جي جواب ۾ مضمون لکيو هوم، تڏهن منهنجو مقصد فقط سندن قائم ڪيل مفروضن ۽ دليلن کي ٽوڙڻ جو هو ۽ ان لاءِ مون هڪ منفي طريقو استعمال ڪيو هو: يعني جيڪي غلط مفروضا سندن مضمون ۾ هئا، انهن کي رد ڏيڻ کي ڪافي سمجهيو هوم. پر ان مضمون ۾ بہ مون اهو چيو هو تہ 'باوجود ان ڳالهہ جي تہ سنڌيءَ ۽ سنسڪرت جو ماٽناٽو ناتو ثابت ٿئي ٿو، سنڌيءَ جي تاريخ سنسڪرت کان بہ ڪهني آهي، ۽ هڪ طرح سان سنسڪرت ۽ ان سان لاڳاپيل تمدن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اسريا آهن.' جڏهن چار سال کن ٻولين جي تاريخ، سنڌي تمدن ۽ موهن جي دڙي متعلق ڪجهہ قدر وڌيڪ مطالعو ڪيم تہ حيرت انگيز

ڳالهيون نظر آيون. سڀ کان اهم ڳالهه تہ اها نظر آئي تہ ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تاريخدانن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تمدن سان بلڪل ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ پئي ڪيو آهي. ٻي ڳالهه جنهن منهنجي ذهن ۾ متر ڪا (سنڌي متر ڪا، نہ عربي مطرقا) هڻڻ شروع ڪيا، سا اها تہ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جو ماٽتاٽو لاڳاپو تہ آهي، پر ائين نہ، جيئن اسان وٽ زبان زد آهي؛ دراصل ڳالهه تہ مرڳوئي ابتي آهي۔ سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي تہ سنڌيءَ جو ان کان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌيءَ طرح نہ سهي، اڻ سڌيءَ طرح سهي. اهو اهڙو احساس ۽ خيال هو جنهن لاءِ مون سمجهيو تہ دنيا مون کي پاڳل سمجهندي، ان لاءِ ثبوت کان سواءِ ڳالهائڻ وات وڃائڻ ٿيندو. اهوئي سبب هو جو مون موهن جي دڙي جي ٻوليءَ ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ جڏهن ان جي پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ ذري گهٽ مون کي "هارٽ اٽيڪ" ٿيڻ واري هئي!

هت آءٌ ڪليل لفظن ۾ اعتراف ڪرڻ گهران ٿو تہ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي حل ڪرڻ متعلق مون کي ڪا خوش فهمي نہ آهي. اڄ تائين ان کي ڪنهن بہ حل نہ ڪيو آهي ـ جيتوڻيڪ ڪوششون گهڻن ئي ماهرن ڪيون آهن. منهنجي هن ڪتاب کي بہ هڪ ڪوشش سمجهڻ گهرجي. عين ممڪن آهي تہ منهنجي ڪوشش بہ قطعي غلط هجي. ان حالت ۾ اميد تہ پڙهندڙ ۽ عالم ان کي هڪ طالبعلم جي ڪوشش ۽ پيار جو پورهيو سمجهي معاف ڪندا. پر جن ڳالهين مون ۾ اميد پيدا ڪئي آهي تہ ممڪن آهي تہ آءٌ صحيح آهيان، سي هي آهن تہ هڪ تہ مون جيڪي نشانين جا ملهہ قائم ڪيا آهن، سي پائدار ملهہ آهن، يعني مون نشانين جو ملهہ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ مٽايو يا ڦيرايو نہ آهي، هر لکت ۾ ساڳيوئي ملهہ قائم رکيو اٿم. ٻيو تہ ملهہ موجوده علم ۽ شاهدين جي بنياد تي قائم ڪيل آهن، ۽ ٽيون تہ انهن ملهن مان بامعنيٰ لفظ پيدا ٿين ٿا، جن ۾ ٻوليءَ جي صورت اهڙي ڪچي ۽ اڻ گهڙيل آهي، جو پڙهڻيءَ جي صحيح هجڻ جو امڪان آهي.

البت هيءَ ڪرشش نهايت محدود آهي. مون وٽ مواد تہ گهڻو ئي آهي، پر ان جي باوجود اصلوڪيون مهرون، ان موضوع سان متعلقہ سمورا ڪتاب ۽ ريسرچ جون سهوليتون مون کي ميسر نہ آهن. اهي چيزون تہ برٽش ميوزيم يا آميريڪا جي ڪنهن اوريئنٽل انسٽيٽيوٽ جهڙن ادارن ۾ ئي ملي سگهن ٿيون. پيو تہ ان ڪم ۾ هٿ وجهڻ لاءِ پئسي ڏوڪڙ جي ڪشادگي ۽ فرصت هئڻ لازمي آهي، جا اسان جهڙن اديبن لاءِ الله سائينءَ کي منظور ئي ڪانهي. موهن جي دڙي متعلق مڪمل ريسرچ ڪرڻ ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جي اهتمام ۽ خرچ کي تہ ڪو علمي ادارو - سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌي اڪيڊمي وغيره منهن ڏيئي سگهي ٿو. پر وري بہ 'يار زنده صحبت باقي' جي چوڻيءَ موجب، حالتون سازگار ٿيون تہ اميد تہ موهن جي دڙي تي وڌيڪ تفصيلي ۽ مڪمل ڪتاب لکي پيش ڪندس.

آخر ۾ آءٌ محترم محمد ابراهيم جويي صاحب جو تهدل شڪر گذار آهيان، جنهن نہ رڳو ڪتاب لکڻ ۾ هر قدم تي همت افزائي ڪئي، پر هن ڪتاب جو عالمانہ مهاڳ پڻ لکيو آهي. هن صاحب مواد جي بيهڪ ۽ ٻوليءَ متعلق نهايت سهڻا مشورا ڏنا ۽ ڪتاب جا پروف پڻ پڙهيا اٿس. آءٌ هميشہ سندس انهن احسانن جي زيربار رهندس. شڪر گذار آهيان پنهنجي والد محمد يعقوب "نياز" جو جنهن هن ڪتاب کي پڙهي، ڪيترن لفظن متعلق مفيد مشورا ڏنا. پنهنجي ڀاءُ، انعام الحق "عزيز" جو بہ شڪر گذار آهيان. جنهن هن ڪتاب جو خوبصورت سر ورق (بنا پئسي وٺڻ جي، فقط هڪ فلم ڏيکارڻ جي عيوض) ٺاهي ڏنو. جن اديبن ۽ دوستن هر وقت منهنجي همت افزائي پئي ڪئي، انهن جو پڻ شڪرگذار آهيان. خاص طرح هيٺين منڙن ماڻهن _ شيخ اياز، تنوير عباسي، غلام رباني، غلام محمد گرامي، شمشير الحيدري، نياز همايوني ۽ اردوءَ جي ممتاز اديب جميل جالبي صاحب جن جو ازحد ٿورائتو آهيان، جن هر قدم تي منهنجي همت افزائي ڪئي آهي.

سراج

ڪراچي
اپريل 1964ع

ديباچو

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "جي چلهہ تي سي دل تي"۔ انساني لاڳاپن ۾ هيءَ ڳالهہ تہ شايد عام طرح صحيح بہ هجي، پر ٻيا ڪيترا معاملا آهن، جن ۾ ڳالهہ مرڳوئي ان جي ابتڙ معلوم ٿي ٿئي. جيئن ڪي چيزون انسان کي بنهہ ويجهڙيون هونديون آهن، تن ڏانهن هن جو ڌيان اڪثر ڪونہ ڇڪبو آهي: مثلاً "ساهہ کڻڻ" آهي، "هلڻ" آهي، انهن ڏانهن عام طرح ڪنهن جو بہ خاص ڌيان ڪونہ ٿو وڃي. ٻولي بہ اهڙين ئي ويجهڙين شين مان هڪ ويجهڙي ۽ هميشه ساڻ رهندڙ شيءِ آهي. ڪڏهن ڪڏهن سو ماڻهوءَ جو خيال ٻوليءَ ڏانهن ضرور ڇڪبو آهي: جڏهن ان جي ٻن هم معنيٰ جملن يا ترڪيبن۔ مثلاً "رت ڳاڙهو آهي" يا "رت ڳاڙهي آهي" منجهان هن کي سوچڻو پوندو آهي تہ ڪهڙي ترڪيب صحيح آهي ۽ ڪهڙي غلط پر اهڙين حالتن ۾ بہ هن جي اڪثر هڪ ئي روش رهندي آهي: يا تہ هو ٻوڙي وڃي اڳيان لکيل ۽ ڇپيل ڪتاب ڏسندو آهي يا وري هڪدم ڪنهن نہ ڪنهن لغت کي وڃي ڦولهيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ سندس اڪثر عقيدو هيءُ هوندو آهي تہ اڳين عالمن ۽ اديبن ٻوليءَ جي اهڙن مسئلن متعلق دائمي ۽ آخرين فيصلا ڏيئي ڇڏيا آهن. عام طرح تہ ڪتابن ۽ لغتن ڏانهن رجوع ٿيڻ جي بہ هو ڪا ضرورت محسوس ڪانہ ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ گرامر جا عام قاعدا ۽ اصول "فاعل"، "مفعول"، "عدد"، "جنس"، "زمان" وغيره متعلق۔ هن جي سامهون هوندا ئي آهن، جن جي آڌار تي هو سمجهندو آهي تہ ٻوليءَ جي اهڙن مونجهارن کي هو آسانيءَ سان حل ڪري سگهي ٿو. پر حقيقت ۾ اهڙن سڌن سنون ۽ ساڳئي وقت کُتل ويچارن دواران ٻوليءَ بابت ڪابہ بنيادي تحقيقات ممڪن نٿي ٿي سگهي. شايد سؤ يا ڏيڍ سؤ سال مس ٿيا آهن، جو ٻوليءَ بابت مطالعي ۽ فڪر جو اهو آسان ۽ ٻاراڻو انداز ڇڏي ڪري، ڪن عالمن ۽ مفڪرن نج علمي ۽ تحقيقاتي بنيادن تي انهيءَ ڏس ۾ سوچڻ ۽ ويچارڻ شروع ڪيو آهي. ٻوليءَ جي صحيح ۽

ڪارائتي مطالعي جو لازمي شرط هيءَ آهي تہ پهريائين ان متعلق عام عقيدن کي يا تہ بنهہ نظرانداز ڪيو وڃي، يا گهٽ ۾ گهٽ انهن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت کي هميشه سامهون رکيو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح ان مسئلي جي ذري پرزي جانچ پڙتال خالص عقل جي روشنيءَ ۾ ٺوس حقيتن جي بنياد تي ئي ڪئي وڃي.

قديم يونانين روزمره جي عام واقعن ۽ بنهہ رواجي ڳالهين تي هڪ عجيب ۽ بي خوف انداز ۾ اورچائيءَ سان سوچيو ۽ ويچاريو ۽ ساري دنيا عام طرح ۽ مغربي دنيا خاص طرح اڄ بہ انهن جي عظيم احسانن کي پيئي ڳائي ۽ انهن مان پنهنجي فڪر جا رستا روشن ڪري، پر اڄ انهن اوائلي يوناني مفڪرن جي ٻڌايل نتيجن تي جيڪڏهن ڪو بنهہ ڳنڍ ٻڌي ويهي رهي، تہ هوند علمي نقطہ نگاهہ کان اهڙي ماڻهوءَ کي شايد ئي "سڌريل انسان" سڏي سگهبو. مثلاً 5 صدي قبل مسيح جو يوناني فيلسوف، هيرو ڊوٽس، پنهنجي ڪتاب "تاريخ" (جلد 2، باب 2) ۾ مصر جي هڪ بادشاهہ، ساميٽيڪس، جي ڳالهہ ٿو ٻڌائي تہ ان بادشاهہ کي هڪ ڀيري اچي خيال ٿيو تہ معلوم ڪجي تہ دنيا ۾ سڀ کان پراڻي ٻولي ڪهڙي هئي. سو ڇا ڪيائين، جو ٻن نون ڄاول ٻارن کي هڪ ٻوڙي ۽ گونگي شخص جي سنڀال هيٺ، هڪڙي جهنگ ۾ ڇڏي ڏنائين. سندس خيال هو تہ ٻي ڪابہ ٻولي، جو هي ٻار ڪين ٻڌندا، سو هو آخرڪار جيڪو پهريون لفظ وات مان ڪيندا، سوئي لفظ انسان جي پهرينءَ ٻوليءَ جو پهريون لفظ هوندو. چنانچہ هنن ٻارن نيٺ هڪڙو لفظ وات مان ڪڍيو - ۽ اهو هو "بيڪوس"، جيڪو فرجين ٻوليءَ جو لفظ هو ۽ معنيٰ هيس "ماني". بس، انهيءَ تجربي جي بنا تي اعلان ڪيو ويو تہ "فرجين" ٻولي انسان جي پهرين ٻولي هئي. هيرو ڊوٽس جي نظر ۾ اهو تجربو فيصلہ ڪن هو - ڇو تہ سندس خيال ۾ ماڻهوءَ جي ڳُهر "ماني" ئي ٿي ٿي سگهي! پر افسوس، جو هيرو ڊوٽس هن تجربي کي بيان ڪندي ان جو هڪڙو تفصيل هيءَ بہ بيان ڪري ٿو تہ ان گونگي ٻوڙي شخص وٽ رڍن ۽ ٻڪرين جو ڌڻ بہ ساڻ هو. رڍون ۽ ٻڪريون تہ ظاهر آهي تہ سواءِ

"ب ي ي ٻ ي ي" جي ٻيو ڪو آواز ڪونہ ڄاڻن. تنهنڪري انهيءَ سوچ پٽاندر تہ وڏيڪ صحيح ڳالھہ ھيءَ ليکي سگھبي تہ دنيا ۾ پھرين ٻولي رڳو ٻڪرين ئي ڳالهائي!

افلاطون پنهنجي هڪ ڊايالاگ، بعنوان "ڪرٽيلَس" ۾ لفظ جي اصليت تي بحث ڪندي، هڪڙو سوال پيش ڪيو آهي: ڇا شين ۽ شين جي نالن وارن لفظن جو باهمي تعلق فطري آهي، يا اُهو انسانن جو هٿراڌو ٺاهيل ۽ روايتي تعلق آهي؟ بس اتان ئي ٻولي وگيان ۾ "لاڳاپي" (Analogy) ۽ "نيارائي" (Anomaly) جو اختلاف شروع ٿيو. "لاڳاپي" جا حامي چوڻ لڳا تہ ٻولي هڪ فطري (يعني قدرت طرفان عطا ڪيل) چيز آهي ۽ منطقي ۽ پيمائتي آهي ـ (يوناني هن عقيدي جا هئا تہ فطرت منطقي ۽ پيمائتي آهي، ۽ رڳو انسان غير منطقي ۽ اڻ پيمائتو آهي) ـ ۽ "نيارائيءَ" جا حامي، جن جو انهيءَ ڳالھہ سان اختلاف هو پنهنجي طرفان ٻوليءَ جي بيهڪ ۽ ڍانچي ۾ بي قاعدگيون ۽ ڏنگايون ڦڏايون ڳوليندا ۽ ٻڌائيندا رهيا. "لاڳاپي" جي حامين جو خيال هو تہ لفظن جي شڪل ۽ بناوت مان سندن اصل ۽ حقيقي معنيٰ لهي سگھجي ٿي ۽ ان مطالعي کي هنن علم اشتقاق (Etymology) سڏيو. "اشتقاق" جو لفظ اڄ بہ عام استعمال ۾ آهي ـ جيتوڻيڪ هاڻي ان جو مفهوم قدري مختلف ليکيو وڃي ٿو.

قديم يونانين پنهنجي ٻوليءَ جو خوب مطالعو ڪيو پر اُهو سڄو سندن هن نظريي تي ٻڌل هو تہ سندن ٻوليءَ جي ڍانچي ۾ انساني فڪر جا همہ گير اظهاري نمونا موجود هئا. چنانچہ هنن گرامر جا عام قاعدا ۽ اصول وضع ڪيا ۽ انهن کي علمي ويس ڏنو پر ظاهر آهي تہ اهي قاعدا فقط هڪڙيءَ ٻوليءَ تائين ئي محدود هئا. ٻيءَ صدي ق.م. ۾ ڊيونيسس ٿرئڪس، ۽ ٻي صدي بعد مسيح ۾ اپالونيس ڊسيولَس انهيءَ فلسفيانہ تعميمي پيرايي ۾ پنهنجا پنهنجا گرامر پيش ڪيا. ٻوليءَ جي جزئياتي مطالعي طور، هومر جي "اِليڊ" ۽ "آڊيسي" ڪتابن جي جيڪا هڪ ٻئي يوناني عالم آرسٽارڪس (144-216 ق.م) تفصيلي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي، سا پڻ پنهنجي وقت جي نهايت

قابل قدر ڪوشش هئي. بهرحال هنن يوناني عالمن جيڪي ٻولي وگيان جي ميدان ۾ هڪ پاساوان ۽ مخصوص نتيجا پيش ڪيا، سي ارڙهين صديءَ تائين بحال ۽ قابل قبول رهيا. ان کان پوءِ عالمن انهن خيالن کي ڇڏڻ شروع ڪيو ۽ اهو عام ويساهہ تہ ٻولي سنئين سڌي ۽ جيئن آهي تيئن خدا جي عطا ڪيل ذات آهي، ان جي بدران ٻوليءَ جي ابتدا متعلق نئين قسم جي سوچ ويچار ۽ تحقيق شروع ٿي، ۽ هلندي هلندي، ان بابت هيٺيان نظريا پيش ڪيا ويا.

(1) ماڻهن جيڪي پنهنجي چوڌاري عام آواز ۽ شور ٻڌا، تن جي نقل ڪرڻ جي هنن ڪوشش ڪئي، ۽ ائين ٻولي شروع ٿي. هِن کي "هو هو" يا "ٻو وو" (the bow vow) جو نظريو سڏيو ٿا.

(2) ماڻهن پنهنجي ماحول ۾ جڏهن ڪي خاص ۽ ڊنگائتا آواز ٻڌا، تڏهن اهڙا آواز ازخود ڪڍڻ شروع ڪيائون، ۽ ائين ٻولي شروع ٿي. هِن کي "ٽڻ ٽڻ" (گھنڊ جي) يا "ڊم ڊم" (the ding dong) جو نظريو سڏيو ويو.

(3) ماڻهن پنهنجن اندروني اڌمن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ خودبخود آواز- ڪاوڙ جا، عجب جا، خوشيءَ جا، ڊپ جا وغيره، ڪڍڻ شروع ڪيا، ۽ ائين ٻولي شروع ٿي. هِن کي "آهہ آهہ" يا "واهہ واهہ" (the pooh pooh) جو نظريو سڏيو ويو. ٻئي پاسي يوناني عالمن جي "علم اشتقاق" بابت جڳ مشهور فرينچ فيلسوف، والٽيئر (1694_1778ع)، انهيءَ حد تائين چئي ڏنو تہ "اشتقاق هڪ اهڙو علم آهي، جنهن ۾ حروف علت جي ڪا اهميت ڪانهي ۽ حروف صحيح بہ ڪنهن خاص شمار ۾ ڪونہ ٿا رهن!"

اِنهيءَ وچ ۾، رومن لوڪن پنهنجي لئٽن ٻوليءَ جا پڻ گرامر مرتب ڪيا، پر انهن کي يوناني ٻوليءَ جي ئي گرامر جي سانچي ۾ ٺهڪائي پيش ڪيائون. چوٿين صديءَ ۾ ڊونيٽس نالي، ۽ ڇهين صديءَ ۾ پيريسيان نالي، لئٽن ٻوليءَ جا بہ گرامر نويس پيدا ٿيا، جن جا گرامر سڄي وچولي زماني ۾ حرف آخر طور شمار ٿيندا ۽ استعمال ٿيندا رهيا. اُنهيءَ سڄي دور ۾ جڏهن

لئٽن ٻولي، ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾ بدلجي سدلجي رومانس (Romance) يعني ڏيهي يورپي ٻولين، جهڙوڪ رومينين، فرينچ، اٽالين وغيره جا روپ وٺي رهي هئي، ٻوليءَ جي تحريري صورت اُهائي ڪلاسيڪي لئٽن واري اختيار ٿيندي رهي.* يورپ جي اڪثر ملڪن ۾ انهيءَ زماني جا عالم ڪلاسيڪي لئٽن جي ئي مطالعي ۾ مشغول رهيا. هن صورتحال جا نشان اڄ ڏينهن تائين مغرب جي اڪثر يونيورسٽين ۾ موجود ڏسجن ٿا، جن جي نصاب ۾ ڪلاسيڪي لئٽن هڪ مضمون طور اڄ بہ موجود آهي. وچولي زماني جي عالمن لئٽن گرامر جا ڪي نوان اصول، مثلاً اسم ۽ صفت جو فرق، وغيره ڳولي ڪڍيا، پر جيڪا تحقيق ۽ جيڪو مطالعو ڪلاسيڪي لئٽن ٻوليءَ جو اڳيان گرامر نويس پيش ڪري چڪا هئا، تنهن جي مثال کي هو پوءِ بہ پهچي ڪونہ سگهيا. جاڪاڻ تہ سندن زماني ۾ ٻولي، ڳالهائجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجو روپ ڪافي بدلائي چڪي هئي، ۽ هو ڪلاسيڪي لئٽن جي بيهڪ ۽ بناوت کي ئي انساني ڪلام جو عين منطقي ۽ مثالي ماڻ ڪري شمار ڪندا رهيا.

هنن عالمن جي پيرويءَ ۾ ڪيترن نسبتاً جديد زماني جي عالمن پڻ گرامر جا ڪتاب لکيا، جن ۾ هنن، پنهنجي پنهنجي پسند ۽ واسطي پٽاندڙ لئٽن توڙي ٻين ٻولين جي بناوت کي منطق جي عالميٰ اصولن جو مظهر ۽ امتيازي مثال ڪري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي گرامر جي ڪتابن مان سڀ کان وڌيڪ مشهور (Grammaire General et Raisonnee) نالي ڪتاب آهي، جو فرانس جي پورٽ رايل شهر جي هڪ خانقاهہ ۾ سنہ 1660ع ۾ لکيو ويو. ٻوليءَ بابت هن قسم جو محض فلسفيانہ طرز جو خيال اوڻيهين صديءَ تائين قائم رهيو. 1801ع ۾، گالفريڊ هَرمن نالي هڪ جرمن عالم ساڳئي قسم جو هڪ گرامر جو ڪتاب[1] تيار ڪيو

* لفظ "رومان"، "رومانوي ادب" پهريائين هر انهيءَ ادبي پيشڪش لاءِ استعمال ٿيو جيڪا لئٽن ٻوليءَ بدران انهن رومانس (يعني ڏيهي) ٻولين ۾ لکي ويندي هئي.

(1) De Emmendanda Ratione Graecae Grammaticare, (1801)

سنڌي لئنگويج اٿارٽي ڪتب خانو
داخلا نمبر 10194 تاريخ 11-6-09

جنهن ۾ هن رڳو هيءُ ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا عالمانہ ٻولي موجود هئي، تہ اها فقط لئٽن ٻولي ئي هئي.

مطلب تہ وچولي دور جي مغربي عالمن لاءِ ڏيان لائق ڪا ٻولي يا زبان فقط لکيل ڪلاسيڪي لئٽن ٻولي هئي، ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ سندن دلچسپيءَ يا ان جي مطالعي جو علمي دنيا ۾ خاص ڪو نشان ڪونہ ٿو ملي. جڏهن يورپ ۾ سجاڳيءَ (Renaissance) جو دور آيو تڏهن البت يوناني ٻوليءَ جو وري ڪجهہ قدر چرچو شروع ٿيو ۽ صليبي لڙاين سبب عربي ۽ هيبريو (عبراني) ٻولين پڻ عالمن جي مطالعي هيٺ اچڻ شروع ٿيون. ساڳئي وقت، هيءُ زمانو عام تلاش ۽ کوجنا جو زمانو هو. ڪيترائي ڏورانهن ملڪن تان موٽندڙ مسافر ڪنهن قدر اتان جون ٻوليون سکي واپس پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن موٽندا ٿي رهيا، ۽ پڻ عيسائي پادرين هٿان مذهبي ڪتابن جا والاريل ملڪن ۾ ترجما ٿيڻ شروع ٿيا. انهن ٻولين جي گرامرن ۽ لغتن ٺاهڻ جون پڻ ڪنهن حد تائين ڪوششون ٿيڻ شروع ٿيون. اسپين جي پادرين 1500ع کان پنهنجي تبليغ جي ڪم سان گڏوگڏ ڪيترين اصلوڪين 'آمريڪي' ٻولين ۽ فلپائين جي ٻولين تي ڪافي ڪتاب لکيا. پر پادرين جي اُنهن ڪتابن کي ٻولي وگيان جي دائري ۾ اڄ ڪا خاص اهميت ڪا نہ ٿي ڏني وڃي. هڪ تہ هنن پادري عالمن کي ڌارين ٻولين جي آوازن سڃاڻڻ جي ڪا خاص تربيت حاصل ڪا نہ هئي، تنهنڪري هو انهن ٻولين کي صحيح صورت ۾ قلمبند ڪري ڪين سگهيا، ۽ ٻيو تہ تڏهوڪي دستور موجب هو پڻ مختلف ٻولين جي گرامرن کي لئٽن ٻوليءَ جي گرامر جي سانچي ۾ ئي پلٽائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. جنهنڪري محنت جي زيان سان گڏ انهن ٻولين متعلق ڪيتري وقتائتي معلومات پڻ جديد ٻولي وگيانين کان گويا هميشه لاءِ گم ٿي ويئي.

دنيا ۾ وٺج واپارجي واڌاري ۽ ملڪان ملڪ ماڻهن جي اچ وڃ سبب بهرحال ڪيترين ئي جاتل سڃاتل ٻولين جا گرامر ۽ لغتون ٺهڻ شروع ٿيون. ارڙهين صديءَ جي آخر ڏاري ٻولي وگيان جي ترقيءَ جو اندازو هن مان

لڳائي سگهجي ٿو تہ روس جي مهاراڻي ڪئٿرين جي چوڻ تي يورپ ۽ ايشيا جي 200 ٻولين جي هڪ تقابلي شبد مالها [1] تيار ٿي، جنهن ۾ 285 لفظ گڏ ڪيل هئا. هن ڪتاب جي ٻي ايڊيشن 1791ع ۾ شايع ٿي، جنهن ۾ وڌيڪ 80 ٻوليون، جن ۾ ڪي آفريڪي ۽ 'آمريڪي' ٻوليون بہ هيون، شامل ڪيون ويون. هن تقابلي شبد مالها جي ترتيب ڪجهہ هن ريت هئي:

انگريزي	ڊچ	جرمن	ڊئنش	سئيڊش وغيره
مئن (Man)	مان	مان	مانق	مان
هئنڊ(Hand)	هانت	هانت	هانق	هانڊ
فٽ (Foot)	وٽ	فس	فوقز	فوت
فنگر (Finger)	وِنگر	فِنگر	فينگقر	فِنگر
هائوس (House)	هوئيس	هائوس	هُقس	هُوس

ٻئي طرف ڪن عالمن پنهنجين ٻولين جي آڳاٽين لکيتن ڏانهن ڌيان ڏنو. هن ڏس ۾ انگريزي ٻوليءَ ۽ ٻين قريبي ٻولين مثلاً فِرسيَن، ڊچ، جرمن، اسڪنڊينيوين ۽ گوٿڪ وغيره جي مطالعي تي فِرئنسِسڪس جونس (1589_1677ع) نالي هڪ ٻولي وگيانيءَ وڏي محنت صرف ڪئي. جارج هائيڪس (1642_1715ع) نالي ٻئي هڪ عالم گوٿڪ ۽ اينگلوسئڪسن ٻولين جو هڪ گرامر [2] تيار ڪيو ۽ پڻ انگريزيءَ ۽ ٻين قريبي ٻولين جي قديم صورتن متعلق هڪ متفرقہ معلومات جو ذخيرو [3] شايع ڪيو.

ارڙهين صديءَ جي هنن عالمن جي ٻولين بابت معلومات مجموعي طور هيٺن بيان ڪري سگهجي ٿي:

---

[1] Linguarium Folis Orbis Vocabularia Comparative-St: Petersburg, 1786-89 – edited by P.S Pallos

[2] Institutions Grammaticae Anglo Saxonicae et Mesogothicae_ Oxford, 1689.

[3] Linguarum Thesaurus_ Oxford, 1705.

(1) ٻوليءَ جون گرامري خصوصيتون عام طرح هنن رڳو فيلسوفي انداز جي تعميمي صورت ۾ بيان ٿي ڪيون، ۽ ٻولين جي پنهنجي پنهنجي الڳ بناوت ڏانهن هنن ڪو خاص ڌيان ڪو نہ ٿي ڏنو بلڪ اهڙن فرقن ۽ تفاوتن کي هُنن لئٽن ٻوليءَ جي گرامر جي سانچي ۾ پچائي، مرڳوئي لٽي ٿي ڇڏيو.

(2) ٻوليءَ جي آوازي صورت تي ويچار ڪرڻ بدران، انکي رڳو لکيل الف ـــ بي جي نشانين سان ئي لاڳاپيل سمجهيو ٿي ويو.

(3) چاڪاڻ تہ هو اِها ڳالهہ محسوس ڪا نہ ٿي ڪري سگهيا تہ ڪلاسيڪي لئٽن ٻوليءَ جو استعمال محض هڪ مصنوعي ۽ خالص علمي مشق جي حيثيت کي وڃي رسيو هو تنهنڪري هو هن ڳالهہ کي چنبڙيا رهيا تہ ٻولي فقط پڙهيل ۽ باخبر ماڻهن جي خاص استعمال سبب ئي محفوظ رهي ٿي سگهي. ۽ رڳو عام ماڻهو جيڪي سندن نگاهن ۾ جٽ هئا، ان کي بگاڙيندا ۽ بدلائيندا ٿي رهيا.

پنهنجي انهي عقيدي ماتحت، هي گرامر جا عالم پنهنجي مرضيءَ موجب ٻولين جا عجيب غريب قاعدا مرتب ڪندا رهيا. جن جو بنياد سندن خيال ۾ منطق تي ٻڌل هو جنهن ۾ اختلاف جي ڪا گنجائش ڪا نہ هئي. هھڙن اٽپورن ۽ غلط خيالن سبب هي عالم گهربل حقيقتن ۽ ٺوس مواد جي موجود هوندي – مثلاً قديم ٻولين جون لکيتون، جهنگلي قبيلن جي اڻ تراشيل ٻولين بابت معلومات، جديد ٻوليون ۽ انهن جون اپڀاشائون، ۽ سڀ کان وڌيڪ، ساڳيءَ ٻوليءَ مثلاً لئٽن، جديد رومانس ٻولين، انگلوسئڪسن ۽ جديد جرمنڪ ٻولين جي تدريجي اوسر بابت شهادتون وغيره. انهن سمورين حقيقتن ۽ ان سچي مواد کي استعمال ڪرڻ کان هو قاصر رهيا. جيتوڻيڪ سندن علم ۾ هيءَ ڳالهہ هئي تہ ڪن ٻولين جي هڪٻئي سان مشابهت آهي، تنهن هوندي بہ انهن مشابهتن جي مطالعي کان هو عذر ڪندا رهيا. چاڪاڻ تہ سندن نظريي موجب اُهي مشابهتون محض اتفاقي بگاڙ جو نتيجو هيون ۽ بس. سندن ذهن ۾ جو هيءَ خيال ويٺل هو تہ

لئٽن ٻوليءَ ۾ ڪا ڦير گهير ڪانہ آئي هئي ۽ اها جيئن اصل هئي تيئن ئي وٽن موجود هئي. تنهنڪري هو ائين سمجهڻ لڳا تہ ٻيون آسپاس جون ٻوليون ئي، اتفاقي بگاڙي سبب، هڪبئي منجهان ڦُٽي نڪتيون هيون. منجهانئن گهڻن هيبريو (عبرانيءَ) کي منڍ جي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ٿي، پر ڪن جي راءِ ان کان الڳ هئي. اٽنٽورَپ جي رهواسيءَ، گوروپيس ڊيڪانس، جو پاڻ ڊچ هو، پنهنجي وطني حب جر مظاهرو ڪنديءَ هيءَ ظاهر ڪيو تہ لئٽن کان سواءِ يورپ جون ٻيون سڀ ٻوليون ڊچ ٻوليءَ منجهان نڪتل هيون.

تقريباً اُنهيءَ زماني ۾، يعني ارڙهين صديءَ جي آخر ڌاري يورپي عالمن کي پاڻنيءَ جي گرامر جي سُڌ پيئي. سنسڪرت جي گرامر جو هيءُ ڪتاب ڪنهن مخصوص مفروضي بدران، حقيقت ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ مرتب ٿيل هو ۽ ان جي وسيلي يورپي عالمن جي سامهون ٻولين جي تقابلي مطالعي جا امڪان پڌرا ٿيا. پاڻنيءَ جي گرامر ٻوليءَ جي ڇيد جو اصول سيکاريو، جنهن موجب ٻولين جي ترڪيبي جزن جي پيٽڻ سان سندن هڪجهڙايون، جيڪي هونئن لڪل ۽ ڍڪيل رهن ٿيون، سي پوري پروسي سان ليجي سگهيون ٿي. سڀ کان اول ٻولي وگيان جي ماهر، وليم جونس (1746_1794ع)، هيءَ وضاحت پيش ڪئي تہ لئٽن، سنسڪرت، انگريزي، فارسي وغيره ڪنهن هڪ ئي قبل از تاريخي ٻوليءَ جون الڳ الڳ صورتون هيون. سندس چوڻ موجب "سنسڪرت، يوناني ۽ لئٽن ۾ ايتري تہ ويجهي مشابهت آهي، جو اُها محض ڪنهن اتفاق جو نتيجو نٿي ٿي سگهي، بلڪ ان مان اهو انومان ڪيڏي سگهجي ٿو تہ اهي ٽيئي ٻوليون ڪنهن هڪڙيءَ منڍ واريءَ ٻوليءَ منجهان ڦُٽيون آهن. جيڪا شايد اڄ ڪٿي موجود ڪانهي، ۽ گوٿڪ (جرمنڪ) ۽ ڪيلٽڪ ٻوليون بہ شايد ان ساڳيءَ ئي منڍ واريءَ ٻوليءَ مان نڪتل آهن"[1]. وليم جونس جي انهيءَ بيان

(1) "Asiatic Researches"- Calcutta, 1788 (1:422)

کان پوءِ يوروپي ٻولي وگيانين جيڪو هند-يوروپي ٻولين جو تقابلي مطالعو ڪيو آهي، سو واقعي هڪ نهايت ڦلدائڪ ڪوشش ثابت ٿي آهي. وليم جونس جو هيءَ چوڻ ته جرمئنڪ ٻولين جو لئٽن، يوناني وغيره ٻولين سان تعلق آهي، سچو ثابت ٿي چڪو آهي، ۽ ساڳيءَ طرح سندس اهو اندازو ڪيلٽڪ ٻولين (آئرش، ويلش، ڪارنِش، وغيره) بابت پڻ صحيح ثابت ٿي چڪو آهي. فارسي، آلباني، هِتِي، ۽ پڻ ڪيترين مشرقي ٻولين، جن جون بنھ مختصر لکيتون ئي موجود هيون، سي پڻ هند-يوروپي سٽ منجهان ثابت ٿي چڪيون آهن.

جيڪڏهن ڪا ٻولي ڪنهن وڏيءَ ايراضيءَ ۾ يا لڏپلاڻ سبب، گهڻين الڳ الڳ ايراضين ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، ته ان ٻوليءَ ۾ جدا جدا هنڌن تي جدا جدا انداز ۽ نموني سان ڦيرگهير واقع ٿيندي. ان ڦير گهير جو نتيجو هيءَ نڪرندو ته مختلف مگر لاڳاپيل ٻوليون وجود ۾ اينديون- مثلاً اِٽالين، فرينچ، پورچوگيز رومينين، ڪئٽالين، اسپئنش ۽ ٻيون رومانس ٻوليون، جن کي هڪ ئي سٽ يا گروهه جون ٻوليون سڏي سگهبو. ساڳيءَ ريت ٻين لاڳاپيل ٻولين جي ٽولن کي پڻ، مثلاً هند- پاڪستاني، سِلاو ۽ ٻين اهڙن ٻولين جي ٽولن کي، جن ۾ پڻ ساڳئي قسم جون هڪجهڙايون موجود ڏسبيون، ساڳئي ئي طريقي سان پيدا ٿيل سڏي سگهبو. هيءَ هڪ خالص تاريخي اتفاق آهي، جو اسان وٽ ٻوليءَ جو اوائلي تحريري رڪارڊ موجود ڪونه آهي. هِنن اصلوڪين اڻ لکيل ۽ هن وقت غير موجود ٻولين کي ٻولي وگيان ۾ پروٽو سلاوڪ، پروٽو جرمئنڪ، پروٽو اِنڊڪ وغيره نالا ڏنا ويا آهن. ان کان پوءِ جڏهن ٻولين جي هنن ٽولن جي وچ ۾ اهڙيون ڪي هڪجهڙايون ڏسجن ٿيون، جيڪي محض ڪنهن اتفاق جو نتيجو نٿيون ٿي سگهن، تڏهن اسان انهن کي هڪ ئي مُک سٽ (هند-يوروپي) جون ٻوليون شمار ڪري ٿا سگهون، ۽ وليم جونس جي چوڻ موجب اِها پختي راءِ قائم ڪري سگهون ٿا ته اُهي سڀئي ٻوليون ڪنهن هڪ ئي قبل از تاريخي

ٻوليءَ منجهان اسريل آهن، جنهن هڪڙيءَ بنهه شروعاتي ٻوليءَ کي ٻولي وگيان ۾ اچ پروٽو- هند- يوروپي ٻولي سڏيو ويجي ٿو.

هند-يوروپي ٻولين جي سلسليوار ڀيٽ جي شروعات سنسڪرت، يوناني، لئٽن، فارسي ۽ جرمئنڪ ٻولين جي فعلي گردانن جي ڀيٽ سان ٿي، ۽ جرمن عالم، فرئنز باپ، سنه 1816ع ۾ هڪ ڪتاب [1] شايع ڪيو جو ان سلسلي جو هڪ بنيادي ڪتاب ليکيو ويجي ٿو. 1819ع ۾ هڪ ٻئي جرمن عالم، جيڪب گِرم، پنهنجي ڪتاب Deutsch Grammatic جو پهريون جلد، ۽ ٽي سال پوءِ 1822 ۾، ان جو ٻيو جلد پڌرو ڪيو. جن ۾ هن جرمئنڪ ۽ ٻين هند-يورپي ٻولين جي وچ ۾ 'صحيح حرفن' جي آوازي مشابهت تي هڪ تفصيلي بيان پيش ڪيو جنهن ۾ جيتوڻيڪ بنيادي طرح ٻولين جي تاريخ جو ئي ورنن ڪيو ويو هو پر ان آوازي مشابهت يا هم آهنگيءَ جي ٻيءَ طرح به هڪ وڏي اهميت هئي. ان مان هيءَ ڳالهه ثابت ٿي تہ جيئن انساني عمل جي ٻين دائرن ۾، تيئن ٻولين جي طويل اوسر ۾، آوازن جو پيدا ٿيڻ ۽ ان ۾ ڦيرگهير جو واقع ٿيڻ پڻ هڪ قسم جي باقاعدگيءَ ۽ ترتيب سان عمل ۾ اچي ٿو.

سنه 1833ع ۾ مٿي ذڪر ڪيل جرمن عالم، فرئنز باپ، هند- يوروپي ٻولين جي تقابلي گرامر جو هڪ تفصيلي ڪتاب [2] پيش ڪيو جيڪو ٻولي وگيان ۾ وڏيءَ اهميت جو ڪتاب شمار ٿئي ٿو. اُنهيءَ سال ساڳيءَ ئي اهميت وارو هڪ ٻيو ڪتاب [3] پڻ هند- جرمئنڪ ٻولين متعلق علم اشتقاق جي موضوع تي شايع ٿيو جنهن جي اشاعت سان ٻولي وگيان ۾ لفظ "اشتقاق" جي آخرڪار هڪ صاف ۽ واضح معنيٰ مقرر ٿي. يوناني عالمن وٽ هن لفظ جو مطلب هيءَ هوندو هو تہ لفظن جي صورت ۽

(1) Franz Bopp: Uber das Konjugations System der San-skritsproche, 1816-Franfurt an Mian.

(2) "Vergelenchende Grammatik des Sanskrit, Zend, Greichischen, Lateinische, Littonischen, Gottischen und Deutschen Sprochen".

(3) H.F. Pott: "Etymologische der Indo-Germanischen"

متعلق شين سان سندن نسبت جو مطالعو ڪيو وڃي. پر هاڻي ان جي معنيٰ هيءَ مقرر ٿي ته ڪنهن لفظ جي تاريخ جو اهڙيءَ ريت مطالعو ڪيو وڃي، جو ٻوليءَ ۾ ان جون پراڻيون صورتون ۽ ٻين لاڳاپيل ٻولين ۾ ان جون اُهي صورتون جيڪي سندس اصل صورت جا ڏار ڏار روپ يا نمونا آهن، اُهي ظاهر ٿي سگهن. اِنهيءَ لحاظ کان انگريزي لفظ مَدَر (ماءُ =mother) جو اشتقاق نا؟ ـ صديءَ جي پراڻيءَ انگريزي لفظ 'مُدور' آهي، جيڪو ـ اڻيءَ سئڪسن جي 'مدار'، پراڻيءَ جرمن جي 'مؤئوتير' (جيڪو نڪتل آهي پروٽو جرمن جي 'مُدير' مان) سان لاڳاپيل آهي. هن لفظ جون اِهي جرمئنڪ صورتون وري سنسڪرت جي لفظ 'ماتا'، اويستا (پراڻي پارسيءَ) جي 'ماتا'، پراڻيءَ آرمينين جي 'ميير'، قديم يونانيءَ جي 'ميتير'، آلبانيءَ جي 'موتِر' (هتي لفظ جي هن صورت جي معنيٰ آهي "ڀيڻ"، جنهن مان ڏسي سگهجي ٿو ته ڪيئن هڪ قديم اصل وارو لفظ معنيٰ ۾ ڦري ٿو) لئٽن جي 'ماتير'، پراڻيءَ آئرش جي 'ماتِر'، پراڻيءَ سلاوڪ جي 'ماتِي'، لٿونين جي 'موتي' (هتي هن جي معنيٰ آهي "زال" — جيڪو البانيءَ ۾ معنيٰ جو ڦيرو ڏنوسون، هي ان جو ٻيو مثال آهي) سان لاڳاپيل آهن. هن لفظ جون اهي مڙيئي صورتون هڪ ئي منڍ واريءَ يعني پروٽو هند-يوروپيءَ جي گهڙيل يا فرض ڪري ورتل لفظ "ماتير" مان نڪتل شمار ڪيون وڃن ٿيون. ياد رکڻ گهرجي ته مثال طور ڪنيل هن لفظ جون اصلوڪيون صورتون ڪا هرورو پراڻي يا وڏيڪ صاف معنيٰ اسان کي ڪا نه ٿيون ڏسين.

هڪ ڳالهه ته صاف آهي ته ڪي ٻوليون هڪٻئي سان ايتري قدر ته مشابهت رکن ٿيون، جو ان کي محض ڪنهن اتفاق جو نتيجو سڏي نٿو سگهجي. هنن مان ڪي مشابهتون ته واقعي اهڙيون آهن، جيڪي رڳو ٻوليءَ جي عام خصوصيتن سبب ئي ائين ڏسجن ٿيون. مثلاً: آواز، پد، لفظ، جملا وغيره، اِهي ته هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ موجود آهن. ۽ اُهي خصوصيتون هر ٻوليءَ جي عمارت لاءِ گويا سرن ۽ گاري جو ڪم ڏين ٿيون. ٻيون به اهڙيون خصوصيتون، مثلاً اسم ـ نما لفظ ۽ فعل ـ نما لفظ، جيتوڻيڪ سيني ٻولين

۾ مشترڪ نہ آهن، پر اُهي ايتري قدر تہ اڪثر ٻولين ۾ موجود آهن، جو ان سبب انهن ٻولين ۾ ڪنهن نہ ڪنهن لاڳاپي جو انومان ضرور ٿئي ٿو. ساڳئي وقت ڪي مشابهتون تہ ٻولين ۾ اهڙيون پڻ آهن جي واقعي صرف اتفاق جو نتيجو آهن. مثلاً، جديد يوناني ٻوليءَ ۾ لفظ "ماٿي" (= اک) ذري گهٽ ملايائي ٻولي جي لفظ "ماٽا" جهڙو آهي، جنهن جي معنيٰ پڻ "اک" آهي. بهرحال، هنن ٻنهي ٻولين جي اوسر جي جيڪا ڄاڻ موجود آهي، تنهن مان چئي سگهون ٿا تہ منجهن اِها مشابهت محض اتفاقي آهي. ملايائيءَ ٻولي ۾ لفظ "ماٽا" ان جي قديم ترين مثالن ۾ پڻ جيئن جو تيئن موجود آهي. پر جديد يونانيءَ جو لفظ "ماٿِي" نڪتل آهي قديم يونانيءَ جي لفظ "آم ماٿِيؤن" مان، جيڪو نڪتل آهي سنسڪرت اصل "آمما" (اک) منجهان. ساڳيءَ طرح ٻيون اهڙيون مشابهتون پڻ آهن، جيڪي ثابت ٿيل آهي تہ اڌاري طور ورتل آهن. مثلاً سنڌيءَ جو لفظ "ڪٽلي" انگريزيءَ جي "ڪيٽل" مان، يا انگريزي لفظ 'پيچ' (Peach) فرينچ جي "پيش" مان، جيڪو هڪ پراڻيءَ فرينچ جي لفظ "پيسڪا" مان جيڪو لئٽن جي "پيرسڪا" مان، جيڪو پراڻيءَ لئٽن جي "پَرسڪا" مان جيڪو وري پراڻيءَ لئٽن جي اصطلاح "پرسيڪا فروٽا" (Perseka Fruta) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ايراني ميوو". ههڙا لفظ يا انهيءَ قسم جا ٻيا خاصا ٻين ٻولين کان اُڌارا ورتا ويندا آهن تہ جيئن ڪنهن سڀيتا ۾ نون عنصرن جي داخلا سبب ٻوليءَ جون پيدا ٿيل ضرورتون پوريون ٿي سگهن. انهي قسم جي اُڌارڻ کي ٻوليءَ جي سهل پسندي سڏي سگهجي ٿي: ڇاڪاڻ تہ جڏهن ڪو سڀيتائي عنصر اڌارو ٿو ونجي، تڏهن ان جو نالو بہ ان سان گڏ کڻي ٿو ونجي. البت اهڙين سڀيتائي ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻولي خالص پنهنجا لفظ بہ گهڙي ٿي، جنهن جو مشهور مثال آمريڪا جي ريڊ انڊين قبيلن ۾ ملي ٿو جن جڏهن ريل جي انجڻ ڏٺي، تڏهن ان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سڏيائون "لوهائون گهوڙو" سنڌيءَ ۾ پڻ ان جا مثال ملن ٿا، جيئن تہ "آگ ڪاڏي" وغيره.

جڏهن ائين ٿو چئجي تہ ٻولين ۾ مشابهت يا هڪجهڙائي سندن لاڳاپي يا سنبنڌ سبب آهي، تڏهن ان جو مطلب هيءُ ٿئي ٿو تہ اهي ٻوليون ڪنهن هڪڙيءَ آڳاٽيءَ ٻوليءَ جون پوءِ پيدا ٿيل صورتون آهن. مثلاً اجوڪي بنگالي ۽ اجوڪي سنڌي ڪنهن هڪڙيءَ آڳاٽيءَ ٻوليءَ مان نڪتل چئي سگهجن ٿيون. پراڻي زماني جي ڪنهن بہ خاص وقت جي نقطي تي آڱر رکي، ائين نٿو چئي سگهجي تہ اِجهو هتان اُها ٻولي بتاً اصلوڪي ٻولي هئِي يا هُئن ٻن يا چئن نين ٻولين جي صورت ۾ ورهائجي ويئي. يا اِجهو هن وقت کان اجوڪي سنڌي ٻولي وجود ۾ آئي يا اجهو هِتان اجوڪي بـنگالي ٻولي شروع ٿي. مجموعي طور ٻوليءَ جي منڍ ۽ قبل از تاريخي دور کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻولي وگيانين جي جاکوڙ ۽ کوجنا ڪنهن گڏيل ۽ پروسي جهڙي نتيجي تي اچا ڪانہ پهتي آهي.

ٻولي هڪ سدا وهندڙ درياءَ آهي، ۽ سندس رخ بدلائڻ جا، سندس سموري طيءَ ٿيل اکٽ رستي تي، ڪي بہ کليل ۽ هڪ هنڌاوان نشان ڪونہ ٿا ملي سگهن. ڪهڙين حالتن ۾ ٻولي پنهنجا رخ بدلائي ٿي، صرف اِها ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي ۽ بيان ڪري سگهجي ٿي. ساڳي ٻولي ڳالهائڻ وارا ماڻهو خاص طرح ان جي لکيل صورت ۾ اچڻ کان اڳ، جڏهن ٽولن ٽولن ۾ ورهائجي، جاگرافيائي طور هڪٻئي کان علحده ٿي وڃن ٿا، ۽ منجهن ڪو جماعتي سنبنڌ ڪونہ ٿو رهي، تڏهن پنهنجي پنهنجي خاص ماحول ۽ الڳ الڳ روزمره جي ضرورتن پٽاندڙ سندن ٻوليءَ ۾ آوازن، اچارن ۽ لفظن جي ذخيري، ساڳين لفظن جي الڳ معنائن ۽ پڻ اهڙين ڪيترين ئي ڳالهين ۾ علحدگي ۽ اختلاف اُيري ٿو ۽ جيترا جيترا اُهي ٽولا پنهنجي پنهنجي نئين ماحول ۾ پنهنجو پنهنجو اندروني ۽ باهمي سنبنڌ قائم ڪري، پنهنجي پنهنجي تاريخ جا ڪي دور گذارين ٿا، ايتريون ئي صورتون سندن اصلوڪي ٻولي اختيار ڪري وٺي ٿي. انهيءَ ڪري، ماڻهن جي ڪنهن خاص تعداد جو هڪڙي ڪا خاص ٻولي ڳالهائڻ هڪ اهڙي تہ عظيم ۽ انتهائي گنڀير حقيقت آهي، جنهن جي اهميت جو اندازو ثقافتي توڙي سياسي

ميدانن ۾ پوريءَ ريت لڳائي ٿي نٿو سگهجي. ٻولي ٿي آهي، جنهن جي بنياد تي قوم جو مخصوص مزاج ۽ علحده وجود نهي ٿو ۽ قائم رهي ٿو. سون، هزارن بلڪ لکن سالن جي تاريخي پس منظر ۾ ٿي ٻولي پنهنجي مستقل ۽ علحده صورت اختيار ڪري ۽ قائم رکي سگهي ٿي. قومون پڻ پنهنجي تاريخ ۾ ايتريون ئي قديم آهن، جيتريون سندن علحده علحده ٻوليون.

جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن ان جو ڀهريون ڌيان پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي. اسان جي عزيز دوست، محترم سراج صاحب، جو هيءَ ڪتاب ان نوع جي هڪ اهم ڪوشش آهي. لائق مصنف هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ تي پنهنجو مطالعو پيش ڪيو آهي، جنهن مان هن جي جذبي ۽ هن جي محنت جو اندازو پڙهندڙ پاڻ لڳائي سگهندا. سنڌي ٻوليءَ بابت ڪن عام ۽ ڪن خاص راين کي هن ڪتاب ۾ رد ڪيو ويو آهي، ۽ ان بابت هڪ نئون نظريو پڻ پيش ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ لاءِ اڃا به ائين چوڻ ته اُها يارهين يا ٻارهين عيسوي صديءَ ڌاري پيدا ٿي، جديد ٻولي وگيان جي روشنيءَ ۾ هڪ نهايت ڪسي ۽ بي بنياد راءِ چئي سگهجي ٿي. عربيءَ جو سنڌيءَ تي اثر پڻ صرف هن حد تائين مڃي سگهجي ٿو ته ٻنهي ٻولين هڪٻئي کان اڌارا لفظ ورتا آهن. سنڌيءَ وڏيڪ ۽ عربيءَ گهٽ ۽ اها صورتحال ٻولين جي سهل پسنديءَ جي اصول مطابق عين ممڪن به آهي ۽ اٽل پڻ. ان کان وڌيڪ هيءَ چوڻ ته سنڌيءَ کي حرف علت (vowels) (سي به اڪري صورت ۾ نه پر آوازي صورت ۾!) عربيءَ کان مليا، يا عربي صرف نحو جا قاعدا سنڌيءَ قبوليا، وغيره. 'اهڙو آهي، جو ان لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ بنڪ (Bunk) آهي سوئي ڪم آڻجي ته سونهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ قائم ڪيل اهڙن هٺراڌو مفروضن کي سراج صاحب پختن دليلن سان رد ڪيو آهي.

لائق مصنف هن ڳالهه جي مڃڻ کان به انڪاري اهي ته سنڌي ڪا سنسڪرت جي ڄائي آهي. ان باري ۾ سندس راءِ هيءَ آهي ته (هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت (۽ ٻيون اڪثر هند-پاڪستاني ٻوليون) سيئي

ڪنهن هڪڙي ساڳيءَ آڳاٽيءَ (اوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن. جنهن کي پڻ هو "سنڌي" سڏي ٿو پر جنهن لاءِ هو شايد "پروٽو - سنڌي" يا "پروٽو-انڊڪ" (يا "پروٽو هند-يورپي") لفظ استعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون سمجهندو. ان آڳاٽيءَ ٻوليءَ متعلق سندس راءِ آهي ته اُها اصل هتي سنڌو ماٿريءَ ۾ ئي پيدا ٿي، ۽ سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو ئي ٻوءِ ان کي هند-پاڪستان جي ٻين حصن ۽ ان کان ٻاهر ٻين ملڪن ڏانهن پاڻ سان کڻي ويا. جتي اُها ماحول جي تبديليءَ ۽ نين ضرورتن سبب الڳ الڳ ٻولين جي صورت اختيار ڪري ويئي. بلڪل اهڙيءَ ريت. جيئن ڪجهه پوءِ واريءَ منزل تي رومن لوڪن جي لئٽن ٻوليءَ مان، اڳتي هلي، خود ان ملڪ جي اٽالين ٻولي ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جون ٻوليون ڦٽي نڪتيون، جن کي رومانس ٻولي جون ٻوليون چيو وڃي ٿو. لائق مصنف ان آڳاٽيءَ ٻوليءَ جا تحريري نشان موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي مهرن ۾ موجود سمجهندي، انهن مهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ جيڪي پڙهٽيون هو قائم ڪري سگهيو آهي، تن مان هو اِهو نتيجو ٿو ڪڍي ته اسان جي (هاڻوڪي) سنڌي ٻولي سڏيءَ طرح ان آڳاٽيءَ ٻوليءَ جي اُسريل ۽ ترقي يافته صورت آهي. پنهنجي ٻوليءَ جو ايڏو قديم ۽ ايڏو عظيم اصل معلوم ڪري، هر سنڌيءَ کي خوشي ٿيندي ۽ ان تي اسان مان هرڪو بجا طور فخر محسوس ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ جي عظمت ۽ شان کان الڳ اسان جي ڪا عظمت، اسان جو شان ڪونه آهي.

حيدرآباد، سنڌ

20 اپريل، 1964ع — محمد ابراهيم جويو

باب: پهريون
انسان ڳالهائڻ ڪيئن سکيو؟

سنڌي ٻوليءَ تي ڪجهه لکڻ کان اڳ اهو ضروري آهي ته پهرين ڪن بنيادي ڳالهين جو اڀياس ڪجي، جن مان لسانيات يا ٻوليءَ - ڄاڻ جي انهن مڃيل اصولن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿي سگهي، جن جي ڪسوٽيءَ تي سنڌي ٻوليءَ کي پرکڻو آهي. ٻولين جي ابتدا لاءِ ڀاشا وگيان – علم اللسان – جا مڙئي ماهر هڪ ڳالهه تي يڪراءِ آهن ته هاڻوڪي سائنسي ترقيءَ جي باوجود، پوري يقين سان ائين چوڻ ناممڪن آهي ته انسان جي ڳالهائڻ ۽ ٻولين جي ابتدا ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪٿي ٿي. ٻولين جو جيڪو علم اسريو آهي، سو لکيل ٻولين جي مطالعي منجهان، ۽ انهيءَ کي بنياد بنائي، انسان جي ڳالهائڻ بابت نظريا قائم ڪيا ويا آهن. ٻوليون مختلف تمدنن، تهذيبن ۽ سڀيتائن جو ماڻ آهن۔ ۽ اها هڪ فطري ڪمزوري انسان ۾ آهي ته پنهنجي پنهنجي تمدن کي بهتر ثابت ڪرڻ لاءِ، هر ڪا قوم پنهنجي ٻوليءَ جي قدامت ۽ شاهوڪاري ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي. ڪڏهن ان ڪوشش جي پس منظر ۾ قوميت جو احساس هوندو آهي ته ڪڏهن مذهبي تنگدلي.

سترهين صديءَ ۾ علم لغت جي هڪ سويڊش ماهر اهو نظريو پيش ڪيو ته ڪائنات خلقڻ وقت الله سائينءَ سويڊش زبان ۾ ڳالهايو حضرت آدم ڊئنش ٻوليءَ ۾، شيطان فرينچ ۾. مسلمانن ۾ اهو عام عقيدو آهي ته حشر جي ڏينهن پڇاڻو عربي زبان ۾ ٿيندو ۽ لوح محفوظ تي انسانن جون تقديرون عربيءَ ۾ اُڪريل آهن! هندن ۾ وري اهو عقيدو عام آهي ته برهما ۽ ايشور ته ٺهيو پر سمورن ديوتائن ۽ اوتارن جي ٻولي سنسڪرت آهي! 1934ع ۾ ترڪيءَ ۾ اُتان جي ٻولين جي ماهرن جي هڪ ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن ۾ يڪراءِ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته دنيا جي سمورين ٻولين جي ماءُ ترڪي ٻولي آهي، ۽ سڀني ٻولين جا مڪيه لفظ ترڪي لفظ "غونس"

بمعنيٰ "سچ" مان نڪتا آهن، ڇاڪاڻ تہ سچ ئي پهرين شيءِ هئي، جنهن انسان جي ذهن کي اول متاثر ۽ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو! هرڪا قوم خاص ڪري پنهنجي مقدس لکيتن جي ٻوليءَ کي سڀ کان قديم ۽ انسان جي فطري زبان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.[1]

اهي تہ ٿيا مذهبي عقيدا، ۽ مذهبي عقيدن سان عقل هميشہ جنگ جوٽيندو آيو آهي. هاڻ اچو تہ ٻولين جي ابتدا بابت نظريا جاچيون. انهن مان ڪي اهڙا نظريا آهن، جن کي نيم-سائنسي چئي سگهجي ٿو. انهن مان هڪ نظريو مشهور سائنسدان ڊارون (Darwin) پيش ڪيو هو. هن نظريي موجب ٻولين جو بنياد وات جو سانگ يا اشاري بازي (mouth pantomime) آهي، جنهن ۾ آواز جي تنتن، لاشعوري طرح، هٿن پيرن جي حرڪتن ۽ اشارن جي اهل ۽ نقل ڪرڻ شروع ڪيو. ڪنهن بہ مقصد لاءِ، جڏهن انسان هٿن جا اشارا ڏيڻ شروع ڪيا، تڏهن آوازي تنتن بہ هوبهو هٿن جي نموني تي ڦهلجڻ ۽ سُسڻ سان، انهن جو نقل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ائين ڪندي ڪندي، انهن ۾ آواز پيدا ڪيا، جيڪي هزارها سال گذرڻ سان ڪنهن معنيٰ جا حامل ٿيا!

ٻيا بہ ڪيترا اهڙا نظريا ٻوليءَ-ڄاڻ جي ماهرن ۾ عام آهن، پر هرڪو ڄاڻو اها ڳالهہ مڃي ٿو تہ انهن نظرين جي صحت جو ڪو خاص ثبوت وٽن ڪونهي. اهي نظريا نہ رڳو محض ظني آهن، پر انهن کي نالا بہ عجيب ۽ کل جهڙا ڏنا ويا آهن.

"ڊنگ ڊانگ" يا گهنڊ واري نظريي موجب آواز ۽ معنيٰ ۾ هڪ ماورائي تعلق آهي. ٻين ماورائي ڳالهين وانگر هن ماورائي نظريي کي بہ سائنسي علم ۾ ڪا جڳهہ نہ ملي سگهي آهي!

"پوهہ — پوهہ" نظريي موجب ٻولي اصل ۾ انساني جذبن جهڙوڪ

(1) Max Muller,_ Collected Works: pp.146_47. "The language of their sacred writings is by many people taken either for the most ancient language, or for the natural language of mankind."

حيرت، ڊپ، خوشي ۽ سور وغيره پيدا ٿيڻ وقت بي ساخته پيدا ٿيندڙ بي معنيٰ آوازن مان اُسري آهي.

اهڙا ٻه نظريا ٻيا آهن: "يو– هي–هو" ۽ "سنگ–سانگ"، جن موجب انساني ٻولي جسماني پورهئي ڪرڻ وقت نڪرندڙ آواز يا ابتدائي بيَ معنيٰ رڙين مان پيدا ٿي. هڪ ٻيو نظريو "ٽا–ٽا" به ڊارون جي نظريي مطابق جسم جي عضون جي حرڪتن جي نقاليءَ تي مبني آهي.[1]

ويهين صديءَ جي هڪ ماهر "اسٽرٽيوانٽ" هڪ عجيب نظريو پيش ڪيو آهي، جيڪو جيتوڻيڪ بظاهر عقل ۾ نه ٿو اچي، پر منجهس ڪافي حد تائين سچائي آهي، هو چوي ٿو ته جيئن ته انسان جا سمورا ارادا ۽ جذبا لاشعوري طرح ۾ بيساختگيءَ سان نگاهه، اشاري، ڪنهن جسماني حرڪت يا ڪنهن آواز جي وسيلي ظهور حاصل ڪن ٿا، ان ڪري شعوري ۽ ارادتاً پيدا ٿيندڙ اظهار جا طريقا – جن مان ٻولي يا ڳالهائڻ به هڪ آهي، اوائلي طرح ضرور ڊونگ ڪرڻ، يا ٺڳڻ جي نيت سان وجود ۾ آيا هوندا! جيڪي ماڻهو سياسي تقريربازيءَ، مذهبي وعظ ۽ ڀنيلائيندڙ مسئلن جي اهڙين لفاظين جي ٻڌڻ تي هريل آهن، انهن کي هن نظريي جي مٿاڇري سچائيءَ جو ضرور احساس ٿيندو![2]

هڪ نظريو جنهن تي اڪثر ماهر متفق آهن، پر جنهن جو ثبوت ملڻ مشڪل آهي، سو آهي فطري آوازن جو نظريو. آءٌ ذاتي طرح ان نظريي کي ئي نسبتاً صحيح نظريو سمجهان ٿو ۽ ٻين ٻولين ۾ ان جو ثبوت ملي نه ملي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جا ڪافي ثبوت ملن ٿا، ۽ اسان جي ٻوليءَ مان ان نظريي کي ڪافي تقويت ملي ٿي. ان نظريي موجب، جڏهن انسانن کي پنهنجي غارن واري اوائلي حياتيءَ ۾ فطري عناصرن سان واسطو پيو، تڏهن هو فطرت کان ڪيتريون ڳالهيون سکڻ لڳو. انسان ٻاهه به ته قدرت جي

(1) هنن نظرين جي تفصيل لاءِ ڏسو:

Mario Pei. "The Story of Language": Chapter II, pp. 18–24.

(2) Edgar H. Sturtevant – "Introduction to Linguistics" Pp.48-49

اتفاقات مان سکيو. کنوڻ جي ساڙڻ، يا وڻن جي پاڻ ۾ گسڻ سان باهہ پيدا ٿيندي ڏسي ٿي انسان باهہ ٻارڻ سکيو. فطرت ۾ ڪيترائي آواز ۽ شور غل سمايل آهن. انهن آوازن جي نقالي ڪندي ڪندي، انسان پنهنجا آواز پيدا ڪرڻ لڳو ۽ انهن آوازن کي اهي ئي معنائون ڏيڻ لڳو جيڪي فطرت جي آوازمان ظاهر ٿي ٿيون. ايتري قدر جو جهنگ جي جانورن ۽ پکين جي ٻولين بہ هن کي نوان نوان آواز ۽ نوان نوان لفظ ٿي ڏنا. ان طرح، ٿيندي ٿيندي، پنهنجي جذبن جي اظهار ڪرڻ ۾ انسان کي سوين ورهيہ لڳي ويا هوندا. ان ۾ ايترو ضرور خيال ۾ رکڻو آهي تہ جتي جتي انساني زندگي نسري، اُسري هوندي، اتي جي فطري آوازن مطابق بنيادي ٻوليون ٺهيون هونديون ۽ اهي ٻوليون جيئن تہ اهڙي ساڳئي ۽ عام محرڪ مان هيون، ان ڪري لازمي طور انهن ۾ ڪافي هڪجهڙائي هوندي.

ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ ليبنز (Leibniz) پهريون شخص هو جنهن اهو نظريو پيش ڪيو تہ انساني ٻوليون ڪنهن تاريخي طرح محفوظ ٿيل ذريعي مان پيدا نہ ٿيون آهن، پر ڪنهن اوائلي "ڳالهائجڻ" واريءَ ٻوليءَ مان پيدا ٿيون آهن. اهڙوئي ساڳيو نظريو ويهين صديءَ جي اطالوي ماهر ٽرمبيٽيءَ (Trombetti) پيش ڪيو جنهن ان ڳالهہ تي بحث ڪندي، ٻڌايو تہ انجيل ۾ ذڪر ٿيل بابل جي مناري واري ڳالهہ ڪم از ڪم استعاري طور تہ صحيح آهي تہ سمورين ٻولين جو بنياد هڪڙو آهي.[1]

تاريخ ۾ ٽي چار ڪوششون اهڙيون بہ ڪيون ويون آهن، جن ۾ ٻارن کي ڄائي ڄم کان پري اڪيلائيءَ ۾ بند ڪري ڇڏڻ جا تجربا ڪيا ويا آهن، تہ جيئن اهو پتو پوي تہ اهي ٻار پنهنجي ڪا ٻولي پيدا ڪن ٿا يا نہ، يا فطري طرح هنن ۾ ڳالهائڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي يا نہ. پهريون اهڙو تجربو مصري بادشاهہ سٽمٽيخوس (Psammetichos) ڪيو ۽ ٻيو تجربو سسليءَ جي بادشاهہ فريڊرڪ ٻئي 1200ع ۾ ڪيو ۽ ٽيون تجربو 1500ع

(1) Mario Pei_ "The Story of Language" pp. 18_24

جي لڳ ڀڳ اسڪاٽلنڊ جي بادشاھ جيمس چوٿين ڪيو هو. هندستان ۾ تقريباً ساڳئي زماني ۾ اڪبر بادشاھ پڻ اهڙو تجربو ڪيو هو. پر انهن وقتن ۾ جيئن تہ اعتبار جوڳا ۽ ڪارآمد سائنسي وسيلا ميسر ڪونہ هئا، ان ڪري انهن تجربن مان ڪجھ بہ ثابت نہ ٿي سگهيو.

هاڻوڪي زماني ۾ بہ اهڙا مثال ٿيا آهن، جن ۾ ننڍڙا ٻار ڪافي عرصي تائين گهڙن، ڪتن يا باندرن سان گڏ انساني صحبت کان سواءِ رهيا آهن، پر انهن جي مثالن بہ ٻولين جي ابتدا معلوم ڪرڻ ۾ ڪا مدد نہ ڪئي.

انهن سمورن نظرين ۽ راين مان هڪڙو لازمي نتيجو هي ٿو نڪري تہ شايد سموريون انساني ٻوليون ڪنهن هڪ ئي بنيادي مک ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون. هي ٻوليون اهڙين قومن وٽ رهيون، جيڪي ٻاهرينءَ دنيا کان بلڪل ڪٽجي ويون، ۽ اهي ٻوليون بہ انهن انسانن سان گڏ فنا ٿي ويون: انهن کي دفن ٿيل ٻوليون (Fossilized Languages) سڏجي ٿو. ٻيون ٻوليون اهڙين قومن وٽ رهيون، جيڪي روزگار جي ڳولا ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ٻئي هنڌان ٽئين هنڌ لڏينديون رهيون، ۽ ان ڪري سندن ٻوليون بہ بدلجنديون رهيون، ۽ نيون ٻوليون ۽ محاورا وجود ۾ ايندا ويا. ٻولين جي انهيءَ ورهاست لاءِ بہ نظريا پيش ڪيا ويا آهن: هڪ موجب مک ٻولي وڻ جي ٿڙ مثل آهي، ۽ ٻيون ٻوليون ان ٿڙ مان ڦٽندڙ ٽارين وانگر. ٻئي نظريي موجب، جنهن کي 'لهرين وارو نظريو' (Wave theory) سڏيو وڃي ٿو اهو چيو وڃي ٿو تہ جهڙيءَ طرح پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائڻ سان، ان ۾ لهريون پيدا ٿين ٿيون، بلڪل اهڙيءَ طرح انساني تمدن ۾ اٿل پٿلن جي ڪري لهرين وانگر نيون نيون ٻوليون پيدا ٿيون.

ڪيترن ئي ماهرن جي هميشه اها آرزو رهي آهي تہ هو سمورين ٻولين جو بنياد ڪنهن هڪ ئي مک ٻوليءَ ۾ ڳولي لهن. اهي ڪوششون اڃا ڪامياب نہ ٿيون آهن. ٻوليون وقت جي گذرڻ سان ايترو تہ بدلجي ٿيون وڃن، جو تاريخي لکيل مواد نہ هجڻ جي صورت ۾ اهو چوڻ مشڪل آهي تہ ڪا خاص ٻولي ڏھ هزار ورهيہ يا پنج هزار ورهيہ اڳ ڪهڙيءَ شڪل

صورت ۾ هئي. اهو تہ ڪن ٻولين جو تاريخي مواد ملي پيو آهي، جنهن ڪري انهن ٻولين جي قريبي پراڻين صورتن بابت ڪجهہ علم حاصل ڪري سگهيا آهيون. نہ تہ اڄا تائين سوين ٻوليون اهڙيون موجود آهن، جن جي ٽي سو سال اڳ ڪهڙي صورت هئي، ان جو پتو لڳائڻ بہ مشڪل آهي.

ان جي باوجود، عالمن وڏيون محنتون ڪري، ڪي بيش بها نتيجا ڪڍيا آهن. انگريزي، آئرش، روسي، اسپيني، يوناني، الباني، آرمينائي ۽ فارسيءَ جهڙين مختلف ٻولين ۾ جڏهن ڪين هڪ بنيادي وحدت نظر آئي، تڏهن هنن اهو اهڃاڻ ڏنو تہ شايد اهي سموريون ٻوليون ڪنهن هڪ ئي مک ٻوليءَ جون ڌيئرون آهن. يعني انهن جو ڪو ساڳيو ئي بنياد آهي. ٻئي طرف وري عربي، عبراني، حبش جي امهارڪ ٻوليءَ ۽ قديم بئبيلان، اسيريا، فونيشيا ۽ ڪارٿيج جي ٻولين ۾ بہ هڪ خاص بنيادي وحدت نظر اچي ٿي، جنهن جي ڪري چئجي ٿو تہ انهن جي ماءُ – ٻولي بہ ڪا هڪڙي ئي آهي. فنش (فنلئنڊ جي ٻولي)، هنگيرين، ترڪي ۽ ايشيائي روس جون گهڻيون ٻوليون هڪ جدا گروهہ ناهين ٿيون، جن جو هاڻ هند-يورپي ٻولين سان قديم لاڳاپو ثابت ڪيو ويو آهي. چيني، برمي، ٿائي ۽ تبيٽي ٻولين جو پنهنجو جدا گروهہ آهي، ساڳيءَ طرح ذڪرڻ هندستان جي دراوڙي ٻولين – تامل، تليگو ڪئنارين مليالم، منڊا، ۽ بروهي وغيره جو گروهہ الڳ آهي. ملايو- پالينيشيا جون ٻوليون الڳ گروهہ ۾ شمار ٿين ٿيون. جپاني ۽ ڪوريائي ٻوليون جدا گروهہ سان تعلق رکن ٿيون. ان طرح آفريڪا جي ٻولين جا بہ جدا جدا گروهہ _ 'بانٽو' وغيره سڏجن ٿا. آمريڪا جي ڳاڙهن هندستانين (Red-Indians) جي ٻولين جو وري گروهہ بلڪل جدا آهي. اهي سمورا مختلف ٻولين جا گروهہ آهن، جن جي اصل ۾ جدا جدا ڪا مک ٻولي هئي، ۽ اهي مک ٻوليون وري ڪنهن پراچين سمي ۾ شايد هڪ ئي بنياد مان اسريون ۽ ايريون.

سنڌي ٻوليءَ جي گروهہ لاءِ موجوده نظريو اهو آهي تہ سنڌي، هند-يورپي ٻولين جي گروهہ مان آهي (جنهن کي جرمن عالم هند-

جرمنڪ (Indo-Germanic) گروهہ سڏين ٿا) ان گروهہ کي اهو نالو ان ڪري ڏنو ائن، جو انهيءَ ڪٽنب ۾ سموري يورپ کان وٺي اتر هندستان وارن ملڪن جون اڪثر ٻوليون اچي وڃن ٿيون. هند-يورپي ڪٽنب جي اڪثر ٻولين ۾ هڪ کان وٺي ڏهن تائين انگن، گهر جي ڀاتين جي سڱن جي نالن، ۽ ٻين ڪيترن بنيادي لفظن جا منڍ ساڳين ڌاتن ۾ ڳولي سگهجن ٿا. سنڌيءَ جي ان گروهہ ۾ ڪهڙي حيثيت آهي، ان تي تفصيلي بحث ايندڙ صفحن ۾ ڪيو ويندو.

انهيءَ انڊو-يورپين ڪٽنب ۾ بہ علائقائي ويجهڙائيءَ جي بنياد تي، ننڍا ننڍا گروهہ ٺاهيا ائن، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

(1) **جرمنڪ گروهہ** جنهن ۾ انگريزي، جرمن، ڊچ، فليمش ۽ ٻيون ويجهيون لاڳاپيل ٻوليون شامل آهن.

(2) **رومانس گروهہ** جنهن ۾ لئٽن، فرينچ، اسپيني، پورچوگيز اٽالين، رومانين، ڪئٽلن، ساربينين ۽ سئٽزرلئنڊ جي رومانش ٻولي شامل ڪيون وڃن ٿيون.

(3) **سلاوڪ گروهہ** جنهن ۾ روسي، پولش، آئرش، گئلڪ، مئنڪس، برٽونڪ (ويلش، بريٽن ۽ ڪارنش)، ۽ گال ٻوليون اچن ٿيون.

(4) **يوناني گروهہ** جنهن ۾ يوناني، آرمينائي، الباني ٻوليون شمار ٿين ٿيون.

(5) **هند-ايراني گروهہ** جنهن ۾ پهلوي، فارسي، پشتو بلوچي ٻوليون شامل آهن.

(6) **هند-آريائي گروهہ** جنهن ۾ پالي، هندي، بينگالي، اُڙيا، راجستاني، مرهٽي، سنڌي وغيره ٻوليون چيون وڃن ٿيون، جن کي سنسڪرت جي پراڪرتن مان ڦٽل شمار ڪيو وڃي ٿو.

انهن سمورين ٻولين کي گڏي "**هند-يورپي**" ٻوليون سڏين ٿا. ڪجهہ سال اڳ انهن کي انڊو – آرين ٻوليون يعني **هند-آريائي** ٻوليون

چيو ويندو هو پر تاريخي طرح آرين جي مُک قوم هجڻ وارو نظريو هاڻ مشڪوڪ ۽ افسانوي سمجهيو وڃي ٿو ان ڪري ٻولين کي هند-آريائي جي بدران هند-يورپي ٻوليون چيو وڃي ٿو. آرين جي مک قوم واري مسئلي تي اڳيان ڪنهن باب ۾ بحث ڪيو ويو آهي.

انهن ٻولين کي هڪ ئي گروهه جون ٻوليون ان ڪري چيو ويو آهي، جو بنيادي طرح ڪيترين ئي ڳالهين ۾ اهي ٻوليون هڪٻئي سان لاڳاپيل نظر اچن ٿيون. ٻولين کي جن بنيادن تي هڪ ئي گروهه يا اصليت جون ٻوليون سڏجي ٿو انهن جي اڀياس کي ڀيٽ وارو طريقو يا نسبتي طريقو سڏجي ٿو. ضروري آهي ته انهيءَ نسبتي طريقي (Comparative Method) جو مختصر احوال ڏجي.

جڏهن هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ قبيلو ڪن سببن جي ڪري، حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو تڏهن سندن ٻولي به مختلف صورتون اختيار ڪرڻ لڳي ٿي، ۽ رفتي رفتي اهي مختلف صورتون خود جدا ۽ الڳ حيثيت رکندڙ ٻوليون بنجي وڃن ٿيون. جڏهن ان قوم يا قبيلي جي ڪن ڪٽنبن کي لڏي پلاڻي ڪا وڏي مسافري ڪرڻي پوي ٿي، يا جڏهن ڪي ڪٽنب سمنڊ جهاڳي، يا پربت پار ڪري، دنيا جي ڪنهن ٻيءَ ڪنڊ ۾ پهچن، يا منجهن ڪو اهڙو ڏاريو قبيلو اچي گڏ رهڻ لڳي، جو هنن ۾ جذب ٿيڻ سان گڏ هنن تي نمايان اثر ڪرڻ لڳي ۽ اهي تبديليون جڏهن ڪجهه صديون قائم رهن، تڏهن ٻوليون بنهه بدلجي وڃن ٿيون. ۽ ٻولين جا ماهر انهن پيدا ٿيل تبديلين ۽ نحوي خصوصيتن کي ڀيٽي، انهن جي بنياد ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهيءَ اڀياس کي سڏين ٿا "وياڪرڻي ڀيٽ" (Comparative Grammar). وياڪرڻي ڀيٽ ڪرڻ واري طريقي سان اصلي، اڻ جدا ٿيل، مُک قبيلي جي ڳالهايل ٻوليءَ جون ڪي بنيادي خصوصيتون وري اُسارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ۽ انهيءَ اوساريءَ لاءِ نين پيدا ٿيل ٻولين جي لاڳاپيل ۽ هڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ

خصوصيتن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي.

وياڪرڻي ڀيٽ ڪرڻ واري طريقي ۾ ٽن ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. انهن مان پهرين اهم ڳالهه آهي "لفظن جي هڪجهڙائي" (word-similarity). عقل اها ڳالهه آسانيءَ سان تسليم ڪري ٿو ته ٻن هڪڙيءَ سان لاڳاپيل زبانن ۾ سڀاڻا جهڙا ساڳيا لفظ گهڻي تعداد ۾ موجود هوندا. رومانس گروهه جي ٻولين (فرينچ، اسپيني، پورچوگيز اٽالين ۽ لئٽن) جي ڀيٽ مان مراد هروڀرو لفظن جي هوبهو يڪسانيت نه آهي. لفظن جي يڪسانيت هڪٻئي کان لفظ اڌارا وٺڻ ڪارڻ به پيدا ٿئي ٿي. جيئن عربيءَ ۽ سنڌيءَ جا هڪجهڙا لفظ. ٻولين جي هڪٻئي سان جڳري ناتي ۽ مائٽيءَ جو اهو ثبوت مضبوط ترين ان وقت ٿئي ٿو جڏهن هڪجهڙا لفظ اهڙي قسم جا هجن، جيڪي هڪڙيءَ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ داخل نه ٿيا هجن، ۽ نڪي ٻنهي ٻولين ۾ وچان ٽي ڪنهن ٽينءَ ٻوليءَ مان داخل ٿيا هجن. اهڙن اصلوڪن يا بنيادي لفظن ۾ شخصي ضمير (متڪلم، حاضر ۽ غائب)، اهي فعل جيڪي بنيادي ڪمن ڪارين يا حالتن جو مفهوم ادا ڪن_ مثلاً اچڻ ۽ وڃڻ، ڏيڻ ۽ وٺڻ، پيئڻ ۽ کائڻ، جيئڻ ۽ مرڻ، وغيره، صفتون، جيڪي عام خصوصيتن لاءِ ڪم ايندڙيون هجن. مثلاً چڱو ۽ مٺو ننڍو ۽ وڏو، ٿورو ۽ گهڻو، اوچو ۽ اونهو وغيره ۽ اهڙا نالا، جيڪي ڪائنات ۾ عام طرح ملندڙ چيزن لاءِ ڪم اچن _ مثلاً ڌرتي، سج، چنڊ، ڪتو، ٻلو، پاڻي، مٽي، باهه، وغيره، ۽ بدن جي لڱن ۽ ڀاڱن جا نالا، اک، ڪن، نڪ، وات، ٽنگ، ٻانهن وغيره ۽ رت جي سڱن جا نالا _ مثلاً پيءُ، ماءُ، ڀيڻ، ڀاءُ، ماسي، پڦي، وغيره، انهيءَ اصول جي مکيه نمائندگي ڪن ٿا. پر جيڪڏهن ڪن به ٻن زبانن ۾ هڪجهڙن لفظن جو تعداد ٿورو آهي ۽ اهي لفظ محض تمدني زندگيءَ جي ڪنهن خاص پهلوءَ، مثلاً مذهب وغيره سان لاڳاپيل آهن ته يقيني طرح اهو چئي سگهجي ٿو ته هڪڙيءَ ٻوليءَ ٻيءَ کان اهي لفظ محض اڌارا ورتا آهن. هن سلسلي ۾ عربي ۽ سنڌيءَ جو مثال نمايان آهي. ٻولين جي اها ڏي وٺ ڪا خاص ڳالهه ڪانهي ۽ دنيا جي هر ٻوليءَ ساڳيءَ طرح ٻين ٻولين جا لفظ

پنهنجا ڪيا آهن.

نحوي پيٽ جو ٻيو اهڃاڻ آهي مختلف ٻولين جي نحوي اسلوب يا گرامر جي نوعيت جي هڪجهڙائي. جملي ۾ اسم، فعل ۽ ضمير جي بيهڪ، زمانن مطابق فعلن جي ورهاست، ظرفن ۽ حرف جملن جو استعمال، اهي ۽ ٻيون اهڙيءَ نحوي نوعيت جون ڳالهيون، جيڪڏهن ڪن ساڳين اصولن هيٺ مختلف ٻولين ۾ معنوي هڪجهڙائي پيدا ڪنديون هجن ته انهن جو پاڻ ۾ رشتو ظاهر ٿئي ٿو.

ٽيون اشارو يا اهڃاڻ آهي: "هڪجهڙيءَ معنيٰ وارن لفظن ۾ هڪجهڙو ۽ باقاعدي فرق" (consistent difference)۔ سنڌيءَ ۽ سنسڪرت جي پراڪرتن جي لفظن جي استعمال ۾ هڪ باقاعدي هڪجهڙائيءَ سان گڏ باقاعدي فرق نظر اچي ٿو. ساڳيو باقاعدي فرق اوهان کي رومانس ٻولين ۾ نظر ايندو. انهن ڳالهين کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ڳالهيون خيال ۾ رکڻيون پون ٿيون. مثال طور ٻولين جي هر گروهه جو مجموعي تمدني پس منظر ٻولين جي ساڳئي بنياد جو ڪافي پختو ثبوت مهيا ڪري ٿو.

ٻولين جي ان قسم جي يڪسانيت کي ڏسي، ان جي جواز ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، ۽ ان جواز جي ڳولا ۾ جتي علم ۽ ڄاڻ کي دخل هو اتي سياسي، سماجي ۽ قوميءَ ڳالهين کي به دخل هو. هندستان ۾ سنسڪرت جو اڀياس هزارين ورهين کان رهيو هو ۽ ان جي گرامر ۽ وياڪرڻ تي اهڙا بلند پايي جا ڪتاب لکيا ويا هئا، جو يورپي عالم اڄ تائين انهن ليکڪن جا نالا ادب ۽ احترام سان وٺندا آهن. اڄ تائين، 400 ق.م جي وياڪرڻي ڄاڻو "پاڻنيءَ" کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو وياڪرڻي ڄاڻو (Grammarian) مڃيو وڃي ٿو ۽ دراصل کيس گرامر جي سائنس جو ابو تصور ڪيو وڃي ٿو. سنسڪرت جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان، ۽ ان جو يورپ جي ٻولين ــ يوناني، لاطيني گروهه جي ٻولين ۽ جرمن وغيره۔ سان سنڌس ويجهو لاڳاپو ڏسي، يورپ ۾ هڪ عجيب تحريڪ پيدا ٿي. جرمني

ان وقت هڪ نئين جذبي هيٺ پنهنجي جرمن قوم کي دنيا جي بهترين قوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول هئي. ان تحريڪ ايتريقدر خطرناڪ نسلي صورت اختيار ڪئي، جنهن ۾ ٻن مهاڀاري لڙاين کان سواءِ، لکين يهودين جو اهو ڪوس شروع ٿيو جو هنن تي ٿيل ظلمن، اتياچارن ۽ وحشي سلوڪن بابت پڙهي، انسان جي انسان هجڻ مان ايمان ڏڏي ٿو وڃي. ان تحريڪ جي ابتدائي صورت ۾ جرمن ماهرن کي سنسڪرت هڪ هٿيو ٿي ڪم آئي، ۽ هنن پاڻ کي مٿاهين نسل ثابت ڪرڻ لاءِ، هڪ آرين قوم جو اولهه کان اوڀر ۾ اچي آباد ٿيڻ جو افسانو پيدا ڪيو. جرمنن پنهنجي نالي کي "شرمن" ۽ "شرما" سان مترادف ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اهو نظريو ڦهلايو ته نسلي بنياد تي آريا نسل انسان ذات ۾ سڀ کان اوچو نسل هو ۽ جيئن ته جرمن ئي آرين جا پونير هئا، ان ڪري دنيا تي حڪومت ڪرڻ جو حق فقط جرمنن کي ئي هو. جهڙيءَ طرح هندو جاتيءَ ۾ برهمڻن ۽ کترين جي مقابلي ۾ شودرن کي نيچ ذات سمجهيو ٿي ويو. تهڙيءَ طرح جرمن پاڻ کي اوچي ذات ۽ باقي دنيا کي شودر بنائڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ايترو ميٺو پوندو ته اهي ڪوششون بي انتها علمي چاڻ جي پردي ۾ ڪيون ويون، ۽ چاڪاڻ ته ان وقت هندستان بلڪ يورپ جا ڪيترائي ملڪ جرمنن کان علم ۾ گهٽ پوئتي هئا. اِنهيءَ علمي چولي ۾ هڪ خطرناڪ تحريڪ کي بي نقاب ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو.

ٻئي طرف هندستان ۾ آزاديءَ جي طلب ۽ قوم پرستي زور وٺڻ لڳي هئي، ۽ انگريزن کي اچي پنهنجي سر جو خطرو لڳو. هندستاني عالمن پنهنجي قديم سڌريل تمدن ۽ بهترين ٻوليءَ جا ڳڻ ڳائي. هندستانين ۾ پنهنجي قوميت جي احساس جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سلسلي ۾ بال گنگاڌر تلڪ، سچانند، اروبند گهوش ۽ ٻين چڱو ڀرو ورتو ۽ سندن ڪتابن ماڻهن ۾ هڪ نئين جاڳرتا پيدا ڪرڻ شروع ڪئي. انگريزن ان تحريڪ کي ڪمزور بنائڻ لاءِ هڪ طرف جرمن عالمن جي پٺڀرائيءَ ۾

پنهنجي عالمن کان ڪتاب لکايا ۽ ٻئي طرف خود هندستاني عالمن جي قوم پرستيءَ کي اهڙيءَ طرح موڙڻ شروع ڪيو جو اهي ئي ڪتاب، جن جو مقصد قوميت جو احساس جاڳائڻ هو محض هڪ نظرياتي اختلاف ٻنجي رهجي ويا. هندستان جي اڪثر آدمشماري پورهيتن ۽ مزورن جي هئي، انهن ۾ پنهنجي جاڳرتا جاڳائڻ بدران ڪين ڌرم، نسل، ذات پات ۽ ڇوت ڇات جون ٻوليون ٻڌائي هندستاني عالمن انگريزن جا هٿ مضبوط ڪيا.

انهن ٻنهي تحريڪن جي درپردي ٻولين جو علم بہ ترقي ڪندو ويو. پر انهيءَ علم جو پس منظر، جو شروع کان غلط ۽ هٺراڏو بنايو ويو هو سو ان جو لب لباب اهو هو تہ هڪ ڏارين قوم "آريا"، جيڪي اصلي يورپ يا ڪتان وچ ايشيا يا بالائي ايشيا جا باشندا هئا، ۽ هڪ سڌريل تمدن جا باني هئا، سي لڏپلاڻ ڪري، هندستان تي حملہ آور ٿيا، ۽ هندستان کي فتح ڪري، اتي سنسڪرت عام ڪرڻ سان گڏ هڪ نئون ۽ بهتر تمدن پيدا ڪرڻ لڳا. يورپ ۾ جيئن تہ نسلي امتياز جي هوا گهلڻ شروع ٿي هئي، سو هرڪو آرين جي اصلوڪي ماڳ کي پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ۽ دراصل ان نظريي جي محض افسانوي حيثيت انهيءَ جهڳڙي مان ئي ظاهر ٿي ٿي پيئي، ڪن چيو تہ آرين جو اصلوڪو گهر جرمنيءَ جي رائين نديءَ جي ڪناري تي هو ڪن ٿي چيو تہ آريا اصل سائيبريا جا رهاڪو هئا، ڪن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ آرين جو اصلوڪو ماڳ فنلئنڊ هو، تہ ڪي وري وچ ايشيا، ترڪستان ۽ ايشيا مائنر جا نظريا پيش ڪرڻ لڳا. اسان جي هندستاني ماهرن وري اهو اصلوڪو ماڳ ميرو پربت ۽ اتر قطب طرف ٻڌائڻ شروع ڪيو. انهيءَ جهڳڙي ۾ يورپ جا ماهر نيٺ هڪ ئي ڳالهہ تي اچي بيٺا تہ آرين جو اصل ماڳ يورپ جي اتر ۾ هو ان ڪري آرين کي سڏيو ويو "ناردڪ نسل" (Nordic Race) ۽ اهو نسل قديم ماضيءَ ۾ هيٺ لهي، يورپ ۾ ڦهلجي ويو.

علم الانسان جي ترقيءَ انهن نظرين تي وقت بہ وقت پاڻي ڦيرائي

تي ڇڏيو. توخارين ۽ هٽي ٻولين جي رڪارڊ هٿ اچڻ سان، هڪ دفعو وري اهو بحث شروع ٿيو تہ آريا شايد اصل کان ايشيا جا ئي باشندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهي پراڻي ۾ پراڻيون زبانون 1500 _ 1700 ق.م جون هيون. ۽ هند يورپي زبانن جو ويجهي ۾ ويجهو مثال انهن تي مهيا ڪيو. پر ڪي عالم اهڙا بہ هئا، جن انهيءَ منجهيل سُٽ جي ڦوري کي علمي طور سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. علم الانسان (Anthropology) جيوَ ـ وديا (Biology) ۽ لسانيات جي بنياد تي هنن ثابت ڪيو تہ آرين جي نسل وارو نظريو محض افسانو ۽ جرمن عالمن جو ذهني اختراع آهي. ان جو تفصيلي احوال اسين سنڌي تمدن جي باب ۾ ڪنداسون، ڇاڪاڻ تہ هن باب ۾ اسان جو مقصد فقط مختلف ٻولين جي اسرڻ سان آهي. انهن ٻنهي گروهن مان صحيح ڪير آهي، سو هڪ ڏگهو بحث آهي _ ۽ جدا باب ۾ ان جو تذڪرو وڌيڪ مناسب ٿيندو.

ان صورتحال ۾ آريا ٻاهران آيا، يا ڪا قوم هندستان مان ٻاهر ڀهتي. ان جي فيصلي کي عارضي طرح ملتوي ڪري، هت اهو ڄاڻائڻ لازمي آهي تہ دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ هڪ وحدت نظر اچي ٿي، جنهن جي اڀياس مان هڪ نتيجو هيءَ نڪري ٿو تہ انهن سمورين ٻولين جي ڪا هڪ ئي ماءُ ۽ مک ٻولي هئي، جنهن کي هاڻ هند ـ يورپي ٻولي سڏين ٿا، ۽ ان مک ٻوليءَ جون مکيہ ۽ قديم ترين ڏيئرون بتدريج سنسڪرت، هٽي، اويستا، توخارين، يوناني ۽ لئٽن آهن. يورپي عالمن انهن سمورين ٻولين جو اڀياس ڪري، سڀني جون ٻنهہ عام ۽ ساڳيون خصوصيتون جمع ڪري، اصل هند يورپي ٻولي يعني مک ٻوليءَ جي هٿراڌو صورت تشڪيل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. استرتوانٽ انهيءَ کي هند يورپي بدران پروٽو ـ انڊو ـ يورپين سڏڻ پسند ڪيو آهي، پر جيئن تہ هند يورپي وڌيڪ سولو ناٺو آهي، ان ڪري اسين ان کي هند ـ يورپي ٻولي ئي سڏينداسون.

ان سان گڏ هڪ ٻيو اختلاف راءِ آهي سنسڪرت جي قدامت جو. اصلي سنسڪرت يا ويدڪ سنسڪرت لاءِ اهو چيو ويو تہ پراڻي ۾ پراڻو

ويد_رگ ويد – گهٽ ۾ گهٽ تہ بہ 1500 ق.م جو آهي. ان جي پس منظر ۾ بہ اهوئي آرين جي ٻاهران اچي حملي ڪرڻ جو تصور هو. ڏيهي عالمن ويدن اندر سمايل نيم تاريخي مواد، علم نجوم ۽ ٻين بنيادن تي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ويد گهٽ ۾ گهٽ 5000 ورهيہ پراڻا آهن. پر ان ڳالهہ کي هندستاني عالمن جي قومي وڏائي تصور ڪري يورپي عالم ريٽيندا آيا. پر هاڻ جڏهن هتي زبان جو رڪارڊ مليو تہ ان مان پتو پيو تہ خود اهو رڪارڊ اٽڪل 1700 ق.م جو آهي، ۽ انهن ۾ جيڪي نالا سمايل آهن، سي ويدڪ سنسڪرت منجهان نڪتل آهن. ويدڪ سنسڪرت ۽ هتي ٻولين ۾ جيڪو لساني فرق آهي، ان لاءِ اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ ويدڪ سنسڪرت گهٽ نہ، تہ بہ اٽڪل 500 ورهيہ هتيءَ کان پراڻي آهي، ۽ هتي ٻولي، جن ڳالهين ۾ سنسڪرت کان مختلف آهي، اهي ڳالهيون ۽ تبديليون هڪ ئي مک ٻوليءَ مان نڪتل ٻن ٻولين ۾ گهٽ ۾ گهٽ 500 ورهين ۾ پيدا ٿيون هونديون. ۽ اڃا بہ، چاڪاڻ تہ هتراڏو ئاهيل هند- يورپي ٻوليءَ ۾ ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جو جواز نہ ٿو ملي، ان ڪري قدامت جو حساب بہ دراصل غيريقيني ۽ غير معين آهي.

هند يورپيءَ جي ان هتراڏو تشڪيل لاءِ ائين چيو وڃي ٿو تہ جڏهن ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ گروهن ۾ ورهائجي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچڻ لڳا، تڏهن هر گروهہ جي پنهنجي پنهنجي ٻولي بنجي ويئي، ليڪن منجهن اصلي وحدت قائم رهي، ۽ سمورين ٻولين جي ڪن خاص نشانين مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪا خاص ٻولي اصلوڪيءَ هند-يورپي ٻوليءَ کان ڪيتريءَ حد تائين مختلف آهي، ۽ ڪهڙيون ڳالهيون انهن جي ان اختلاف جو سبب بنيون.

ويدڪ سنسڪرت ٻولي سڀني کان وڌيڪ صوتي ۽ نحوي لحاظ کان هند- يورپيءَ کي ويجهي آهي. ويدڪ سنسڪرت ٻاهران هندستان ۾ پهتي، يا ان حد تي اُتي اڳيئي موجود هئي، بهرحال ان کان پوءِ 400 ق.م تائينءَ جي تبديلين لاءِ لساني ماهر خاموش آهن، چاڪاڻ تہ ان دور جو

ڪوبہ رڪارڊ پيش ڪرڻ لاءِ ڪونہ ٿو ملي. اٽڪل 400 ق.م ۾ پاڻنيءَ جو گرامر لکيو ويو جنهن سنسڪرت جي وياڪرڻ، اچارن ۽ اندروني بناوت جا قاعدا قانون ۽ حدون مقرر ڪري ڇڏيون ۽ ان کان پوءِ جيڪا سنسڪرت لکجڻ يا ڳالهائجڻ لڳي، سا پاڻنيءَ جي مقرر ڪيل انهن اصولن موجب هئي. نتيجو اهو نڪتو جو سنسڪرت انهن بندشن جي ڪري هڪ خاص صورت اختيار ڪري بيٺي. پر ڪنهن بہ ٻوليءَ کي بدلجڻ کان روڪي نہ ٿو سگهجي. پاڻنيءَ جي اصولن جي باوجود، مقامي اثرن جي ڪري ٻولي بدلجڻ لڳي. ان وقت جا اديب هڪ مخصوص ٻولي پاڻنيءَ جي ڄاڻايل اصولن موجب لکندا رهيا. ان ٻوليءَ کي ڪلاسيڪي سنسڪرت سڏيو وڃي ٿو. پر ڳالهائجڻ واري ٻولي بدلجندي رهي، ۽ ان جون اهي بہ صورتون پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي اڳتي وڌڻ لڳيون. ان حد تائين، جو ڪي ناٽڪ اهڙا بہ مليا آهن، جن ۾ راجائون، وزير ۽ برهمڻ پاڻنيءَ جي سنسڪرت ۾ ٿا ڳالهائين تہ جواب ڏيڻ وارا سپاهي، ٻانها يا واپاري ۽ ٻيا عام ماڻهو ان وقت جي ڳالهائجڻ وارين ٻولين يا پراڪرتن ۾ ٿا ڳالهائين[1].

پراڪرتن جي وڌڻ جي اها صورتحال ڪجھ عرصي کان هلندي آئي، ۽ علائقائي بنيادن تي پراڪرتون مختلف صورتون اختيار ڪري علائقائي ٻوليون بڻجنديون ويون. ان بنياد تي هندستان جي ٻولين کي پنجن دورن ۾ ورهايو وڃي ٿو:

(1) **ويدڪ سنسڪرت:** اڻ ڪٿيل دور (شايد 2500 ق.م) کان 1500 ق.م تائين

(2) **براهمڻ، پراڻ ۽ سوترن جي سنسڪرت:** 1500 ق.م کان 400 ق.م تائين

(3) **پاڻنيءَ جي وياڪرڻي يا ڪلاسيڪي سنسڪرت:** 400 ق.م کان 250 ق.م تائين.

---

(1) وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو: S.M Katre: "Prakrit Language" pp. 22-23

(4) اڌ-وياڪرڻي يا اپڀرمش (اپڀرنش): 250 ق.م کان 250ع تائين

(5) وياڪرڻي پراڪرتون: 250ع کان اڄ تائين

ڄاڻن جو اهو رايو آهي تہ موجوده پراڪرتي ٻولين کي ڪلاسيڪي يا وياڪرڻي سنسڪرت مان نہ پر اڌ-وياڪرڻي يا اپڀرنش ٻوليءَ مان نڪتل سمجهڻ گهرجي.[1]

پراڪرتن جو اڀياس ڪندي بہ ساڳئي نتيجي تي پهچبو. پراڪرتن جي نحوين پراڪرتن جي لفظن کي هيٺين ٽن صورتن ۾ جاچيو آهي:

(1) تتسمس — اهي لفظ جيڪي سنسڪرت ۽ پراڪرتن ۾ هوبهو ساڳيا آهن.

(2) تدڀوس — اهي لفظ جيڪي سنسڪرت کان ورتل آهن، ۽ پراڪرتي اصولن موجب مٽجي ويا آهن.

(3) ديسي — علائقائي لفظ جيڪي بہ گهٽ ڪري سنسڪرت مان آيا، پر انهن جو اصل ڳولڻ مشڪل آهي.[2]

هيمچندر اپڀرنش ٻولين جي جيڪا ورهاست ڏني آهي، سا هيءَ آهي:[3]

1. اپڀري — سنڌي ۽ مارواڙي
2. آونتي — (اوڀر راجپوتاني). گرجري (گجري — گجراتي)

---

(1) Max Muller "Collected Works" pp.181_182. "All these languages and dialects must be considered as the descendents not of grammatical Sanskrit, nor of grammatical prakrits, but of the various Apabhramsas spoken in different parts of India." (ibid).

(2) Hornle_Prakrit Lakshawam"_ p. 1; and Hemchandar's "Desi Nam_ mala", edited by Pischel and Buhler_ (Bombay 1880 A.D) pp.8_9.

(3) Ibid

1. بهلڪ – پنجابي
2. شورسيني – هندي (پڇمي هندي)
3. ماگڌي يا پراچيہ – پوربي هندي
4. اودري – اڙيا
5. گوڙي – بينگالي
6. دڪشڻتيہ (ڏاڪڻي) يا ويدربڪ – مرهٽي
7. پيپالي – نيپالي

هيمچندر ۽ بين نحوين ٻولين جي اها ورهاست علائقائي بنيادن کي خيال ۾ رکي، ۽ پراڪرتن ۾ سنسڪرت جي لفظن جو اندازو لڳائي، ڪئي هئي. جيتوڻيڪ انهيءَ ورهاست جا لساني علمي بنياد نهايت ڪمزور آهن. ان هوندي بہ اهو اولين اندازو صحيح راهہ تي هو.

اسان کي هاڻ اهو جاچڻو آهي تہ انهن سمورن نظرين جي هوندي، سنڌي ٻولي ڪهڙي لساني گروهہ ۾ شامل آهي، ۽ ان گروهہ ۾ ڪيس شامل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا سبب آهن. سنڌيءَ لاءِ هيستائين جيڪي رايا پيش ڪيا ويا آهن، اپيرنش وراچڊ ڪان وٺي عربي ۽ سامي صفت ماخذن تائين، انهن کي پاسيرو رکي، اچو تہ جاچيون تہ سنڌيءَ جون ڪهڙيون اهم خصوصيتون آهن. ڪهڙين ٻولين سان ان جي عزازت قرابت آهي، ۽ ڪهڙين ٻولين سان ان جو فقط مثاچرو لاڳاپو رهيو آهي.

باب ٻيو

سنڌي ٻولي

سنڌي ٻوليءَ جي مقام ۽ گروهہ جاچڻ لاءِ ٻہ شاهديون ضروري آهن: ٻاهرين شاهدي ۽ اندروني شاهدي. ٻاهرين شاهديءَ ۾ اسين اهو واضح ڪنداسين تہ تمدني ۽ علم الانسان جي بنيادن تي سنڌي ٻاهرين ٻولين سان ڪهڙو لاڳاپو تي رکي، ۽ اندروني نحوي بناوت ان کي ڪهڙين ٻولين سان تي ملائي.

ٻاهرين شاهدي: تمدني ۽ علائقائي ويجهڙائي ٻولين جي هڪجهڙائيءَ تي وڏي ۾ وڏو اثر ڪري ٿي. ڪنهن وقت سنڌ جو پرڳڻو هڪ خودمختيار ملڪ هو ۽ سنڌجي موجوده حدن کان گهڻو وڏو هو. منجهس موجوده پنجاب ۽ ٻهاولپور جا ڪجهہ حصا، لس ٻيلو، ڪڇ ۽ موجوده بلوچستان جو ٿورو ڏاڪڻو حصو اچي ٿي ويا. ان ڪري انهن ٽڪرن جي ٻولين سان سنڌي ٻوليءَ جو گهري ۾ گهرو لاڳاپو آهي، بلڪ ائين چئي سگهجي ٿو تہ انهن حصن ۾ جيڪي خاص ٻوليون ۽ محاورا – پنجابي، ملتاني، سرائڪي، ڪڇي وغيره – ڳالهايا وڃن ٿا، انهن تي گهڻي ۾ گهڻو اثر آهي ٿي سنڌيءَ جو، ۽ هڪ طرح اهي سنڌيءَ جون اپڀاشائون آهن.

سنڌ جي پنهنجي علائقن جي ٻولين کان سواءِ، سنڌيءَ جو لاڳاپو ٻين قريبي علائقن جي ٻولين سان بہ ڪافي ويجهو آهي. قبل از تاريخي دور ۾ – بلڪ تاريخي دور ۾ پڻ -- هندستان ڪافي عرصو هڪ مشترڪ سماجي ۽ سياسي ايڪو تي رهيو آهي، ۽ ان دور ۾ درٻاري زبانن – پنهنجن توڙي پراين ٻولين – سيني علائقائي ٻولين تي ضرور اثر ڪيو هوندو. اهو نتيجو ڪڍڻ ڪو غير علمي نہ آهي. مغلن جي زماني جو ئي مثال وٺو تہ سندن درٻاري زبان فارسيءَ جو اثر بينگاليءَ جهڙي شڌ زبان بہ قبول ڪرڻ کان رهي نہ سگهي، ۽ ان وقت جي فارسيءَ جي آميزش جا مثال هندستان

جي هڪ چيڙي ڪان ٻئي چيڙي تائين نظر اچن ٿا. ساڳيءَ طرح هندستان جي انهيءَ سماجي ايڪي ۾ سنسڪرت جو دور گهڻي ۾ گهڻو رهيو آهي، ان ڪري سڀني زبانن ۾ سنسڪرت جا گهڻي ۾ گهڻا لفظ محاورا ۽ ترڪيبون ملن ٿيون، پوءِ اهي ويدڪ سنسڪرت جون هجن يا ڪلاسيڪي سنسڪرت جون. انهن مان ڪيتريون ته سڌو سنئون سنسڪرت جي شاخن، پراڪرتن ۽ بگڙيل محاورن مان بنيون آهن. ان ڪري هندستان جي ڪل ٻولين ۾ اهو هڪ اثر يڪسان نظر ايندو. البته ائين آهي ته خود انهن اصلوڪين مقامي ٻولين ۽ پراڪرتن جو موٽندڙ اثر به ڪلاسيڪي بلڪ ان کان به پراڻيءَ سنسڪرت تي ٿيندو رهيو آهي. ايس. ايم. ڪاتري پنهنجي ڪتاب "پراڪرت ٻوليون ۽ سندن هندستاني تمدن ۾ حصو" ۾ ان تي چڱو بحث ڪيو آهي.[1]

انهن سڀني زبانن ۾ هزارين لفظ اهڙا ملي سگهن ٿا جن جو سنسڪرتي اصل ثابت ڪري سگهجي ٿو. خود دراوڙي ٻوليون به ان اثر کان رهي نه سگهيون ۽ بيشمار لفظ سنسڪرت اصليت جا انهن ٻولين ۾ جذب ٿي ويا. خود "دراوڙ" لفظ کي ويدڪ سنسڪرت مان ثابت ڪري سگهجي ٿو. ائين ضرور آهي ته ڇاڪاڻ ته دراوڙي ٻوليون هندستاني ٻوليون هيون ۽ هندستان ۾ ئي رائج هيون، ان ڪري انهن جا به ڪيترائي لفظ خود پراڻيءَ سنسڪرت ۾ شامل ٿيل آهن.

هندستان کان ٻاهرين ٻولين سان سنڌيءَ جي لاڳاپي ظاهر ڪرڻ کان اڳ آءٌ پنهنجو نظريو بيان ڪريان ته بهتر، ڇاڪاڻ ته اهو نظريو ئي بنيادي طرح سنڌيءَ جو ٻاهرين ٻولين سان لاڳاپو ظاهر ڪندو. اهو نظريو هي آهي ته تاريخ کان اڳ واري هڪ دور ۾ هڙپا کان موهن جي دڙي تائين يعني هاڻوڪي سنڌ ۽ ان جي اتر ۾ پنجاب جي ڪجهه حصي تائين هڪ قوم آباد هئي، جا هر لحاظ کان هڪ سڌريل قوم هئي، جنهن وٽ هڪ سٺو تمدن هو، سڌريل زبان هئي، ۽ جنهن جا ماڻهو رهڻي ڪرڻيءَ ۾ دنيا جي

(1) S.M Katre-"Prakrit Languages" pp. 43-63.

ڪيترن ئي ملڪن کان وڌيڪ سکيا ستابا ۽ منظم هئا. سنڌن تهذيب جو نظارو هڙپا، موهن جي دڙي ۽ چاهوڙ جي دڙي جي منظرن مان ظاهر آهي. اٽڪل 5000 ورهيه ق.م ۾ ان قوم وٽ پنهنجي زبان هئي، جا ڪم از ڪم ڪن مستثنات کان سواءِ، سنڌ جي هاٺوڪيءَ ايراضيءَ اندر رائج آهي. اها زبان خالص ديسي زبان هئي ۽ ان ۾ ڪنهن ٻاهرئين اثر کي دخل نه هو. موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيبن جي ڪنهن وچئين دور ۾ خانه جنگي، ۽ ڪن سماجي صورتن جي اوسر جهڙوڪ ذاتي ملڪيت ۽ منظم مذهب ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ ذات پات جا فرق، ان سهڻيءَ تهذيب کي نابود ڪرڻ جا ڪارڻ بڻيا. اهو نابوديءَ جو دور ڪو ٿوريءَ مدت وارو دور نه هو. ان ۾ ڪي صديون لڳي ويون. خانه جنگيءَ ۽ ٻين اهڙين براين جو هڪڙو اثر ته اهو ٿيو جو ڪي قبيلا ذات پات جي فرق ۽ ڇوت ڇات جي ڪري سنڌ مان لڏڻ لڳا؛ ڪي اوڀر طرف وڌيا ته ڪي اولهه طرف. خشڪيءَ رستي ۽ سامونڊي رستي، نون گهرن جي تلاش ۾ نڪري پيا. جيڪي اولهه طرف وڌيا، انهن جتي رهڻ جو ٺنو ڏٺو اتي اُهي پنهنجي پراڻيءَ تهذيب کي جاري رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. انهن مان ڪي قبيلا سمير ۽ بابل علائقن ۾ پنهنجا گهر اڏي، پنهنجن ابن ڏاڏن وانگر سهڻي طريقي سان زندگي گذارڻ لڳا.

جتي هو آباد ٿيا، اتي جي مقامي ماڻهن سان هنن کي الائجي ڪهڙيون جنگيون جوٽڻيون پيون ۽ ڪهڙيون سازشون سٽڻيون پيون، ۽ ڪو وقت اهڙو آيو جو اهي قبيلا انهن هنڌن جي اثر رکندڙ ماڻهن مان شمار ٿيڻ لڳا ۽ اتي جي مذهب ۽ سماجي زندگيءَ ۾ هنن جو چڱو خاصو اثر قائم ٿيو. اتي رهندي به هو پنهنجي اباڻي وطن کي وساري نه سگهيا ۽ جيئن پراچين تهذيبن جو قاعدو آهي ته پنهنجن مري ويل ابن ڏاڏن کي ديوتائن جو درجو ڏنو ويندو آهي، تيئن هو پنهنجي وطن جي تهذيب ۽ ياد لاءِ شاعريءَ جي حد تائين مبالغي آرائيءَ کان به نه رهيا. پنهنجي وطن "دمون" يا "دلمون" کي هو ديوتائن ۽ سون چانديءَ جي زمين سڏڻ لڳا. جتان هنن جي لاءِ گهوڙا،

عاج ۽ ڪپڙو وغيره ڪافي وقت تائين ايندو رهيو. پر ساڳئي وقت، جن حالتن ۾ هنن کي پنهنجا گهر ڇڏڻا پيا هئا، انهن ڳالهين کي ياد ڪري هنن جي روح مان ڏوراپو ۽ بددعا به نڪرڻ لڳي ۽ هو اهي پيش گوئيون ڪرڻ لڳا ته سندن ڪجهه وقت اڳ جا ديس ياڻي ڪنهن مرض ۽ آفت جي وڳهي فنا ٿي ويندا. تاريخي طرح به اها ڳالهه سچي ثابت ٿي ۽ ٿوري ئي عرصي کان پوءِ رڪي رڪي ايندڙ خانه جنگيءَ ۽ درياء جي اوچتي پيٽ ڦرڻ جي ڪ ن هڙپا ۽ موهن جو دڙو تباهه ٿي، هميشه لاءِ مٽيءَ هيٺ دبجي ويا. هي رايو ڊاڪٽر نوح ڪريمر (Noah Crammer) جو آهي. ڊاڪٽر ڪريمر آمريڪا ۾ سميرياﻻجيءَ جو وڏو ماهر ۽ ڄاڻو سمجهيو وڃي ٿو. هن سمير جي تختين وارين لکيتن کي پڙهي، اهو نظريو پيش ڪيو آهي ته سميري تمدن جا انسان، جنهن "دلمون" ملڪ جي ساراهه مان ڍاپن ئي نه ٿا ۽ بار بار ان کي ديوتائن جو ملڪ چون ٿا، سو ﻻشڪ موهن جي دڙي وارو ملڪ هو. ان لاءِ هن تمدني ۽ تاريخي ثبوت پيش ڪيا آهن. هو چوي ٿو ته اهو ته ثابت ٿي چڪو آهي، ته سمير، اُر ۽ سوسا سان سنڌ جو خشڪي توڙي بحري واپار هلندو هو. ان جو اهڃاڻ ان ڳالهه مان ملي ٿو ته سنڌو تهذيب جون اٽڪل ٽيهه مهرون سميري کوٽاين ۾ مليون آهن، ۽ ساڳيءَ طرح ڪجهه سميري مهرون موهن جي دڙي مان پڻ مليون آهن. انهيءَ حقيقت مان ٻنهي تمدنن جي پاڻ ۾ واپاري يا سياسي ڏيتي ليتي ۽ لهه وچڙ ثابت ٿئي ٿي. سمير مان عاج جو سامان ملڻ ۽ عاج جي درآمد ڪرڻ جو سندن ادب ۾ ذڪر، پڪيءَ پختيءَ طرح ثابت ڪري ٿو ته 'دلمون'ان تهذيب يا ملڪ کي سڏيو ائن، جتان ڪين عاج ملندو هو ۽ اهو ملڪ سندن اوير ۾ آهي. سميري تختين مان هڪ تي هيءَ لکيت ملي ٿي:

"اهو ملڪ، جو سمير جي اوير ڏي آهي، ۽ جتان ٻيڙين جي ذريعي گهڻو ڪجهه هٿ اچي ٿو. اهو اهڙو ملڪ آهي، جتان سج ايري ٿو ۽ اهو بهشت آهي، جتي ڪو مريض نه آهي، ڪي

بيواهون ۽ يتيم بار نہ آهن. ۽ دنيا جا سمورا ملڪ دلمون ڏي پنهنجون شيون موڪلين ٿا."

هي اهڙا لفظ آهن، جيڪي فقط عقيدت وچان ئي چيا ويا هوندا، ۽ ان عقيدت جو پس منظر اهوئي هو تہ موهن جي دڙي جي تهذيب، سميري تهذيب جو سرچشمو هئي ۽ سميرين منجهان ڪجھ ماڻهن جا ابا ڏاڏا اتان ئي آيا هئا. ڊاڪٽر ڪريمر اڳتي هلي چوي ٿو تہ ڪي عالم "دلمون" کي ايراني نار جي بحرين ڏانهن اشارو سمجهن ٿا، پر اهو غلط آهي، ڇو تہ اتي هاڻي يا قديم زماني ۾ هاٿيءَ جي وجود جو نشان ڪونہ ٿو ملي. ڊينمارڪ جا ڪيترا علم الانسان جا ماهر سالن کان بحرين جون کوٽايون ڪندي ٿڪجي پيا آهن، ۽ هاڻ ان ڳولا کي ڇڏڻ وارا آهن. [1]

ڊاڪٽر ڪريمر جو اهو رايو منهنجي نظريي جي تائيد ڪري ٿو. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۾ ٽي چار مهرون اهڙيون آهن، جن تي منهنجي پڙهڻيءَ موجب، "ڪوٽ مون" "ڪوٽ ٺل مون" ۽ "ڪوٽ مهن" لفظ اچن ٿا. منهنجي خيال ۾ موهن جي دڙي جي پوئين دور ۾ پئي يا ٽئي تھ واري ڪنهن شهر کي "ٺل مهن" يا "ٺل مون" سڏيندا هئا، جنهن کي سميرين 1800 ق.م ۾ "دل مون (دلمون) سڏيو ٿو ڀانئجي. انهن مهرن جي پڙهڻيءَ جي سمجهاڻي ٻوليءَ جي بحث تائين ملتوي ڪري، هت ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ تمدني توڙي ٻين ثابتين جي بنياد تي هڪ معقول حد تائين خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو تهذيب سميري تهذيب جو سرچشمو هئي.

اهي تہ هئا سنڌي قبيلا، جيڪي سمير ۽ بابل طرف نڪري پيا. ٻيا قبيلا وري اوپر طرف وڌيا ۽ پنجاب کان ٿيندي، بينڪون ڪندي، گنگا جمنا دوآبي ۾ رهي، پنهنجي تهذيب سنوارڻ شروع ڪيائون. ۽ جيئن تہ پاڻيءَ جو سنڌو ان وقت تهذيبن جي آماجگاھ بنجندو هو، جيتريقدر ٿي سگهيو هي سنڌي، ويندي ويندي، پنهنجي تهذيب جا نشان سنڌوءَ جي

(1) Dr. Noah Grammer- Reported in "Dawn" Karachi, Dated: December 1960

ڪناري ڪناري چڙهندا ويا. سندن تهذيب جا نشان ڪئمبلپور ضلعي ۾ اٽڪ ۽ ان جي آسپاس دريا جي ڪناري ڪناري ڪن وڏن پهڻن ۽ ڇپن تي لڪيل ملن ٿا. ۽ ڄاڻن جو رايو اهي ته سنڌو تهذيب جي بنهه پوئين دور جا اهي مورتي اکر (Pictographic) هڪبئي کان دور دور ڇپن تي ان ڪري نظر اچن ٿا، جو شايد اهي قبيلا ان دور ۾ وقت بوقت لڏپلاڻ ۾ مصروف هئا. انهن ڇپن جون لکيتون موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي مورتي نشانين جهڙيون آهن، جن ۾ هاٿي، ڳئون، ڍڳي، انسان جي پيجري، انسان جي هٿ ۾ ڍال، انسان جي ڪلهن تي ڪوبار ڪنيل وغيره جون مورتون نظر اچن ٿيون.[1]

اها لڏپلاڻ هڪ مسلسل لڏپلاڻ هئي، ۽ ان ۾ ڪافي صديون لڳي ويون. جيڪي سنڌي گنگا جمنا دوآبي ۾ پهتا، جيئن ته تمدني طرح اتي جي مقامي قبيلن کان مٿاهان هئا، ان ڪري هو جلد ئي ان وقت جي سماجي ۽ سياسي تنظيم تي ڇانئجي ويا. پر وقت پئي، سندن تمدن ۾ پڻ سوراخ پيدا ٿي چڪا هئا. ذاتي ملڪيت ۽ ذات پات جو فرق هنن ۾ اڳئي پيدا ٿي چڪو هو ۽ نئين ملڪ ۾ پنهنجي معاشي ۽ سماجي حيثيت قائم رکڻ لاءِ هنن هڪڙو اهڙو هٿراڏو سماج قائم ڪيو جنهن ۾ مقامي باشندا اپڙي نه سگهن. انهيءَ سماج ٺاهڻ لاءِ هنن پنهنجي ريتن رسمن کي هڪ مذهب ۽ ڌرم جي شڪل ڏني، جنهن وقت گذرڻ تي ويدڪ ڌرم جي صورت اختيار ڪئي. پر جيئن ته هو اڳئي هڪ سڌريل تهذيب جا پونير هئا ۽ هنن وٽ لکڻ پڙهڻ جو علم به هو ان ڪري هو پنهنجي ماضيءَ، پنهنجي اصلي ماڳن، پنهنجي اصلي سماجي حالتن وغيره کي تاريخي طرح محفوظ ڪرڻ کان رهي نه سگهيا: ۽ اڄ ويدن مان هڪ طرف سندن پراڻي ماضيءَ جي خبر پوي ٿي، ته ٻئي طرف سندن ان وقت جي حال جي پڻ خبر پوي ٿي، ۽ هر موقعي تي هو پنهنجي اصلوڪي وطن 'سنڌ'، ۽ پنهنجي ديس جي ان داتا دريا 'سنڌوءَ'

(1) Peterson and H.de Terra-"Ice Age in India and Associated Human Culture" (1935) and Cuthbirh King in an article "Rock Drawings on the Indus" in "Man" Valume XI, (1940).

جي ساراهه ڪرڻ کان رهي نه سگهيا. هنن پنهنجي بهادر ويرن کي "سنڌ" ۽ "سنڌو" نالا ڏيڻ شروع ڪيا. ان ڪري ڪيترن بهادر راجائن جا نالا 'سنڌ' ۽ 'سنڌو' ويدڪ ادب ۾ ملن ٿا.

ان وقت هندستان جي ٻولين جي ڪهڙي صورتحال هئي، اهو پڪيءَ ريت چئي نه ٿو سگهجي. اندازي مطابق ايترو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي ان وقت هندستان جي مکيه ٻولي هئي؛ ۽ ٻي ٻولي هئي دراوڙي. ڪجهه دراوڙي قبيلا سنڌ ۾ به رهندا هئا، جيئن موهن جي دڙي جي کوٽائين مان ثابت ٿئي ٿو. هتان ڪجهه هڏاوان پڃرا دراوڙن جا مليا آهن. پر محض ان ڪري اج ڪو ائين چوي ته اُها سموري تهذيب دراوڙي هئي، هڪ صريحاً غلط دعويٰ ٿيندي. دراوڙن جون بيشڪون ذڪر هندستان ۾ هيون، ۽ اهي قبيلا ساموندي رستي آسٽريليا جي ڪن قبيلن سان ڳنڍيل هئا. بهرحال ايترو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته لساني علم جي خيال کان ان وقت ٻه مکيه ٻوليون هيون. هڪ سنڌي، جا هاٺوڪي سنڌ ۽ پنجاب واري پاڱي ۾ ڳالهائي ويندي هئي، ۽ ٻي دراوڙي، جنهن جون مختلف صورتون ذڪر هندستان ۾ موجود هيون. ائين ضرور آهي ته اتر هندستان جي ايراضين ۾ به مختلف قسم جون اپڀاشائون يا مقامي محاورا موجود هئا. انهن جي صورت ڪهڙي هئي، سو چئي نه ٿو سگهجي.

جڏهن سنڌ مان ڪافي قبيلا اوپر طرف گنگا جمنا دوآبي طرف وڌيا، تڏهن هو پنهنجي زبان به پاڻ سان کڻي ويا ۽ اها زبان هڪ پڪي پختي زبان هئي، ۽ لکجڻ ۾ پڻ ايندي هئي. اها سنڌي زبان اتي جي مقامي محاورن ۾ گڏجي هڪ نئين زبان بنجي پيئي - ۽ وقت گذرڻ سان هڪ مضبوط ۽ منظم سماج ۽ ڪلچر ٺهڻ سان پختگي ۽ انفراديت حاصل ڪندي ويئي، جنهن جو قديم ترين رڪارڊ ويدن ۾ موجود آهي. جيڪڏهن لفظن تي ٿو غور ڪجي ته سنڌيءَ جا اصلوڪا لفظ ويدڪ سنسڪرت سان ٺي ويجهي ۾ ويجهو لاڳاپو رکن ٿا. هاڻ، ان حقيقت مان به نتيجا اخذ ڪري

سگهجن ٿا تہ: سنڌي سنسڪرت مان نڪتي يا سنسڪرت سنڌيءَ مان!
پهرئين نتيجي ۽ نظريي لاءِ آرين نسل جو ٻاهران اچڻ ۽ سموري هندستان ۾ ڦهلجڻ ڪي ثبوت طرح پيش ڪيو ويندو آهي - ۽ ائين چيو ويجي ٿو تہ آريا اها زبان ٻاهران کڻي آيا. اَڄ آرين جي نسل وارو اهو نظريو ريتجي چڪو آهي، ۽ ساڳئي وقت پروفيسر لئنگڊن، ڊاڪٽر هنٽر، هرانزي ۽ ٻيا ماهر اهو ثابت ٿا ڪن تہ ويدڪ لکيتن جو اولين رڪارڊ، جنهن جو رسم الخط "برهمي" ۽ "ديوناگري" آهي، سا "برهمي" ۽ "ديوناگري" موهن جي دڙي جي مورتي ٻوليءَ مان نڪتي آهي. هاڻي جڏهن ٻوليءَ جي لکيل صورت کي ان وقت جي ويدڪ ماڻهن موهن جي دڙي جي لکيل صورت مان ناهيو تہ اهو اڻ پڇي چئي سگهجي ٿو تہ نہ رڳو رسم الخط ويدڪ ماڻهن کي سنڌو تهذيب مان مليو پر خود سنڌن ٻوليءَ جو بنياد بہ اُتي ئي هو.

منهنجي نظريي موجب جيئن تہ اهي ماڻهو سنڌين جا پونير هئا، ان ڪري اها ٻولي بہ تہ سنڌن اباڻي ۽ ماڻتاڻي ٻولي هئي، ۽ ان ئي ٻوليءَ هڪ نئين ماحول ۾ نئين صورت اختيار ڪئي. موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ ويدڪ تهذيب ۾ ٻيو نہ تہ بہ هزار ورهين جو ويڇو ضرور رکڻو پوندو - ۽ هزار ورهين ۾ اها تبديلي عين عقل ۾ اچي ٿي. ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن ٻنهي زبانن جي هڪجهڙائي وڌيڪ منجهندي ۽ الجهندي، ڌورانهين ٿيندي ويئي. انهيءَ صورتحال جو شروعاتي اشارو خود آڳاٽن سنسڪرت جي نحوين مان ملي ٿو. جڏهن بہ سنسڪرت مان نون لفظن ٺاهڻ لاءِ ڪنهن ڌاتوءَ سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڳنڍيون وينديون هيون تہ ان عمل کي سڏيندا ئي هئا "سِنڌي"، جو پوءِ ڦري "سَنڌي" اچارجڻ لڳو ۽ اڄ خود يورپي ماهرن ان لفظ "سَنڌيءَ" (sandhi) کي هڪ ٽيڪنيڪل لفظ طور انگريزيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ان لفظ ۾ ڪافي وقت اندر 'اِ' حرف علت جو 'اَ' حرف علت ۾ متجڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. خود اسان وٽ ان جون ڪي صورتون انهيءَ طريقي سان بدلجي چڪيون آهن. هن لفظ

جو ڌاتو آهي سڏ > سد (سنسڪرت – سِيند) = وهڻ، ڳنڍڻ، ڳتڻ، ڏڪ هٽڻ، آباد ٿيڻ، محدود ٿيڻ وغيره. جنهن مان سنڌ، سِينڌ، سِڌو سِينڌ، حرف علت 'اِ'سان موجود آهن. تہ پڻ پاسي سَنڌڻ، سَنڌ، سنڌاڻ (جنهن کي ڪي عالم هروڀرو عربي ثابت ڪرڻ لڳا آهن)، سَنڌو وغيره موجود آهن. صرف هن ڌاتوءَ مان خالص سنڌي مستعمل لفظ منهنجي ڳڻپ موجب 131 ٿين ٿا.

ويدن جي لکجڻ کان بہ ڪافي عرصو اڳ اِن نئينءَ طرح منظم ٿيل قبيلن مان، مختلف سببن، جهڙوڪ ذات پات جي فرق، ڪاڏي جي سَٽي ۽ قبائلي زندگيءَ جي ٽٽڻ ڪري، سنڌ توڙي اتر هندستان مان خشڪيءَ توڙي بحري رستن ذريعي لڏپلاڻ ٿيڻ لڳي. وڏي ۾ وڏو سبب، جيئن اڳئي چيو ويو آهي، ذات پات جو پيد هو. خاص ڪري جن کي شودر ۽ وَئش سڏيو ٿي ويو انهن سان برهمڻن ۽ جهيڙاڪ کترين عقوبتون ڪيون تہ هو پنهنجو وطن ڇڏي ٻيا اجها ڳولڻ لڳا. اهي وئش ۽ شودر ايشيا مان ٿيندا، ايران، ترڪستان وغيره ۾ بينڪون ٺاهيندا، يورپ ۾ پکڙجندا ويا. آدمشماريءَ جي واڌ ان وقت بي انتها گهٽي هوندي، ڇاڪاڻ تہ ان وقت اجا جنسي زندگيءَ تي ڪي بندشون پيل نہ هيون. جيڪي آدمشماريءَ جي روڪ جو سبب بڻبيون آهن. شروع ۾، هڪ تہ جنسي زندگي مشترڪ ۽ جماعتي نوعيت جي هئي، جنهن ۾ جوءِ - مڙس جو تصور نہ هو. قبيلي جون سموريون زالون قبيلي جي سمورن مردن سان جنسي تعلق لاءِ موجود هيون. ان ۾ موجوده زنا يا بدڪاريءَ جو ڪو تصور نہ هو ڇاڪاڻ تہ جنسي لڳ کي انساني آدم وڌائڻ سان گڏ فصلن کي وڌائڻ جو هڪ طلسمي طريقو پڻ سمجهيو ويندو هو. ڌرتيءَ ۾ ٻج پوکڻ وقت، قبيلي جا جوان مڙس ۽ جوان زالون ٻنين ۾ اجتماعي جماع ۽ لڳ ڪرڻ ۾ مشغول ٿيندا هئا، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هو فطرت جي تخليقي قوت سمجهندا هئا. هنن جو عقيدو هو تہ زمين ان وسيلي وڌيڪ اپت لاءِ آباد ٿيندي ۽ فصل ڀلا پيدا ڪندي. موجوده سماجي بندشون ۽ ٽئبو

(Taboos) نہ ھجڻ ڪري آدمشماري جلد ۾ تڪي وڌندي ھئي، ۽ ان وقت جي اڻ سڌريل پوک ۾ پيدائش جي طريقن جي سبب پيدا ٿيندڙ فصل ان آدم لاءِ پورو کاڌو خوراڪ ميسر نہ ڪري سگھندا ھئا. ان ڪري ان لڏپلاڻ ۾ وڏو سبب اھائي ڳيپي جي ڳولا ھئي.

اھي ھندستاني (سنڌي) قبيلا ايشيا ۽ يورپ ۾ ڦھلجندا ويا. جن جو اھڃاڻ ايرـي اويستائي تھذيب، ھِتي لوڪن ۽ فونيشن (Ti... ...iceans) مان ملي ٿو. اھي فونيشن يا پڻي لوڪ ئي ھئا. جن يورپ جي سمورين ٻولين جي موجوده رسم الخط کي پيدا ڪيو ھو. اڄ جن ٻولين کي ھند- يورپي ٻوليون چيو وڃي ٿو انھن ۾ جا عجيب وحدت ۽ يڪسانيت نظر اچي ٿي، ان جو اھوئي ھڪ سبب ھو تہ انھن جو سرچشمو بنيادي سنڌي ٻولي ۽ ان مان ڦٽندڙ ٻيون ھند جون ئي ٻوليون ھيون. اھا ٻي ڳالھہ آھي تہ يورپ وارا محض نسلي فوقيت جي پاليسيءَ سبب ان سلسلي کي بلڪل ابتو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رھيا آھن.

اندروني شاھدي: ٻوليءَ جي اندروني بناوت تي بحث ڪرڻ کان اڳ سڀ کان اھم ڳالھہ ھيءَ خيال ۾ رکڻ گھرجي تہ سنڌي ٻولي ئي آھي، جا صوتي لحاظ کان ڀرپور ۽ رچيل ٻولي آھي. دنيا جي تقريباً ھر ٻوليءَ ۾ ادا ٿيندڙ مکيہ اُچار سنڌي ماڻھو آسانيءَ سان ادا ڪري سگھي ٿو. ان جو سبب اھم آھي تہ ھنن جي ٻوليءَ ۾ اھي اچار موجود آھن، ۽ جيڪي ٻوليون خاص طرح ھند-يورپي ٻوليون سڏيون وڃن ٿيون، انھن جي لفظن ۽ اچارن جي قديم ترين ماخذن مان سنڌي بہ ھڪ ماخذ آھي، ۽ چاڪاڻ تہ سنڌي اڪثر ھند-يورپي ٻولين جي اچارن جي ماخذ آھي، ان ڪري سنڌيءَ ۾ تہ سمورا اُچار موجود آھن، پر باقي ھند-يورپي ٻولين مان ھر ھڪ ۾ ڪي نہ ڪي اچار ڪونہ ٿا ملن. ڪنھن ڏاڙئين اچار کي پنھنجو ڪرڻ ۾ ٻولين کي سوين ورھيہ لڳي ويندا آھن - ۽ ڪڏھن ڪڏھن تہ باوجود لھہ وچڙ جي اھي اچار ٻوليون ڪٽي ئي نہ سگھنديون آھن. بلوچيءَ جو ئي مثال وٺو: بلوچي

هند-ايراني ٻولين جي گروهه مان ڇنڊي وڃي ٿي، ۽ هند-ايراني ٻولين ۾ 'خ' هڪ عام اچار آهي – اويستا، پهلوي، فارسي ۽ پشتو ۾ 'خ' جو استعمال گهڻو ٿئي ٿو. پر بلوچ 'خ' قبول نه ڪري سگهيا. اڄ تائين بلوچيءَ ۾ "خدا" کي "هدا" ۽ "خر" کي "هر" چون. خ جي اچار وارا سمورا لفظ 'هه' سان اچاريا وڃن ٿا. ان ڪري جنهن ٻوليءَ ۾ سمورا عام اچار ۽ صوتي صورتون موجود هجن، سا ئي ڪنهن اهڙيءَ ٻوليءَ جو سرچشمو ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ انهن عام اچارن مان ڪجهه موجود نه هجن. بشرطيڪ اهو اڳئي ثابت ٿيل هجي ته ٻنهي ٻولين ۾ ٻنهه ويجهو لاڳاپو موجود آهي. ان جي ابتڙ رايو ڏيڻ ته پهرين ٻرلي ٻيءَ ٻوليءَ مان نڪتي هوندي، حقيقت ۽ عقل جي خلاف ٿيندو. اهو ابتڙ رايو اُن ڪري ڏنو ويو آهي، جو جن يورپي عالمن علم الانسان تي محنتون ڪيون آهن، انهن سنسڪرت کي بنياد بنائي، ان سان ٻين هندستاني زبانن ۽ يورپي زبانن کي پيٽڻ شروع ڪيو.

يورپي ماهرن جي نظر سنسڪرت تي ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ پيئي، ۽ اهو وقت اهڙو هو جڏهن هندستان تي سنڌ کان سواءِ تقريباً هر هنڌ انگريزن جو سياسي تسلط هو ۽ انگريز ماهر فقط انهن ٻولين جو اڀياس ڪري سگهيا، جتي انگريز حاڪمن طور موجود هئا. سنڌ مڪمل طرح انگريزن جي قبضي ۾ 1843ع ۾ آئي، ۽ سنڌي زبان تي ماهرن جي نظر ان کان به گهڻو پوءِ پيئي. تنهن وچ ۾ هو سنسڪرت جي بنياد تي پنهنجا دلڪش لساني مفروضا قائم ڪري، پنهنجي نسلي برتريءَ جو آرين افسانو پختو ڪري چڪا هئا. ان کان هٽڻ جي معنيٰ اها ٿئي ها ته هنن کي پنهنجي سمورين ڪوششن کي دوباره نون بنيادن تي بيهارڻو پوي ها. ان ڪري هنن هيمچندر ۽ مارڪنڊيه جي ڪن اشارن جو فائدو وٺي، صرف ائين چئي ترڪائي ڇڏيو ته سنڌي سنسڪرت مان اُپڀرنش پراڪرتن مان نڪتي آهي، ۽ سا به بگڙيل سنسڪرت يعني اپڀرنش منجهان. جڏهن هڪڙي ماهر ائين چيو ته ان جي پويان ايندڙ ماهرن ان رائي جي پنيرائي

ڪرڻ ۾ ڪوبہ اهم نہ ڏنو ڇاڪاڻ تہ هنن جو پس منظر ۽ مقصد ساڳيو ئي هو. پر انهن مان بہ هڪ ٻہ اهڙا ماهر هئا. جن جي دل ۾ علم کي پنهنجي انهن مقصدن تي قربان ڪرڻ ۾ هٻڪ محسوس ٿي. يورپي عالمن ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ پهريون عالم هو جنهن انهيءَ سلسلي ۾ ٻڌايو تہ:

"هيءَ (سنڌي) زبان خير سنسڪرت سان لاڳاپيل تہ ضرور نظر اچي ٿي، پر هن زبان ۾ ڪي اصلوڪيون خوبيون اهڙيون آهن. جيڪي سنسڪرت ۾ بہ ڪينهن. ۽ نہ رڳو ايترو پر تفصيلي طرح ڏٺو وڃي تہ هن زبان جو اندروني مزاج ئي جداگانہ ۽ انفرادي آهي." (گرامر آف دي سنڌي لئنگئيج، 1872)

ٽرمپ کي سنڌيءَ جي اصليت ۽ قدامت جي جهلڪ نظر آئي، پر جي "ڪچان تہ ڪافر" وارو حساب ڏسي، ايترو چئي ماٺ ٿي ويو. پر ٻين ڪن ماهرن جڏهن ويد ويهي پڙهيا تہ هو پچڻ کان رهي نہ سگهيا تہ آخر هي ويدن وارا ماڻهو (جن کي يورپي ماهرن آريا قوم سڏڻ شروع ڪيو) آخر سنڌوءَ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي ايتري تعريف پنهنجي ويدن ۾ ڇو ٿا ڪن. اسان جي ڏيهي عالمن جو وري اهو حال ٿيو جو هو ٻہ- منهين ترار هٿ ۾ جهلي نہ سگهيا- ۽ اها ٻہ-منهين ترار هئي ڌرم ۽ سنڌيت. جيڪڏهن ٿا سنڌيءَ کي اصلوڪي زبان چون تہ سنسڪرت جي اهميت ۽ هندو ڌرم جي پندار کي ٿو ڌڪ لڳي، تہ ٻئي طرف سنڌ ۽ سنڌي هجڻ تي ناز ڪرڻ کان بہ رهي نہ سگهيا. ان ڪري هڪ پاسي تہ هنن سنڌ ۽ سنڌوءَ جا گيت ڳايا، ۽ ساڳئي وقت سنڌيءَ کي سنسڪرت جي ڌيءَ ثابت ڪرڻ لڳا. ڪاڪي ڀيرومل جهڙو مڙس بہ هڪ طرف سنڌ جي قدامت ۽ سنڌين جي قديم ترين تمدن جا ڳڻ ڳائڻ لڳو ۽ جڏهن لفظن جي ڀيج گهڙ تي آيو تہ ساڳيو يورپ وارو اندازو تہ سنڌي ضرور سنسڪرت مان نڪتي هوندي ۽ بلڪل اُبتي ڀير هلڻ شروع ڪيائين. جيڪي سڌا سنوان اصلوڪا سنڌي لفظ هئا، تن لاءِ ائين چيائين تہ اهي بہ سنسڪرت مان نڪتا هوندا. اهڙيءَ طرح هڪڙا سنڌيءَ کي هرويرو سنسڪرت جي ڌيءَ ثابت ڪرڻ لڳا تہ ٻيا

وري ان کي عربيءَ مان ڇڪي ڪيڻ لڳا. هت انهيءَ ابتيءَ سمجهه جو هڪ مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندو. اهو عام خيال ڏيکاريو ويندو آهي ته سنسڪرت 'ل' کي سنڌي 'ر' ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي. ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جن جو آخري حرف 'ر' آهي، ۽ ٻين هندستاني ٻولين ۽ سنسڪرت ۾ 'ل' آهي، ۽ اسان جي وياڪرڻ جا ماهر چون ٿا ته اها تبديلي سنڌيءَ ۾ ٿئي ٿي: مثلاً جل- جر، نيل- نير، وغيره. گهڙيءَ لاءِ به اهو ڪنهن نه سوچيو ته ڳالهه متان ٻنهه اُبتي هجي ۽ سنڌي 'ر' کي سنسڪرت 'ل' ڪري ڪنيو هجي. هاڻي جڏهن علم اللسان ايتري ترقي ڪئي آهي، جو هتراڌو هند-يورپي يا پروٽو-انڊو-يورپين ٻولي ويهي جوڙي اٿن، تڏهن ٿي خبر پوي ته مار انهن لفظن ۾ ته سنسڪرت کان اڳ ۾ 'ر' موجود هئي، جنهن جا نشان ڪيترين ئي هند-يورپي ٻولين ۾ ملن ٿا، ۽ سنسڪرت ۽ ٻين ڪي هندستاني پراڪرتون انهن کي 'ل' ۾ ڦيرين متائين. اهو 'ل' ۽ 'ر' جو قصو کنيو اٿون، ته اچو ته ان کي پورو ڪريون.

هند-يورپي مک ٻوليءَ ۾ 'ل' ۽ 'ر' جو وڏو چڪر آهي. اڪثر ائين ٿيو آهي ته خود سنسڪرت ۾ ساڳيو لفظ ٻنهي صورتن يعني 'ل' ۽ 'ر' سان مليو ٿو يعني جنهن لفظ ۾ اصل 'ر' هئي، سو لفظ 'ل' جي اکر سان به موجود آهي. ته ان کان اڳ يعني ويدڪ ادب ۾ 'ر' سان به موجود آهي. اهڙا سمورا لفظ سنڌيءَ ۾ اصلوڪي 'ر' سان موجود آهن. ٻئي طرف ڪيترا لفظ جيڪي اصلوڪي 'ر' سان هئا، سي سنسڪرت ۽ سنڌي- ٻنهي ۾ 'ر' سان موجود آهن. اصل ايراني ۽ رگ ويد جي ٻوليءَ ۾ اڪثر ڪري هند-يورپي مک ٻوليءَ جي 'ر' ۽ 'ل' کي 'ر' ئي استعمال ڪيو ويو آهي.[1]

اسين جيڪي مثال هيٺ ڏيون ٿا، ان ۾ هتراڌو هند-يورپيءَ جي بدران يوناني، لئٽن ۽ ٻين هند-يورپي ٻولين جا لفظ کنيا ويا آهن، ۽ جيئن ته اهي ٻوليون ان جون شاخون آهن، ان ڪري اصولي طرح انهن ۾ 'ل' ۽ 'ر'

(1) T.Burrow- "The Sanskrit Language" pp.82-83.

جو هجڻ هند-يورپيءَ جي صورتحال جي برابر آهي. هت اسين پهريون مثال انهن لفظن جو ڏيون ٿا، جنهن ۾ سنڌي 'ل' کي سنسڪرت 'ر' ۾ بدلايو آهي، پر ٻين سمورين هند-يورپي ٻولين ۾ 'ل' ئي موجود آهي.

سنڌي	سنسڪرت	يوناني	لئٽن	لٿونين
چيڪلو	چيڪرو	ڪئڪلاس		
لوٽڪ	رٽڪت	_	لنڪئٽ	_
ٿلُ (سوراخ)	سروڻ	_	ڪلونس	سلونس
ٿلڻ	سِرُوس	ڪليئاس	_	سلوور
آڏلُ (پاءُ)	سودار	آڍِلفاس	_	_
ٻلهه	پرسو	پيليڪئس	_	_
پالُ (وجهڻ)	پپرتي	پمپليمي	_	_
لڙڻ (هڪ پاسي سري جهڪڻ)	سري	ڪلينو		
سلابت (سچ جهڙو)	سوريہ	_	سول-سولر	_

اهي لفظ جن ۾ سنسڪرت سنڌي 'ل' قائم رکيو آهي:

ليڻ	لپياتي	_	لبيت	_
ٻلُ (گاهہ)	پلاو	_	پليئا	
پلر	پليئہ	_	پئلس	_

اهي لفظ جن ۾ سنڌي 'ل' سنسڪرت 'ر' ۾ مٽائي ٿي - ۽ 'ل' کي قائم بہ رکي ٿي:

لوگهو	رءُگهو-لگهو	الاڪئس	ليوس	_
لڦڻ	رِپ-لِپ	اليفو	_	_

اهي لفظ جن ۾ سنڌي 'ر' کي سنسڪرت ۽ ٻين هندستاني پراڪرتن 'ل' ۾ تبديل ڪيو:

رتو-ارتو	لوهيت-روهيت	ارنتراس	-	راوديت
وار	بال	ترڪوس		
جر	جل	اگيراس	(انگريزي-هيئر، سويڊس-هار، ڊئنش-هار، جرمن-هار	
نير	نيل	نيراس		

اهي لفظ جن ۾ اصلوڪي 'ر' سنڌيءَ ۽ سنسڪرت ڪان سواءِ ٻين هند-يورپي ٻولين ۾ جيئن جو تيئن قائم آهي، سي تمام گهڻا آهن: انهن جي وچور هت ڏيڻ بيڪار آهي. پر ايترو چوڻ ضروري آهي ته خود انهن لفظن جي 'ر' هندستان جي ٻين پراڪرتن ۾ سنسڪرت جي عادت جي نقل ڪندي 'ل' ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. هت فقط چند اهڙا مثال ڏجن ٿا، جن ۾ سنڌي 'ر' سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين ۾ قائم رهي آهي. (هت اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته مثال ڏيڻ وقت زمانن ۽ صيغن جو خيال نه رکيو ويو آهي. فقط ساڳئي لفظ جون مختلف صورتون اختيار ڪيون ويون آهن.)

ورڻ	ورتتي	-	ورتيتر		
سُرڻ	سرو	ريئو			
نر	نر	انيرس			
سِرڻ	سرپتي	ايرپ	سرپو		
راجا	راجن	-	ريڪس		
رَتُ	رَتُ	-	روتا	راٿس	
ويرُ	ويرُ	-	وير	ويئرس	

ڪيترا سنڌي لفظ خود سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين ۾ ملن ٿا، جن ۾ سنڌي 'ر' سنسڪرت 'ل' ۾ تبديل ڪري ڇڏي آهي، پر دراوڙي ٻولين ۾ 'ر' ئي موجود آهي. البت ڪٿي دراوڙي ٻولين ۾ بہ سنسڪرت جي رستي داخل ٿيڻ جي ڪري 'ر' 'ل' ۾ بدلجي ويئي آهي.

دراوڙي ٻوليون	سنسڪرت	سنڌي
ڪاڙ (تامل)، ڪاڙ (ڪئناريز)	ڪالا	ڪارو
تاڙ (ڪئناريز)، تاڊو-تاڙو (تليگر	تال	تاڙ-تاڙي
نير (تامل، مليالم، ڪونڊ، ڪئناريز) نيروو (تيلگو دير (بروهي)	نيل	نير
مڪڙ (تامل، مليالم)، موڪڙ (تامل) مگل (ڪئناريز ڪونڊ)	مُڪلَ	مڪڙي

ڪيترن لفظن ۾ سنڌي، سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين ۾ 'ل' ساڳيو رهي ٿو:

ٻَلُ (ڪئناريز)، ٻلو-ٻَلُ (تليگو)	ٻَلَ	ٻَلُ
مالي (تامل)،مال (تليگو ۽ ڪئناريز)	مالا	مالا
ڪوول- ڪونڙ (ڪونڊ)،ڪولي (تامل)	(ڪونئر ڪُوَليَہ)	ڪنول
ڪونتل (تامل – منڊا)	ڪنتل	ڪؤنتل (وار)
گنڊيا،گڊيو (تليگو) گنڊيل (تامل)	ڪنڊال	ڪنڊو-ڪنڊيل
آلس (ڪونڊ، ڪئناريز)	آلس	آرس-آلس

مٿين مثالن مان ڪيترائي نتيجا نڪرن ٿا، هڪ تہ نحوي تبديليون، جن کي سنسڪرت جو اثر فرض ڪيو ويندو هو سي سنڌيءَ ۾ اڳئي موجود هيون، ۽ ٻيو تہ جيڪي نحوي تبديليون سنسڪرت جي ڪري ٿيون وڃن ٿيون، سي دراصل سنڌيءَ جو سنسڪرت تي اثر ڏيکارين ٿيون. سنسڪرت پنهنجي انفراديت واري زبان رهي آهي- ۽ تاريخ جي قديم

ترين دور کان پوءِ سنڌي ۽ سنسڪرت پنهنجي پنهنجي دائري اندر جداگانه ۽ انفرادي طرح اسرنديرن. وڌنديون، منجهنديون، الجهنديون رهيون آهن. ساڳئي سرچشمي مان اسرڻ ڪري منجهن يڪسانيت به آهي ته اختلاف به آهي. اختلاف علائقائي اثرن ۽ وقت جي تفاوتن جي ڪري پيدا ٿيا. ڪن صورتن ۾ ته بلڪل ئي هڪجهڙيون ٿيون ڏسڻ- ته ڪٿي علائقائي اثرن ۽ وقت جي فرق ڪري قطعي مختلف. البت ايترو ضرور آهي ته ويدڪ دور کان پوءِ سنسڪرت جيئن ته سموري هندستان جي هڪ ئي مذهبي، سياسي ۽ سماجي ٻولي رهي، ان ڪري ان دور ۾ خود سنسڪرت جي نين صورتن جو سنڌيءَ تي ڪافي اثر ٿيو هوندو. سنڌ ڪافي عرصو ويدڪ ڌرم هيٺ رهي، بلڪ ويدڪ ڌرم جا بنياد سنڌ مان ئي پيدا ٿيا. ان ڪري ڌرمي ۽ سماجي دائري ۾ ڪيترا تمدني لفظ ٻنهي ٻولين ۾ ساڳيا ملن ٿا. ايترو وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته ان دور ۾ ڳالهائجڻ واري ٻولي سنڌ ۾ سنڌي ئي رهندي آئي.

ڪلاسيڪي سنسڪرت واري دور ۾ جيڪي ناٽڪ لکيا ويا، انهن مان پتو پوي ٿو ته ان وقت جي ادب ۾ جيتوڻيڪ سنسڪرت ئي ادبي ذريعو رهي، پر انهن ساڳين ناٽڪن ۾ سنسڪرت سان گڏ پراڪرتن جا ڪيترائي جملا ڪي ڪردار ڳالهائين ٿا. اسين اڳئي چئي آيا آهيون ته شاعرن، برهمڻن ۽ راجائن جا ڪردار انهن ناٽڪن ۾ سنسڪرت ڳالهائين ٿا. باقي ننڍا ڪردار پراڪرت ۾ جواب سوال ڪن ٿا. اهو ته ڌارين جي حملن، سنڌن تباهه ڪارين، ۽ علم ادب ۽ فن سان سنڌن شروعاتي دشمنيءَ جي ڪري ان قسم جي علم ادب جا ڪتاب ساڙي برباد ڪري ڇڏيا ويا. نه ته اڄ سنڌيءَ لاءِ جيڪي مفروضا قائم ڪيا ويا آهن، انهن جي ڪا ضرورت نه رهي ها. ائين ته ٿي نه ٿو سگهي ته هندستان جي باقي پراڪرتن ۾ علم ادب، ناٽڪ، گرامر، لغتون، ويندي جنسيات تي ڪتاب چوٿين صدي ق.م کان 12 صدي عيسوي تائين ملن ٿا- ۽ صرف سنڌ اهڙو علائقو هو جنهن ۾

ان قسم جو ڪو علم ادب مورڳو ئي پيدا ڪونه ٿيو! هت اُن پراڪرتن جي ادب جو ٿورو احوال ڏجي ٿو.

پراڪرت ادب قديم زماني کان مذهبي ۽ ڌرمي، توڙي ادبي صورتن ۾ ملي ٿو. اهو مواد ايترو گهڻو آهي، جو هر پراڪرت جي بيان ڪرڻ سان هي ڪتاب پورو نه پوندو ان ڪري مختصر طرح مکيه پراڪرتن جي ادب جو احوال ڏجي ٿو:

(1) **پالي:** پالي پراڪرت گهڻو عرصو ٻوڌين جي مذهبي ٻولي رهي آهي. ان جو لکيل رڪارڊ آشوڪا جي ٿنڀن تي ملي ٿو جو عيسوي سن 250 کان شروع ٿئي ٿو. ان کان سواءِ ٻڌمت جو ڌرمي ادب ان کان به پراڻو ملي ٿو. ان ڌرمي ادب ۾ هڪ ته ڇندن تي تڪبندي آهي، جنهن کي "گاٿائون" چيو وڃي ٿو- ۽ اهي گاٿائون ڌرمي بيانن ۾ ڪٿي ڪٿي نظر اچن ٿيون.

پالي ڌرمي متا اسان کي 'تهه-پٽڪ' جي صورت ۾ لکيل ملن ٿا. تهه-پٽڪ جي معنيٰ آهي ٽي-ٽپڙيون (three baskets)- ۽ اهو ادب ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي: ونيءَ - پٽڪ، ست-پٽڪ ۽ ابيڌم-پٽڪ. اهي ٽي پٽڪ وري مختلف پستڪن يا بابن ۾ ورهايل آهن، جن مان مها وينگ، ڀکوني وينگ، مهاوگ، چل وگ ۽ پريوار مشهور آهن. ان کان سواءِ ست-پٽڪ وري پنجن مجموعن (نڪاين) ۾ ورهايل آهي. ديگهه- نيڪايه، مجهه-نيڪايه، سميوت-نيڪايه، انگتر-نيڪايه، ۽ کدا ڪنيڪايه وغيره.

اهو ته ٿيو ڌرمي ادب. غير ڌرمي ادب جا مکيه پستڪ آهن: نيتيپڪرڻ، پيٽڪوپديس، ستسمگهه، وغيره. ملند پڙهه انهن سڀني کان وڌيڪ مشهور آهي. ٻيا به ڪيترائي پستڪ آڳاٽا ملن ٿا- ۽ اٽڪل 500 ق.م کان 500ع تائين پالي ادب ڌرمي توڙي غير ڌرمي صورتن ۾ ملي ٿو.

(2) **اردماگڌي:** ٻي ڌرمي پراڪرت هئي اردماگڌي، جنهن ۾ جين ڌرم جي اڳواڻ مهاتما مهاوير تبليغ ڪئي- ۽ ان ڪري سندس 'جين ڌرم' جون سموريون آڳاٽيون ڌرمي لکيتون ان زبان ۾ آهن- ۽ مهاوير جي وقت کان

وئي، 500ع تائين ان ۾ ادب پيدا ٿيندو رهيو. اهي ڏرمي لکيتون ڪيتريون ئي آهن، پر انهن مان مشهور هي آهن: آيارن سوُياگبڊ، ٺاڻ، سموايہ، وياهپنتي، نايا ڌمڪهاءُ، اوسگداسو، انتگداسو، اٺوترو ووائيداسو، پڻهاواگرٽيم، وواگسويہ ۽ دئيوايہ. اهي ”ٻارنهن انگ“ سڏبا آهن. اهڙا ئي ٻارنهن ٻيا متا ”اونگ“ سڏبا آهن. ان کان سواءِ ڏهہ ’پٽيا‘ بہ ڏرمي متن جي شڪل ۾ آهن. ان کان سواءِ ڇهہ ’ڇيياسُتَ‘، چار ’مول ست‘ ۽ ٻہ الڳ ڪتاب ’نندي‘ ۽ ’وآنوئوگدارا‘ ڏرمي لکيتن ۾ شامل ٿين ٿا. اهي آهن شروعاتي ڪتاب، جن مان پهريان 12 تہ خود مهاوير جون چوڻيون آهن، جيڪي گڏ ٿيل آهن. ان کان پوءِ واريون لکيتون چندر گپت موريا جي زماني جون ڇيون وڃن ٿيون.

(3) **جين مهاراشٽري:** هن ٻوليءَ ۾ بہ جين ڌرم جا متا شروع کان ئي پستڪن جي صورت ۾ لکيا ويا. هن ٻوليءَ کي اهو نالو مسٽر هرمن جيڪبي ڏنو آهي، جنهن اهي ڪٿائون ارزهلنگن (Erzalungan) نالي سان ايڊٽ ڪري ڇپايون، ۽ جن جي قدامت 2 صدي عيسوي کان تہ هر صورت ۾ اڳتي جي ثابت ٿئي ٿي. سڀ کان مکيہ لکيت پومچريہ آهي، جو ڪتاب ومل سوري هو. ۽ ان ڪتاب جي تاريخ 2 صدي عيسوي چئي وڃي ٿي. ”آوشيڪ“ هڪ اکاڻين جو پستڪ ان کان بہ وڌيڪ جهونو آهي.

(4) **جين شورسيني:** ڌرمي طرح ڪجهہ جين لکيتون شورسيني پراڪرت ۾ پڻ ملن ٿيون. پشيل (Pischel) ۽ ڊينيڪ (W.Denecke) جن ڪتابن کي جاچيو هو سي هي آهن: وتڪير اچاريہ جو ’مولاچار‘، ڪارتيڪيسومن جو ’ڪتيگياٽپيڪا‘ ۽ ڪند ڪند جا ’ڇپاهڊ‘، ’سميسار‘ ۽ ’پنچٽڪايہ‘ وغيره. پر سڀ کان مشهور پستڪ ساڳئي ڪُندَ ڪُند ليکڪ جو ”پوپڻسار“ آهي، جو پهرين صدي عيسويءَ جو آهي.

انهن ڌرمي لکيتن کان سواءِ پالي، مهاراشٽري ۽ شورسينيءَ ۾ ڪيترا ناٽَڪ پڻ لکيا ويا. اهي ناٽڪ نهايت آڳاٽا آهن. نہ رڳو ايترو پر اهو بہ پتو پوي ٿو تہ ڪاليداس، اشوگهوش، ڀاس، سررڪا ۽ ٻين ناٽڪ نويسن

پنهنجي ناٽڪن ۾ ڪيترن ئي ڪردارن جي واتان پراڪرتن ۾ گفتگو ڪرائي آهي، ۽ اها گفتگو ڪيترن ئي ناٽڪن جو لازم ملزوم حصو آهي. شايد ان ئي صورتحال جي ڪري انهن پراڪرتن کي ناٽڪي پراڪرتون (Dramatic Prakrits) سڏيو ويو آهي. مهاراشٽريءَ ۾ ٽين صدي عيسويءَ ۾ مختلف ڪوين جا سريلا گيت ڪٺا ڪيا ويا هئا. ان سريلن گيتن جي مجموعي (Anthology of Lyric Poetry) کي ٽين صديءَ جو ثابت ڪيو ويو آهي. ـ ۽ ان مجموعي تي وري ٽيڪائون (Commentaries) لکيون ويون آهن. هال جي 'ستسئي' ۽ جيولب جي 'وجالگ' ٽيڪائن ۾ ٻارهن ڪوين يا شاعرن جا نالا ڏنا ويا آهن.

ٻي ادبي پراڪرت پِشاچي سڏي وڃي ٿي. هڪ جرمن ماهر، لڊوگ السڊو روف، ثابت ڪيو آهي ته هڪ پراڻي پِشاچي پستڪ 'برهتڪٿا' جو تمام گهڻو اثر جين ڌرم جي واٽين ۽ ڪٿائن تي ٿيو آهي. ۽ اهو پستڪ عيسوي سن جي شروع ٿيڻ جي وقت جو آهي.

ان طرح اسين ڏسنداسين ته هندستان جي سمورين پراڪرتن ۾ ڌرمي يا عام لکيتون عام جام هونديون هيون. سنڌي ٻه ان زماني ۾ هڪ مجيل ٻولي هئي ـ ۽ ان جو ادب جو نه ٿو ملي، سو محض ان ڪري ته هتي جا سمورا ڪتبخانا ساڙي تباهه ڪري ڇڏيا ويا.

ٻارهين صديءَ ۾ عبدالرحمان نالي هڪ مسلمان (اپيرنش نالو: ادهماڻ) اپيرنش ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو "سنديش راسڪ"[1]، جو هاڻ ڳولي لڌو ويو آهي. يعني ٻارهين صديءَ تائين، هندو ته نهيو پر مسلمان ٻه هندستاني پراڪرتن ۾ ادب پيدا ڪندا رهيا، ۽ سنڌ ۾ ڪو لکڻ وارو ئي نه هو ان لاءِ صرف هڪڙو ئي علمي ۽ عقلي سبب ٿي سگهي ٿو ۽ اهو آهي عربن جي زماني ۾ سنڌن هٿان ڪافرن جي سموري علم ادب ۽ ڪتبخانن تباهه ڪرڻ جي حقيقت ـ ۽ انهيءَ بنياد تي ئي اسان جا عالم محض عربن کي انهيءَ صحيح الزام کان بچائڻ لاءِ چوڻ لڳا ته سنڌي ٻولي تشڪيل ئي

(1) S.Katre-Prakrit Language p.25

ٿي يارهين صدي عيسويءَ ۾!

عربن ۾ ادب شناسي، ۽ هندستاني ۽ يوناني ادب کي عربيءَ ۾ محفوظ ڪرڻ جي آرزو سنڌ تي ڪاهن کان گهٽ ۾ گهٽ پوءِ عباسي دور ۾ پيدا ٿي.

سنڌ تي اگرائيءَ واري وقت عربن چونڊي چونڊي سنڌي ڪتبخانا تباهه ڪيا. ان وقت علم ادب پنڊتن ۽ ٻوڌي ڀڪشن وٽ هو ۽ انهن جا ڪتاب سندن ٺڪاڻن، مٺن ۽ مندرن ۾ هئا. ۽ عربن هر ٺڪاڻي ۽ مندر کي بت پرستيءَ جي جاءِ هئڻ ڪري زمين دوز ڪري ڇڏيو. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. هر حملو آور قوم مفتوح قوم جا فصل، عبادتگاهه ۽ ثقافتي مرڪز مثلاً ڪتبخانا وغيره تباهه ڪندي آهي. سو عربن اها ڪا نئين ڳالهه نه ڪئي هئي. ان وقت انسان ان تمدني سطح تي هئا، جو دشمن جي هر شيءِ تباهه ڪرڻ هڪ فخر جي ڳالهه سمجهي ويندي هئي. عربن سنڌ سان تقريباً اهو ساڳيو ڪم ڪيو هو جهڙو تاتارين پوءِ بغداد سان ڪيو هو. ان طرح عربن جي انهن ڪارگذارين جي ڪري سنڌ جو سمورو علم ادب انهن ٺڪاڻن ۽ مندرن سان گڏ زمين دوز ٿي ويو. "عربن سڀ ڪجهه ڊاهي ڇڏيو: هنن ٺاهيو ڪجهه به نه" [1] ڪزنس جا اهي لفظ سموري صورتحال کي مختصر پر نهايت پراثر نموني ۾ بيان ڪن ٿا.

ائين به نه آهي ته ڪو ان علم ادب جا نشان ئي ڪونه ٿا ملن. خود عرب مورخن سنڌ جي علم ادب جون ساکون پريون آهن. ابن نديم جو اهو حوالو ته "سنڌيءَ ۾ اٽڪل ٽي سو کن رسم الخط (؟) آهن، جنهن مان اهو مطلب به ڪڍي سگهجي ٿو ته ان وقت سنڌيءَ جي رسم الخط ۾ ٽي سؤ کن حرف (صوتي يا مورت نويسيءَ جي نوع جا) هئا. ڪيترو به مبالغي آميز هجي، ايترو ضرور ثابت ڪري ٿو ته هن ڪافي مختلف نمونن ۾ لکيل ڪتاب سنڌ ۾ ڏٺا هئا. اڳيون ادب ته تباهه ٿي چڪو هو پر ڪنهن به ملڪ جي باشندن کي لکڻ پڙهڻ کان روڪي نه ٿو سگهجي ۽ ان ڪري سنڌ جا

(1) Henry Cousins-Antiquities of Sind, p.10. "The Arabs destroyed but did not build".

ماڻهو ..ي پنهنجي لکڻ پڙهڻ ۾ لڳي ويا. ساڳئي وقت عربن ۾ به ان وقت سنڌي عالمن ۽ سنڌي ماڻهن جي صحبت ۾ رهي، ادب شناسيءَ ۽ علم جو چشڪو پئجي چڪو هو ۽ ان چشڪي جي ڪري سنڌي عالمن کي بغداد، دمشق ۽ ٻين خلافتي مرڪزن ۾ گهرايو ويندو هو ۽ ڪانئن علم ۽ ادب تي ڪتاب لکايا ويندا هئا. انهن ڳالهين جا ڪيترا اهڃاڻ ملن ٿا. سنڌ جي هڪ آڳاٽي عالم "يونگر" جو علم نجوم تي لکيل ڪتاب محمد بن ابراهيم الفضاريءَ، خليفي منصور جي چوڻ تي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ۾ مختلف گرهن جي ۽ تارن جي وچور ۽ سندن وَرَ بيان ڪيائين. الفضاريءَ ان ڪتاب جو نالو ئي رکيو هو "سنڌ-هند"[1] ان ڪتاب جو ذڪر ٻئي هنڌ به ملي ٿو. البيروني چوي ٿو ته اهو ڪتاب شايد منصور کان به اڳ ۾ لکيو ويو هو ۽ ان جي اصل ليکڪ جو نالو "فيگر" (Phygar) لکيو اٿس. سنڌي نالي 'يونگر' کي اوائلي عرب لکندڙ ۽ ڪاتبن 'بوڪر' لکيو هوندو اتي مختلف ڪاتبن مختلف نشانيون ڏنيون هونديون، جن کي يورپي عالمن بيوگر، فيوگر، فيگر لکيو آهي، پر اصل ۾ اهو نالو "يونگر" آهي.[2]

انهيءَ سموريءَ ڪهاڻيءَ ڪڍڻ مان مقصد صرف هي ڏيکارڻ آهي ته سنڌ ۾ هندستان جي ٻين علائقن وانگر، ڪافي علم ادب موجود رهيو هوندو ۽ اهو جيڪڏهن ڌارين جي دستبرد کان بچي ويو ها، ته اڄ اسان جا عالم ائين ڪونه چون ها ته ڌارين اچي سنڌين کي تمدن سيکاريو.

ٻوليءَ جو بحث جاري رکندي، هاڻ اسين ٻولين جي هڪ ٻئي پهلوءَ تي اچون ٿا ته سنڌيءَ ۽ ٻين مختلف ٻولين ۾ ڪهڙي هڪجهڙائي ۽ اختلاف آهن. ٻولين جي ڪن خاص نحوي بناوتن جي بنياد تي انهن جي گروهه بندي ڪئي ويندي آهي. انهن مان هڪ ته آهي ڌاتن جي سٽا. سامي سٽ جي ٻولين جي هڪ خصوصيت اها آهي ته ان جا اڪثر ڌاتو ٽه-اکرا

(1) Colbrook_Miscellaneous Essays" ii, p._504

(2) Mr. Reinaud_ "Memoirs Sur la Inde."

(مسٽر ريناڊ اهو حوالو "تاريخ الحڪماء" تان کنيو ٿو ڀائنجي)

(Triliteralism) آهن. ان ڪري سنڌي ڪنهن به صورت ۾ سامي سٽ مان نه آهي. سنڌيءَ جا سنسڪرت وانگر اڪثر ڌاتو ٻه – اکرا آهن. ٻي ڳالهه جا ٻولين جي گروهه بندي ڪري ٿي، سا آهي ٻولين جي اندروني بناوت. عام طرح سيني ٻولين کي ٽن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي:

(1) ڇڙن پدن واريون ٻوليون	Isolating Languages
(2) ڳنڍجندڙ پدن واريون ٻوليون	Agglutinating languages
(3) ڦيرو ڪائيندڙ پدن واريون ٻوليون	Inflecting languages

(1) ڇڙن پدن واريون ٻوليون: هي اهي ٻوليون آهن، جن ۾ اچار ۽ پد بلڪل هڪٻئي کان الڳ، ڇڙا ۽ اڪيلا استعمال ٿين ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي مستقل معنيٰ رکن ٿا. جملي اندر انهن پدن کي ڦيرائبو ته انهن لفظن جي معنيٰ ۾ صورت ۾ ڪوبه ڦيرو نه ايندو. هن قسم جي ٻولين جو بهترين مثال چيني ۽ ان سان لاڳاپيل ٻوليون آهن. مثال طور هي جملو ڏسو:

وو	پُو	پا	تا
(مان)	(نه)	(ڊڄڻ)	(هو)
(مان)	نه (ٿو)	ڊڄان	هن (کان)

(مان هن کان نٿو ڊڄان)

اوهان ڏسندا ته مٿيان چار ئي لفظ هڪ هڪ پد (Syllable) جا ٺهيل آهن. ان ڪري اهڙين ٻولين کي هڪ پد واريون ٻوليون (monosyllabic) پڻ سڏيو وڃي ٿو. انهن پدن کي اڳي پوءِ ڪرڻ سان به هڪ بامعنيٰ جملو ٺهندو جنهن ۾ لفظن جي معنيٰ ڪانه تبديل ٿيندي:

تا	پو	پا	وو
(هو)	(نه)	(ڊڄڻ)	(مان)
هو	نه (ٿو)	ڊڄي	مون (کان)

(هو مون کان نه ٿو ڊڄي)

هن مان اهو ثابت ٿيو ته هر پد جدا معنيٰ رکي ٿو ۽ انفرادي طرح لفظ طور ڪتب اچي ٿو. ان کي جملي ۾ ڪهڙي هنڌ به استعمال ڪريو، ان جي معنيٰ به نه بدلجندي ۽ نحوي صورت ۾ به ڪو ڦيرو نه ايندو.

(2) ڳنڍجندڙ پدن واريون ٻوليون: هي اهڙيون ٻوليون آهن، جيڪي مختلف پد هڪٻئي سان ڳنڍينديون وينديون آهن ۽ ان طريقي سان نيون معنائون ۽ نيون نحوي صورتون پيدا ٿينديون رهن ٿيون. هن جو سٺو مثال ترڪي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو:

	ترڪي	سنڌي معنيٰ
اسم: واحد:	ابر	= گهر
	اير+دين= ايردين	= گهر مان = گهر کان = گهرئون يا گهران
	اير+اِم = ايرم	= گهر منهنجو = گهرم
	اير+اِم= دين =ايرمدين	= گهر منهنجي کان يا گهرانم
اسم: جمع:	اير+لر= ايرلر	= گهرَ (گهڻا)
	اير+لر+دين= ايرلردين	= گهرن کان = گهرائئون
	اير+لر+ام+دين = ايرلرمدين	= منهنجي گهرن کان
فعل:	دي	= چوڻ
	دي يور	= چوي ٿو
	دي يورلر	= چون ٿا

هن مان اوهان ڏسندا ته جمع ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن ٻي فعلي صورت لاءِ خاص پد لفظن جي پويان ڳنڍيا وڃن ٿا ۽ معنائون ان مطابق تبديل ٿينديون رهن ٿيون. اوهان اهو به جاچيو هوندو ته پهرين چئن صورتن تائين ته سنڌيءَ ترڪيءَ جو ساٿ ڏنو پر جڏهن جمع آيو تڏهن ترڪيءَ پنهنجي واٽ ورتي ۽ سنڌيءَ پنهنجي. ان ڪري جو سنڌي به ٿوريءَ حد تائين ڳنڍجندڙ پدن واري ٻولي آهي. (هت مون کي رڳو اهو ڊپ آهي ته اسان جا

ڪي عالم هن مثال مان ٿي ائين نہ چوڻ لڳن تہ سنڌي ترڪيءَ مان نڪتي آهي! عرب نہ سهي ترڪ سهي!) عربيءَ ۾ بہ اڪثر ٻولين ۾ ڳنڍجندڙ پدن واري خصوصيت ٿوري حد تائين ملي ٿي.

(3) ڦيرو ڪائيندڙ پدن واريون ٻوليون: هن ڳڙپ ۾ هند-يورپي (هند-آريائي ۽ هند-ايراني) ۽ سامي ٻوليون اچي وڃن ٿيون. ڪنهن بہ نحوي يا فعلي صورت ۾ - عدد، جنس ۽ زمان جي ڦيري سان پدن ۾ ٿي ڦيرو اچي وڃي ٿو. مثال:

هنديورپي (سنسڪرت)

زمان حال غائب واحد = سُ + نو + تي
(ڌاتو) (حال جي صورت) (ضمير غائب واحد)

زمان حال غائب جمع = سنونتي = سُ + نَوَ + اَنتِي
(ڌاتو) (حال جي ضمير غائب صورت جمع)

مٿئين مثال مان ڏسندا تہ رڳو ضمير غائب جي واحد کي جمع ڪرڻ سان، پويان ٻہ-ٽي پد بلڪل بدلجي وڃن ٿا. ساڳي حالت سمورين هند-يورپي ٻولين سان آهي. انگريزيءَ ۾ هيءَ فعلي صورت تہ اوهان ڏٺي هوندي:

sung	sang	sing
سَنُگ	سينگ	سِنگ

ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾:

قَصَدَ قَصَدا قَصَدُو وغيره

۽ سنڌي:

ڏسان، ڏسون، ڏس، ڏسو ڏسي، ڏسن وغيره.

انهن سمورن مثالن ۾ اها پدن جي ڦيري جي صورت موجود آهي.

مٿئين بيان مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ سنڌي ڳنڍجندڙ پدن سان گڏ ڦيرو ڪائيندڙ پدن واري ٻولي آهي، پر اهو ڳانڍاپو ۽ اهو ڦيرو سنڌيءَ ۾ پنهنجو اصلوڪو آهي، ۽ هزارين ورهين کان ائين آهي. ان مان ڪوبہ ڇاڻو اهو مطلب نہ ڪيندو تہ انهيءَ صورت هيٺ جي ڪري ڪي ٻوليون ڪن ساڳيءَ طرح ڦيرو ڪائيندڙ ٻولين مان نڪتيون آهن. هر ٻوليءَ جو مزاج پنهنجو گر . پنهنجو عادتون پنهنجون ۽ خصوصيتون پنهنجون هونديون آهن. ٻولين جي سرچشمي ڳولڻ لاءِ نہ رڳو انهن خصوصيتن جي هڪجهڙائيءَ جو اپياس ڪرڻو آهي، پر اختلافن جو پڻ اپياس ضروري آهي. محض ڪن هڪجهڙاين جي ڪري ائين چئي نہ سگهبو تہ فلاڻي ٻولي فلاڻيءَ مان نڪتي يا فلاڻي ٻوليءَ ۾ اها صورتحال فلاڻي ٻوليءَ جي ڪري آهي. فرينچ ٻوليءَ ۾ عربيءَ وانگر اسمن جون بہ جنسون آهن. مذڪر ۽ مونث. جيئن عربيءَ ۾ تيئن ان ۾ جنس عام (Neuter Gender) جا اسم نہ آهن. ان حالت ڪي پيٽي ڪو چوي تہ اها حالت عربيءَ تي فرينچ جي اثر ڪري يا فرينچ تي عربيءَ جي ڪري ٿي، تہ اها ڳالهہ علم جي دائري ۾ داخل ڪانہ سمجهبي. اسان جي هڪ عالم بنهہ غلط مثال ڏيئي هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌيءَ ۾ زالن جا نالا 'مبني' آهن ـ ۽ اهو اثر عربيءَ جي ڪري آهي، ڇو تہ عربيءَ ۾ زالن جا نالا مبني آهن. آءٌ ان متعلق اڳئي ڪنهن ٻئي هنڌ[1] عرض ڪري چڪو آهيان تہ مثال ۽ مفروضو ٺي غلط هو ۽ جيڪڏهن فرض ڪجي تہ مثال صحيح بہ هجن ها، تہ انهن مان جيڪو نتيجو ڪڍيو ويو سو بلڪل مٿئين فرينچ ۽ عربيءَ جي مثال وارو!

سنڌيءَ جي انهيءَ خصوصيت کي جاچڻ کان پوءِ هاڻ اچو تہ سنڌيءَ جي آوازن کي ڏسون. صوتي نظام (Phonetic System) زبانن جو اهڙو اهڃاڻ آهي، جو يقيني طرح ٻڌائي سگهي ٿو تہ ڪا زبان بنيادي طرح

(1) ڏسو منهنجو مضمون – سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ تي بحث – مهراڻ ـ4ـ1959، ص 212ـ213 تہ زنانا نالا حالتن مطابق ڦيرو ڪائين ٿا يا نہ!

اصلوڪي زبان آهي يا ڪنهن زبان جي اپڀاشا يا پراڪرت. هر ٻوليءَ حروف علت ۽ حروف صحيح تي مبني آهي. سنڌيءَ ۾ يارهن حروف علت آهن- جي هيٺ ڏجن ٿا:

اَ، اِ، اُ، آ، اِيءَ، اَي، اي، او، اوُ، آو، آئُو

aaoo, ao, uo, o, (ai) y ay ee, aa, u, i, a

هنن حروف علت جي هيٺان انگريزي اچار ان ڪري ڏنا ويا آهن، جو اسان جي هڪڙي عالم کي اهو شڪ نه بلڪ پڪ آهي ته سنڌيءَ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ حروف علت هئا ئي ڪين، ۽ عربيءَ اسان تي وڏو احسان ڪري ا، و، ي حروف علت اڌارا ڏنا. تڏهن اسان جي ٻولي جڙي راس ٿي. [1] پنهنجي راءِ ۾ 'ڪڪڙ' ۽ 'گدڙ' جا مثال ڏنا اٿس ته ڏسو هي ته رڳو حروف صحيح جا مجموعا آهن!

هيءَ صاحب انهن لفظن کي انگريزيءَ ۾ لکي ڏسي ها، ته کيس خبر پئجي وڃي ها ته انهن لفظن ۾ ٽن حروف صحيح کان سواءِ اوترائي حروف علت موجود آهن. هت انهن لفظن کي رومن ۾ لکي ٿو ڏيکارجي ته ڳالهه صاف ٿي بيهي:

(gidʌɽʊ) = gidaru گِدَڙُ

(kʊkʊɽʊ) = kukuru ڪُڪُڙُ

اوهان ڏسندا ته ٻنهي لفظن ۾ ٽي حروف علت موجود آهن. اسان جي سنڌيءَ جو موجوده رسم الخط جيئن ته عربيءَ تان اختيار ڪيو ويو آهي، ان ڪري حروف علت کي ادا ڪرڻ لاءِ زير، زبر ۽ پيش کان ڪم ورتو وڃي ٿو.

---

(1) ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صدر شعبہ تعليم سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" (1962) "لفظن جي اهڙي بيهڪ... عربيءَ جي اثر کان اڳ سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا- " ص 22

سنڌيءَ جي انهن مٿين ٻارهن حروف علت کان سواءِ، ان ۾ هيٺيان حروف صحيح موجود آهن:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ڳ ڱ گ

ج ڄ ڃ چ ڇ خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ز ر ڙ س ش

ڪ ک ل م ن ڄ گھ ھ ف ق غ ڻ و ي

باقي هيٺيان فروعي حروف اسان وٽ عربيءَ مان ايل آهن:

ث ص ض ذ ط ظ ح ق ع ء.

اهي لفظ فروعي ان ڪري چئجن ٿا، جو انهن جا اچار اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڪنهن صورت ۾ موجود آهن، پر عربيءَ جي اچارن جو جيڪو بہ ٿورو فرق آهي، سو نہ سنڌي لفظ ۾ ادا ٿئي ٿو ۽ نہ اهي اُچار سنڌيءَ جي مزاج ۾ سمائجي سگهن ٿا. دراصل انهن عربي حروف صحيح کي سنڌيءَ مان ڪڍي ڇڏڻ سان، سنڌيءَ جي لکڻ جي صورت سهل ۽ آسان بہ ٿيندي ۽ ٽائيپ رائٽر ۽ ڇپائيءَ جو ڪم بہ سستو ٿي پوندو. [1] جيڪڏهن ٿڌيءَ دل سان (مذهبي تنگدليءَ ۽ بدگمانيءَ کان سواءِ) اسان جا عالم دوست ان پهلوءَ کي سوچين تہ هوند سنڌيءَ جي ترقيءَ جي هڪ وڏي رڪاوٽ هٽي وڃي: ۽ ڇپائيءَ ۽ ٽائيپ رائٽر جي سستي ٿيڻ سان، سنڌي ٻين زبانن سان هڪدم ڪلهو لائي بيهي سگهندي.

سنڌيءَ جي انهن اچارن مان ٻ ڳ ڄ ڃ ڱ ڏ ڻ اهڙا اچار آهن، جيڪي (ڻ کان سواءِ) ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ نٿا ملن. (ٻ ۽ ڏ ڪانيااوڙي

(1) ادبي بورڊ جي ملازمت جي دوران مسٽر محمد ابراهيم جويي سنڌي ٽائيپ رائٽر ٺاهڻ جي اسڪيم تي ايتري تہ مغز ماري ڪئي، جو جيڪڏهن ٻيءَ ڪنهن زبان لاءِ هي شخص ايترو ڪم ڪري ها، تہ سندس وڏي قدردانيءَ ٿئي ها. مون بہ ـ تي پيرا ڪيس انهن فروعي اکرن جي رڪاوٽ ڏانهن متوجهہ ڪيو پر هن کي جيئن تہ اڪثر اهڙن ماڻهن سان منهن ڏيڻو هو جن جي اڳيان ٻوليءَ جي ترقي ثانوي چيز هئي، انڪري هو ان ڳالهہ تي بحث ڪرڻ کان بہ ڪيٻائيندو هو.

ميمڻن جي ٻوليءَ ۾ ملن ٿا. پر جيئن تہ اهي ميمڻ اصل سنڌ جا وينل هئا ۽ هتان ئي لڏي اوڏانهن ويا. انهيءَ ڪري هنن جي ٻوليءَ ۾ اهي اچار رهجي ويا آهن، ۽ سنڌن ٻولي سنڌيءَ سان نهايت ويجهي آهي). ڻ جو اچار البتہ ڪن هند-يورپي ٻولين ۾ ملي ٿو.

عربيءَ جي مٿين ڏهن فروعي حرفن کي ڇڏي، باقي انهن ٻائيتاليهن اکرن جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ جي سموري عمارت بيٺل آهي. جيئن اسين اڳئي چئي آيا آهيون، سنڌي ٻولي گهڻو ڪري ٻہ-اکري ڌاتن تي بيٺل آهي. سنسڪرت لاءِ ڏيهي عالم اٽڪل ٻہ هزار ڌاتو مقرر ڪن ٿا، پر يورپي عالم انهن ڌاتن مان ٽيا ڌاتو ڪڍي ڪل اٺ سو کن ڌاتو مقرر ڪن ٿا، جن مان گهڻو ڪري سمورا فعل، فعلي صورتون ۽ اسم وغيره نڪرن ٿا.[1]

سنڌيءَ جي ڌاتن تي ڪنهن بہ شخص سنڌ ۾ خاص ڪم ڪونہ ڪيو آهي. جس آهي عبدالڪريم سنديلي کي، جنهن 'تحقيق سنڌي لغات' ۾ ان طرف ڌيان ڏنو آهي. جيتوڻيڪ ٻوليءَ بابت منهنجو هن سان علمي اختلاف آهي، پر آءٌ سندس علمي ڪوشش ۽ محنت جو داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهان. سنديلي صاحب بہ اڪثر هنڌن تي، جتي ڪيس لفظن جو ڌاتو سنسڪرت مان نہ مليو، اُتي انهن لفظن کي ڇڏي ڏنو آهي، ۽ ڪيترا وري اهڙا ڌاتو ڏنا اٿس، جيڪي بلڪل ٺهڪي نٿا اچن.

منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ٻنهہ مڪمل ڌاتو ٻاويهہ سو کن ٿين ٿا، جن مان سنڌيءَ جا (عربيءَ ۽ ڌارين ٻولين جي لفظن کان سواءِ) سمورا لفظ ڪڍي سگهجن ٿا. اهو ڌاتو ڪوش ناهڻ هڪ جدا ۽ اٿانگو ڪم آهي،

---

(1) "When allowance is made for these, their remain somewhat eight hundred roots, which form the basis, not only of a verbal system but also the larger part of the inherited nominal stem of the language.

T.Burrow_ "The Sanskrit Language" pp.288_289.

ان کان ٿوري مختلف راءِ ڏسو

E. Benroniste-"Origines de la Formation Des Nouns en Indo-European", Volume I, Paris 1935, pp. 53-54.

جنهن کي فقط ادبي بورڊ جهڙو ادارو هٿ ۾ کڻي سگهي ٿو. هت آءٌ مثال طور فقط چند ڌاتو ڏيان ٿو جيڪي سوين لفظن جو سرچشمو آهن. هي اهي ڌاتو آهن، جيڪي سنسڪرت ۾ به اوهان کي ملندا. پر فرق اهو آهي ته سنڌيءَ جا هي ڌاتو سنڌيءَ ۾ پنهنجيءَ اصلوڪي صورت ۾ قائم رهن ٿا. پر سنسڪرت ۽ ٻين هند-يورپي ٻولين ۾ هنن ته اصلوڪي صورت ۾ استعمال نٿا ٿين ۽ انهن جي حيثيت فقط خيالي (abstract) آهي ۽ ٻيو ته انهن مان فقط فعل ۽ اسم وغيره ٺاهڻ ۾ ڌاتن ۾ گهڻي تبديلي آڻڻي پوي ٿي. جهڙيءَ طرح سنڌيءَ جي ڌاتن ۾ ڻ ۽ ئڻ ۽ ٻيا اهڙا پد ڳنڍڻ سان مصدر ۽ ٻيا لفظ ٺهن ٿا، تيئن سنسڪرت ۾ ڌاتن سان ار اس، ان، ام، ايه، آ، ت، د، پ، پ، چ، ج، هه وغيره ڳنڍڻ سان لفظ جڙن ٿا. دراصل اهو ان ڪري آهي جو پراڻي سنسڪرت جي لفظن جي درجي وار اڀياس ڪرڻ لاءِ جڏهن ڏٺو ويو ته اهي نشانيون اڪثر لفظن ۾ ملن ٿيون، تڏهن لفظن کي ترتيب انهن پڇاڙين مطابق ڏني ويئي، ۽ انهيءَ ڪري اهي پڇاڙيون فعلن توڙي اسمن ٺاهڻ لاءِ ضروري سمجهيون ويون آهن.

سنسڪرت ڌاتو 'سوُ' برابر آهي سنڌي اصل ڌاتو سڻ جي. سنسڪرت ۾ ان ڌاتوءَ ۾ 'ار' ۽ 'ان' گڏڻ سان سُون يا سُورَ معنيٰ آواز ڪرڻ. ٻئي طرف سنڌي ڌاتوءَ سُڻ يا سو جي معنيٰ آهي آواز ۽ سنڌيءَ ۾ ان جون فعلي صورتون آهن سُڻڻ، سُڻڻ، سُجڻ (ٻڌڻ ۾ اچڻ). ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي خاص سنڌي طريقي سان ڪيترائي لفظ ٺهن ٿا. سنڌي لفظ **سڄاڻ** کي **اڄاڻ** جو مخالف (antonym) سمجهي سه+ **ڄاڻ** = **سڄاڻ** (سُ = چڱو + ڄياتن = ڄاڻڻ) چيو وڃي ٿو پر دراصل ان جي صحيح لکيت سڻ ← **سڻڻ** ← مفعولي سُڄڻ مان آهي ۽ معنيٰ اٿس جيڪو ٻڌي-**سڄاڻ** اسان وٽ سنڌيءَ ۾ "چڱيءَ ڄاڻ وارو" جي معنيٰ ۾ نه پر خبر رکندڙ يا خبردار جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو يعني جيڪو شخص ذرو به کڙڪو يا آواز ٻڌي، تيار ٿي ويهي، ان کي سڄاڻ چئون ٿا. اهو سڻ ڌاتو پنهنجي ويجهي ۾ ويجهي

شڪل سويا سئو = ٻڏو ۾ نظر اچي ٿو.

هت اهو سوال پيدا ٿيندو تہ آءٌ اهو نظريو ڪيئن تو پيش ڪريان تہ اهو ڏاتو اسان سنسڪرت مان نہ ڪنيو ۽ اصلي سنڌي ڏاتو آهي. جيئن تہ هي هڪ بلڪل نئون نُڪتو آهي، جو آءٌ پيش ڪري رهيو آهيان، ان ڪري ان جو تفصيلي بيان ضروري آهي.

ٻوليون، آوازن جو مجموعو آهن ۽ منهنجي نظر ۾ ٻولين جي اسرڻ جو سڀ کان صحيح نظريو اهو آهي تہ جن ٻولين ۾ لفظن جا ڏاتو فطرت جي محرڪات جي آوازن سان مشابهہ هجن، اهي ئي ٻوليون ابتدائي انسان جون ٻوليون آهن. فطرتي عناصرن ۾ ڪيترائي آواز آهن: متي، هوا ۽ پاڻي پهريان عناصر هئا، جن سان انسان جو واسطو رهيو هو. باهہ تہ انسان خود پيدا ڪئي. ان کي ايجاد ان ڪري ڪونہ ٿو چئي سگهجي، جو انسان پيلن جي ٻاهين، سج جي تپش يا وڄ جي ساڙڻ مان باهہ جو تصور پنهنجي ذهن ۾ آندو هوندو ۽ فطرت کان ئي ڪنهن ذريعي باهہ ٻارڻ سکيو هوندو. انهن ٽن مکيہ عناصرن — هوا، پاڻي ۽ متيءَ ـ ۾ مختلف آواز هئا، ۽ انهن کان سواءِ انسانَ جانورن ۽ پکين جا آواز پڻ ٻڌا هوندا. انهن عناصرن جي آوازن مان ئي هن کي "آواز" جي اهميت معلوم ٿي ۽ جنهن آواز ئي هن کي پنهنجن حواسن استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪيو.

اهو چوڻ تہ مشڪل آهي تہ انساني زندگي پهرين پهرين ڪهڙي هنڌ پيدا ٿي، پر ان چوڻ جي خلاف بہ ڪو دليل موجود نہ آهي تہ انساني زندگي هڪ کان وڌيڪ هنڌن تي اسري هوندي. سنڌ ۾ پٿر جي دور جي انسانن جا ڪيترائي ثبوت مليا آهن، ۽ ان ڪري اهڙو ڪوبہ سبب نہ آهي جو ائين تصور نہ ڪجي تہ سنڌ ۾ بہ انساني زندگي اسري هوندي جيڪڏهن اهو مفروضو (hypothesis) قائم ڪجي، تہ پوءِ هڪ انساني ٻولي هت بہ اسري هوندي ۽ سنڌي انسان پنهنجي چوڌاري جيڪي مهربان ۽ ظالم فطري قوتون ڏٺيون، انهن کان هو زندگيءَ جا اولين سبق سکڻ لڳو ۽

انهن ۔ سڀني مان ٻولي ۾ ڳالهائڻ بہ هڪ هو.)

مون مٿي سُ ڌاتو ڄاڻي واڻي کنيو آهي ۽ ان جو مفهوم منهنجي ان نظريي جي پٺڀرائي ڪري ٿو. سنڌي انسان "هوا" جي فطري عنصر جي آوازن مان اهو ڌاتو پيدا ڪيو. هت ايترو چوڻ ضروري آهي تہ جتي جتي انساني زندگي اسري هوندي، اتي جي انسان جي ٻڌڻ جي حس تي فطري آوازن جو اثر مختلف نموني ۾ ٿيو هوندو. سنڌي انسان کي هوا ۾ "سو سُو" جو آواز محسوس ٿيو ۽ جيئن تہ هوا هن کي نظر نٿي آئي، ان ڪري رفتہ رفتہ اڻ ڏٺل ۽ لڪيل فطري شيءِ جي آواز لاءِ هن جي ذهن ۾ اهو "سُو سُو" جو تصور ڄمي ويو ۽ انهي 'سُ' يا 'سُو' جي معنيٰ "آواز" هن جي ذهن ۾ پيدا ٿي. اڄ تائين اهو تصور اسان سنڌين جي ذهن ۾ قائم آهي، ۽ اوهين ڏسندؤ تہ هر اهو لفظ جنهن ۾ اڻ ڏٺل چيزن مان پيدا ٿيندڙ آواز جو تعلق آهي، ان ۾ اهو 'سُ' يا 'سُو' ڌاتو يا بنياد موجود هوندو۔ سون سُون، سُوسٽ، سُوساٽ، سُراٽ، سيسراٽ، سِين، سِين، سي سي، سُس پُس، سُرسُر وغيره ۾ اهو 'سُ' يا 'سُو' اسان کي للڪاري چئي رهيو آهي تہ اهو سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي ڌاتو آهي، ۽ اوهين انهن ۾ اهو بہ ڏسندؤ تہ اهي هڪ فطري انداز ۾ بي قاعدگيءَ جي قاعدن سان ٺهيل لفظ آهن، ۽ جيڪڏهن ڪو انهن لفظن کي لغت ۾ آڻڻ وقت ويهي ائين چوي تہ اهي سنسڪرت يا فلاڻيءَ ٻوليءَ جي فلاڻي ڌاتوءَ مان نڪتا، تہ اهو غلط آهي.

سنڌي ڌاتن جو پس منظر اهو آهي جيڪو مٿي ٻڌايو ويو ۽ ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت آهي عقل سليم. ان ڌاتوءَ ۾ اُن سان گڏ يا پوءِ آهستي آهستي ٻڌن جي گڏجڻ سان نوان نوان لفظ جڙندا ويا. جيڪڏهن ان نظريي کي خيال ۾ رکي ڏسجي ٿو تہ ڪيترائي لفظ آهن، جن ۾ اهو 'سُ' يا 'سُو' ڌاتو ڪر کنيو بيٺو آهي، سٽڻ، سٽڻ، سڃڻ، سٽس، سارڻ، سار ساري، ساگر، سانت، سانگ، سائر، سر، سنگ، سوئر، سيٽي، سينڍ وغيره وغيره. اهي ۽ ٻيا اهڙا سمورا لفظ انهي 'سُ' ڌاتوءَ ۾ ٻيا بامعنيٰ پد ملائڻ سان ٺهيا

آهن – هر لفظ جي تاريخ بيان ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب پورو ئي نہ پوندو. آءٌ هت **ساگر، سانگ ۽ سوٿر** لفظن تي بحث ڪندس، جو اهي تي لفظ ٽي مٿين لفظن ۾ اهڙا آهن، جن ۾ ظاهري آواز ۽ 'سُ' ڌاتوءَ جو شڪ ڪونہ ٿو پوي. باقي لفظن مان هر هڪ ۾ آواز جو مفهوم پڌرو ۽ چٽو بيٺو آهي.

عنصرن جي آوازن مان هڪ پيو آواز انسان جي ڪن تي پيو سو هو پاڻيءَ جي "گڙ گڙ" يا "گرگر" جنهن مان هڪ پيو ڌاتو ٺهيو 'گ' يا 'گڙ'، جنهن انسان جي ذهن ۾ "پاڻيءَ سان لاڳاپيل زوردار آواز" جو تصور ۽ مفهوم پيدا ڪيو ۽ جنهن مان انسان جي زرخيز ذهن پنهنجي مقصد جا لفظ گهڙڻ شروع ڪيا. **گڙ گڙ، گوڙ، گجگوڙ، گجڻ، گجي، گاج، گج** (بمعنيٰ هاٿي جنهن جو آواز بہ هيبتناڪ ۽ گجڻ سان مشابهہ هو)، **گارو، گرج، گر، گرڙيهہ گونجڻ**، وغيره– انهن سمورن لفظن ۾ اهو اصلوڪو ڌاتو ٽن مختلف صورتن ۾ موجود آهي، جن ۾ پاڻي سان لاڳاپيل گِرن آوازن جو تصور موجود آهي. اهو **گڙ** ← **گر** ڌاتو **ساگر** ۾ موجود آهي. **'سا'** = آواز جي اڳيئي ڄاڻ پئجي چڪي هئي، 'گڙ' يا 'گر' بہ آواز سان متعلق هو پر اهڙو آوازُ جو پاڻيءَ مان پيدا ٿيندڙ هجي ۽ هيبت ڏيندڙ هجي. انسان ويچاري اهڙيءَ شيءِ جنهن ۾ گڙ گڙ جو آواز اچي، ان کي سڏڻ ٿي شروع ڪيو **ساگڙ** ← **ساگر**! اهوئي لفظ وقت گذرڻ سان ترقي ڪري **ساٿر** بڻيو آهي، جو شاهہ ڪريم هيئن ٿو استعمال ڪري:

ساٿر ڏيئي لت، اوچي نيچي ٻوڙيئي،

سوٿر: هن لفظ لاءِ تہ خود اسان جا لغت نويس چون ٿا تہ اهو **'شو'** = آواز مان نڪتو آهي[1] **'شو'** سنسڪرت ڌاتو سنڌي **'سو'** جي صورت آهي.

سانگ = **سوانگ**، هن ۾ **'وانگ'** سنڌيءَ جي سڌي سنئين لفظ 'وانگر' جو مخفف آهي _ **سانگ** = **سوانگ** = **سہ** + **وانگ** = آواز وانگر يعني آواز يا آواز واريءَ ڪنهن شيءِ جو نقل يا آهل ڪرڻ.

(1) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي 'تحقيق لغات سنڌي' ص 239

انسان پنهنجي انهيءَ زندگيءَ ۾ اهڙا پاٽي بہ وهندا ڏٺا، جن جو آواز ايترو ڏيچاريندڙ نہ هو بلڪ هلڪو آواز محض پاٽيءَ جي وهڻ جو ٻڌڻ ۾ آيس. جو هن جي ڪنن ۾ جر جر يا جهر جهر جو تصور پيدا ڪرڻ لڳو ۽ ان طرح اهو ٻيو ڌاتو 'جهر' يا 'جر'، پاڻيءَ يا پاٽيءَ جي هلڪي آواز جي معنيٰ ۾ ٿيو جنهن مان جهرڻو جهاڻ، جهم جر، جهپڻ، جهڙ جهڙا ڪيترائي بوليءَ ۾ پيدا ٿيا.

ٽئين عنصر مٽيءَ مان بہ انسان ساڳئي اصول تي پنهنجي تصور کي ڪم آڻي، ٻوليءَ کي وجود ۾ آندو. مٽيءَ سان انسان جو سڌو سنئون واسطو تڏهن پيو جڏهن شڪار ڪرڻ وقت هن جانورن کي مٽيءَ کي استعمال ڪندي ڏٺو. شايد ڪنهن جانور کي زمين ۾ سوراخ ڪندو ٻڌائين، ۽ ان جو آواز 'کر کر' هن جي ڪنن تي پيو. انهيءَ 'کر کر' هن ۾ ساڳيو آواز جو تصور پيدا ڪيو پر هي آواز اهڙو هو جو مٽيءَ سان يا ڌرتيءَ سان تعلق رکندڙ هو. ان مان هن جي ذهن ۾ مٽيءَ يا ڌرتيءَ کي 'کرڙڻ' جو نقشو اڀريو. اوهان غور ڪري ڏسندا تہ 'ک' يا 'کر' سان لاڳاپيل سمورا لفظ مٽيءَ سان سڌو يا اڻ سڌو واسطو رکن ٿا. (هڪ ڳالهہ جو اهڃاڻ ڏيڻ ضروري آهي تہ انهن ڌاتن ۾ پوئين 'ر' يا 'ڙ' محض آوازي نشاني آهي ۽ ڪڏهن ڌاتوءَ سان گڏجي ڪم اچي ٿي ۽ ڪڏهن ڌاتو اُن نشانيءَ کان سواءِ پيدا ڪيا ويا). اڄ تائين گهوڙي جي بدن کي کرڙي صاف ڪرڻ لاءِ توريءَ جي ٽڪر کي اسين سنڌيءَ ۾ 'کرکرو' سڏيون ٿا. کرڙڻ کيڙڻ، کوڙڻ، کڙو کوٽڻ، کاٽ، کاٽي، کيٽ، کڏ، کڏو، کوٻو کوهہ، کورو کرو (ان جو کرو) کيٽ، کيٽي، کنهڻ ۽ کينهو (جو اصل ۾ مٽيءَ جو ٺهيل ڳوڙهو هوندو هو) ۽ ٻيا ڪيترائي لفظ اوهان کي ملندا. جن ۾ اهو 'ک' ڌاتو مٽيءَ جو تصور ڪٽي، اسان جي سامهون اچي ٿو. هڪ ڳالهہ ڏانهن اوهان جو ڌيان ضرور ڇڪيو هوندو تہ آوازي مناسبت سان 'ر' پڇاڙي سرسر، کرکر، گرگر، وغيره سيني ۾ عام آهي، ان ڪري ڌاتو محض 'س'، 'ک'، 'گ' وغيره رهجي ويندا. جن مان ڦهريون هوا،

پيو متيءَ ۽ ٿيون پاڻيءَ جي آواز سان متعلق ڌاتو بنيا آهن. ايترن سارن لفظن ۾ اهي ڌاتو ان طرح روشن نظر اچن ٿا ته اهو محض اتفاقي ٿي نٿو سگهي. ان ۾ سنڌي ماڻهن جي تصور ۽ ذهن جي ان ڪوشش کي دخل آهي، جنهن جي ذريعي هين انسانن سان واسطو رکڻ ۽ ساڻن پنهنجي تجربن جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ هنن ڪو ذريعو پيدا ڪرڻ ٿي چاهيو.

هي بحث ڊگهو ٿي ويو آهي پر مون کي ايترو يقين آهي ته جيڪڏهن ان نظريي کي خيال ۾ رکي سنڌي ٻوليءَ جي اصليت تي کوجنائون ڪجن، ته هر بنيادي ڌاتوءَ کي سنڌي انسان جي ابتدائي زندگيءَ جي ڪنهن فطري ڪوشش ۾ ڳولي سگهجي ٿو. اهي ڌاتو نه صرف پنهنجي اڪيلي ۽ ڇڙيءَ صورت ۾، پر ٻين اهڙن ئي ڌاتن سان مرڪب صورت ۾ سنڌي لفظن جو ذخيرو پيدا ڪن ٿا. انسان جي اوائلي ٻولين ۾ هر پد جي معنيٰ الڳ هئي، جنهن جو زنده مثال چيني ٻوليءَ مان ملي ٿو ۽ اهي پد ئي ڌاتن جي حيثيت رکن ٿا. ان ڪري سمورين پراڻين ٻولين ۾ پد اڪيلا يا ٻين پدن سان ملي بلڪل نيون معنائون پيدا ڪن ٿا. ڪي نئون پد جڏهن ڪنهن ٻئي ڌاتو پد سان ملي ٿو تڏهن جيسين ان نئين پد ۾ اڳيئي ڪا معنيٰ نه هوندي، تيسين ڪي نئون لفظ نه ٿهندو. ٻوليون اتفاقي طرح پيدا نه ٿيون آهن، پر انسان جي هزارين سالن جي فڪر ۽ ويچار جو نتيجو آهن. ڪي پد بيڪار ۽ بي معنيٰ نه آهي. البته ائين آهي ته ٻولين جي تاريخ ايتري ته پراڻي آهي، جو هاڻ انهن معنائن کي ڳولي ڪيڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ان هوندي به هر لسانيات جو ماهر ڪوشش ڪري اهڙين پڇاڙين ۽ پدن جون معنائون سُوڌي ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان نُڪتي کي سمجهائڻ لاءِ هڪ به مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندا.

سنسڪرت ۾ صفت ٺاهڻ لاءِ اسم پويان 'تيه' پڇاڙي ڳنڍبي آهي، مثلاً دڪشڻ + تيه = دڪشڻتيه = ڏاکڻو آپ + تيه = آپتيه = پاڻياٺو يا پاڻيءَ جو (aquatic). 'تيه' پڇاڙي ضمير اشارو ڏور 'سيس' ← 'سيه'، ← 'تياد' ←

'ٿيہ' = هتي، هو اهو وغيره آهي. ان طرح صفت ٺاهڻ وقت انهن مٿين لفظن جي معنيٰ ٿيندي "ڏکڻ هتي" يا "ڏکڻ هو"، "پاڻي هتي" يا "پاڻي هو" ـ ظاهر ٿيو تہ اها پڇاڙي، جا اسم ۾ ڳنڍي ويئي، سا بذات خود پنهنجي هڪ معنيٰ رکي ٿي.[1] ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ ڏاکڻو اترين، پاهرين، اندرين وغيره ۾ 'ايون ← اون ←او، ضمير اشارو ڏور بمعنيٰ 'هو' يا 'اهو' بيٺو آهي.

مٿ ـن ڏنورا مثال منهنجي نظريي جي چڱي وضاحت ڪن ٿا. پر ايترو وري بہ عرض ڪندس تہ سنڌي ٻوليءَ جي اها صورتحال موهن جي دڙي جي دور کان بہ گهڻو اڳي جي آهي ۽ موهن جي دڙي جي تهذيبي دور ۾ تمدن جي ترقيءَ سان گڏ پنهنجي تقريباً مڪمل صورت ۾ پهچي چڪي هئي. ۽ اها مڪمل ٻولي قبيلن جي لڏپلاڻ ۾ مختلف هنڌن تي پهتي ۽ جتي جتي پهتي اتي مقامي محاورن سان گڏجي مسجي اهڙين صورتن ۾ آئي، جن ۾ ڪڏهن سنڌيءَ جي بناوت مقامي محاورن کي جذب ڪري ويئي، تہ ڪٿي ڪا مقامي ٻولي سنڌيءَ جي بناوت تي حاوي پئجي ويئي، ۽ هنڌ هنڌ هڪ اهڙي ٻولي بنجي ويئي، جنهن ۾ هاڻ فقط ٿورن سنڌي لفظن کي ئي ڳولي سگهجي ٿو. البت ايترو آهي تہ اتر هندستان جي اڪثر ٻولين ۾ سنڌيءَ جو اثر رڌيڪ نمايان آهي. ۽ ائين بہ ٿيو آهي تہ اهي نئينءَ صورت ۾ آيل ٻوليون وري سنڌيءَ تي بہ اثرانداز ٿيون آهن. ان جو سبب يا تہ سياسي تسلط يا واپاري ۽ معاشي ڏي وٺ ۽ رابطو هو. سنسڪرت جو اثر موٽ ۾ ان طرح ئي سنڌيءَ تي ٿيو آهي. پر ان اثر جي اهميت اها نہ آهي، جا ان کي ڏني وڃي ٿي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي سنسڪرت کان اڳ پنهنجي مڪمل صورت اختيار ڪري چڪي هئي. سنسڪرت يا ٻين لاڳاپيل ٻولين ان تي فقط اهو اثر ڪيو آهي، جو ان ۾ نوان نوان لفظ جذب ٿيندا ويا. جن مان ڪيترا تہ اصل سنڌيءَ جا ئي هئا. پر نئين شڪل ۾ وري ان ۾ شامل ٿيا آهن. مثلاً جن، جل، ٻن، ٻل، هنيئون، هردو، آڳ، اڳني، سج، سورج، تارا، ستارا وغيره.

ان طرح اسان جي سنڌي ٻولي جڙي آهي. پدن ۾ پد جوڙيندي، نوان

(1) Max Muller- "Collected Works" p. 146.

نوان لفظ نيون معنائون، نيون نحوي صورتون پيدا ٿينديون ويون. ڪيترائي لفظ ٻين ٻولين اڌارا ڪنيا ۽ انهن کي پنهنجو رنگ چاڙهي، وري موٽائي اسان کي ڏنا. اهڙن ڪيترن لفظن جون ٻئي صورتون اسان وٽ موجود آهن. اهڙا اڌارا ڏنل ورتل لفظ ڪي ته اهڙا آهن جن کي هڪدم سڃاڻي سگهجي ٿو ته اصل سنڌيءَ جا لفظ آهن.

آءٌ چئي آيو آهيان ته اسان جي ٻوليءَ جا اچار صوتي لحاظ کان اصلوڪا آهن. ان جو ثبوت خود موجوده زماني جو هڪ عام تجربو مهيا ڪري ٿو. اوهين هندستان جي ڪنهن به حصي جي رهاڪوءَ، بلڪ دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کان ڱ، ڳ، ڃ، ڄ، ڏ اچارائي ڏسو. 'ڃ' کي 'ونج' چوندا، 'سڱ' کي 'سنگ' چوندا، 'ڳالهه' کي 'گال' چوندا، 'ڄڃ' کي 'ججنڻ' چوندا، 'ڏڏ' کي 'ڊڊ' يا 'ڊنڊ' چوندا، وغيره. (عربي ٻولي ته ويچاري صوتي اعتبار کان نهايت ئي غريب ٻولي آهي، صوتي لحاظ کان شاهوڪار ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو به اُهي اچار اڪثر ادا ڪري نه سگهندا)

هاڻي سوال آهي ته ائين چو ٿو چيو وڃي ته اسان سنڌين ئي 'نگ' مان 'ڱ'، يا 'نج' کي 'ڃ' ٺاهيو؟ اهو محض سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻين ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ کان سواءِ ئي آهي، نه ته موجوده تجربو ان نظريي خلاف هڪ وڏو ثبوت آهي. دراصل ڇاڪاڻ ته اسان جا اهي اچار جن لفظن ۾ موجود هئا، اهي جڏهن سنسڪرت ۾ ان جي ترڪيبي دور ۾ جذب ٿيا، تڏهن هنن 'ڱ' کي 'نگ'، 'ڃ' کي 'نج' وغيره ڪري ڪتب آندو. بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح اسان جا مهاجر پاٺر سنڌي لکڻ يا ڳالهائڻ وقت ڃ کي نج ۽ ڱ کي نگ سان اچارڻ لڳا آهن.

جنهن علائقي جي ابتدائي ٻوليءَ ۾ ڪو اچار نه هوندو ته ڌارين ٻوليءَ جو اچار جيترو وڌيڪ ويجهو اچارجي سگهجندو آهي، اهوئي رائج ٿيندو آهي. آءٌ بلوچيءَ جو مثال ڏيئي آيو آهيان ته هنن کي خ اچارڻ ڏکي لڳي ته ان کي 'ه' اچارڻ لڳا. اهوئي ساڳيو سبب آهي، ته سنڌيءَ جا

ڪيترائي لفظ جن ۾ سنڌيءَ جا اهي مخصوص اچار هئا، اهي سنسڪرت ۾ ويجهي ۾ ويجهيءَ صورت ۾ داخل ٿيا ۽ انهيءَ صورت ۾ پاڻنيءَ انهن جون نحوي صورتون مقرر ڪيون. پاڻني پنهنجي گرامر ۾ چوهٺ ٻين وياڪرڻ جي ماهرن جا نالا ڏنا آهن. جيڪي ڪاٽنس اڳ وياڪرڻ لکي ويا هئا. انهن چوهٺ وياڪرڻين جا گرامر افسوس ته هيستائين لڀي نه سگهيا آهن- نه ته ممڪن آهي ته هھڙي ڪنهن صورتحال جو اهڃاڻ انهن مان ملي ها.

ان سان گڏ هڪ ٻئي آواز سنڌي 'و' جي اچار کي پڻ – پوءِ لکڻ جي صورت ساڳي هئڻ ڪري، يا آوازن کي چڱيءَ طرح نه سمجهڻ ڪري – 'ب' جي اچار سان مخلوط ڪري سنسڪرت وارن ڪڏهن 'ب' وارن لفظن کي 'و' سان قبولڻ شروع ڪيو ته ڪڏهن 'و' جي اچار وارن لفظن کي 'ب' سان قبولڻ شروع ڪيو. ان نظريي لاءِ به هڪ موجوده دور جو مثال تجربي لاءِ موجود آهي. بينگالي سنسڪرت کي نهايت ئي ويجهي زبان آهي، ۽ ان پاسي ئي سنسڪرت نپني ۽ ساماڻي آهي. اوهين ڪنهن به بينگالي ياءِ کي 'و' جي اچار وارو لفظ اچارڻ لاءِ چئو ته هو ان کي 'ب' سان اچاريندو – حالانڪ سندن صورتخطي ۾ 'و' ۽ 'ب' ٻيئي آهن- ۽ ٻيئي ساڳئي يا هڪ نموني ۾ لکيا وڃن ٿا. ان مان ته ڪڏهن ڪڏهن مزيدار مونجهارو پيدا ٿيندو آهي. انگريزي 'واٽر' (پاڻي =water) ۽ 'بٽر' (مکڻ =butter) ٻنهي کي هو "باٽر" اچاريندا آهن. ساڳي حالت شروعاتي سنسڪرت ۾ ٿي هوندي ته سنڌي 'و' وارن ڪيترن لفظن کي شروع ۾ 'ب' سان قبوليو ويو پر رفته رفته 'و' جو اچار پيدا ٿيڻ سان اهي ساڳيا اکر 'و' سان پڻ رائج ٿيا ۽ 'ب' سان به رهندا آيا. سنڌي "وَرُ" سنسڪرت ۾ 'بَـرُ' ۽ 'ور' ٻنهي صورتن ۾ موجود آهي. سنسڪرت جي پراڪرتن ۾ 'بر' ئي رهجي ويو. ڇاڪاڻ ته اهوئي سنسڪرت ۾ اوائلي صورت ۾ آيو هو. اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. جن ۾ اها صورتحال اوهان کي نظر ايندي

سنڌيءَ جي قدامت جو هڪ وڏو ثبوت انگن مان بہ ملي ٿو. سنڌيءَ جي انگن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هند- آريائي زبانن مان پراڻي ۾ پراڻي صورت سنڌي انگن جي آهي. سنڌي **"هڪ"** کي اسين **ايڪو** بہ چئون. ٻين ٻولين ۾ اهو ٻنهي صورتن ۾ موجود آهي. سنسڪرت اِڪ ۽ ايڪ، هِتي- ايڪ ۽ هيڪ، (اويستا- ايئوا، يوناني- ايئس، لئٽن — اونس، گاٿڪ —اِنيس.) سنڌي **"هڪ"** جو وڌيڪ مثال ان جي وقتي شمار جي صورت 'هيڪر'، اويستا **'هيڪرت'** مان ملي ٿو.

سنڌي "ٻہ" سڌيءَ طرح ٻين هند- آريائي ٻولين ۾ موجود نہ آهي، پر ان 'ٻہ' جون مرڪب صورتون ڪيترين زبانن ۾ موجود آهي، جنهن مان سڌيءَ طرح سنڌي "ٻہ" جو پتو پوي ٿو. سنسڪرت ۾ 'ٻہ' کي 'دُوَ'، يوناني — دُوو لئٽن — 'ديو' وغيره چئجي ٿو. پر هاڻي مرڪب صورت جو هڪ مثال وٺو — سنڌي 'ٻہ — پيرو' (ٻن پيرن وارو two-footed) لاءِ لئٽن ۾ 'ٻہ' + 'پيس' = 'ٻپيس' يا بائپيس **bipes** آهي. اهو 'ٻہ' يا 'ٻاءِ' **(bi)** انگريزيءَ ۾ بہ اوهان کي عام نظر ايندو: **bi-lingual** = ٻن ٻولين وارو **bi-weekly**= ٻن هفتن جو **bi-monthly**= ٻن ٻن مهينن کان پوءِ نڪرندڙ رسالو وغيره. اڃا ٿي ٻيو مثال سنڌي 'ٻيو' يا 'ٻٽو' لاءِ ڏسندا تہ سنسڪرت ۾ 'اُڀَ'، يا 'اُڀ'، يوناني- 'آووَ'، لئٽن- 'امبو'، گاٿڪ — 'ٻـَي'، لٿونين —'اُبَ'، پراڻي سلاوڪ— 'اُب'، انگريزي- 'بوٿ'، وغيره ۾ سنڌي ڏاتو 'ٻہ' ٻيٺو آهي. يورپي عالم جن کي سنڌي 'ٻہ' جي خبر ئي ڪانهي، سي ايترو چئي پنهنجي جند ڇڏائي ٿا وڃن تہ اها صورت سمجهہ کان ٻاهر آهي.[1]

(1) "Besides the numeral proper, there is a stem "Ubha", (Both) which inflects in the same way. The exact nature of its relation to Greek-"Auw", latin-"Ambo", old Slavic-"Oba", Lithuanian-"Ab'u", Gothic-"Bai", English- "Both", is not altogether clear"-T.Burrow- "the Sanskrit Language" pp.254-258.

مليا آهن انهن جو طريقو اهوئي آهي.[1] ميڪي هيٺ ڏنل حوالي جي لفظن ۾ جيڪو خيال ڏيکاريو آهي ته هندستاني روپئي جي سورنهن آنن وغيره جي ترتيب چاهوڻ جي دڙي جي انهيءَ ڳڻپ جي پونير آهي، هن سلسلي ۾ خاص توجهه جي لائق آهي. وڏيءَ ڳڻپ جو طريقو هو **'ويهن'** ۾ - ٻه- **ويهون**، ٽي-**ويهون** وغيره، جو اڃا تائين اسان جي ٻهراڙيءَ ۾ مروج آهي. اهو چئن جي ڳڻپ وارو پهريون دستور 'اٺ' جي انگ مان ظاهر ٿئي ٿو. هت پروفيسر بروجا لفظ نقل ڪجن ٿا:

> In 'Astan' (Greek-**Octiv**, Latin-**Octo**, Gothic-**Ahtau**, etc), there appears the termination of the dual. The meaning of the stem **'Okto'** – of which this is the dual, may be inferred from a related I-stem, **'Asti'** which is found in "Avestan". This is a measure of length meaning 'Width of four fingers' from which it may be inferred that the dual **Octo** (U) meant originally two groups of four fingers" – T.Burrow, "The Sanskrit Language" p.259.

---

[1] E.Mackay.

"It is of course well known today that the sequence of 4, 8, 16, and 32 may be traced to the prehistoric culture of Indus valley." Chanhu_ Daro Excavations_ p.241.

مارشل به انهيءَ ساڳئيءَ خيال جو آهي – ڏسو مارشل – جلد 2 ص 589_ ۽ چئن، اٺن، سورنهن وغيره جي ڳڻپ ڪافي وقت تائين قائم رهي- ۽ خود ڪيترين ڏرمي ڳالهين جو اهڃاڻ رهي اهي. ٻڌ جي اڳوڻين جوڻين متعلق، جيڪي آکاڻيون مشهور آهن، انهن مان هڪ ۾ گوتم ٻڌ هڪ ماڻهوءَ کي پاپ ۽ پيچ جو فرق سمجهائيندي اجهو هيئن ٿو چوي:

From four to eight, to sixteen thence and so
To thirty two, insatiable greed doth, go,
_still pressing on till in satiety,
Doth win the circlet's grinding misery."

_E.B Cobwell: The Jatakas or Stories of the Buddha's Former Births" vol.I.p.246.

انهيءَ منتر ۾ ڏسو ته اهو 4_8 ۽ 16 جي ڳڻپ جو اهڃاڻ موجود آهي.

هن مان چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو تہ هي انگ بہ سنڌيءَ مان ورتل آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي پس منظر ۾ جيڪو ڳڻپ جو دستور آهي سو سنڌي آهي، جنهن جو آڱاٺي ۾ آڱاٺو نشان ڇاهونءَ جي دڙي مان مليو ٿو.

'نوَ' سنسڪرت ۾ بہ ائين جو ائين موجود آهي. **'ڌهہ'** ۾ سنڌي **'ڏ'** کي **'د'** ۽ **'س'** کي **'هہ'** ۾ مٽائڻ پراڻي ويدڪ ۽ اويستا جي ٻوليءَ ۾ عام هو. (سنڌو-هندو وغيره)

سنڌي **'ويهہ'** بہ جيئن تہ اسان جي هڪ پراڻيءَ ڳڻپ جو ايڪو هو ان ڪري تقريباً هر ٻوليءَ جي شروع ۾ اهو **'ويهہ'** اوهان کي نظر ايندو. مثال سنسڪرت-**'ويمستي'**، اويستا- **'ويستي'**، يوناني - **ويڪوسي**، لئٽن- **نويجنتي'**، وغيره.

سنڌي **'سؤ'** سنسڪرت ۾ **'تم'** اسمي پڇاڙيءَ سان موجود آهي. (سنسڪرت-**ستم**، لئٽن-**سنتم**، اويستا-**ميتم**) ٻين ڪيترن ٻولين ۾ اهو سنڌي ڏاتو **'سو'** اوهان کي موجود ملندو. مثال 'مارويون' -- **سڌو** سيريمس- **سُڌُو** زِرِيَنِ- **سو** وتيڪ-**سُو** ووگل-**سؤت**، اوستيڪ-**سؤت** وغيره: اهي ٻيون ٻوليون فينو-اگرين (Fino-Ugrian) ٻوليون سڏجن ٿيون، جن جو لاڳاپو هاڻ هند-يورپي ٻولين سان ڇيو وڃي ٿو.

مٿين حقيقتن مان اهو چٽيءَ طرح ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي نهايت قديم زبان آهي ۽ سنڌيءَ جا ڪيترائي لفظ هند-يورپي ٻوليءَ جا ماخذ آهن. انهن ڳالهين کان سواءِ ڪي پراڻيون نحوي خصوصيتون سنڌيءَ جي قدامت جي ساک ڀرين ٿيون.

اسمن ۽ لفظن جي جنس (gender) لاءِ اهو ڇيو وڃي ٿو تہ برعڪس سامي ٻولين جي جن ۾ فقط ٻہ جنسون 'مذڪر ۽ مونث' آهن، هند-يورپي زبانن ۾ نهايت قديم زماني ۾ لفظن جون ٽي جنسون هونديون هيون- مذڪر، مونث ۽ بي جنس يا عام. هندستان جي سمورين پراڪرتن ۾ جنس عام ڪانہ ٿي ملي، پر سنڌيءَ ۾ بي جنس يا عام جا لفظ اڄا تائين

"تي" سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين ۾ 'تري يا تري' آهي. سنڌي اچار 'ٽ' کي اڪثر هند-يورپي ٻوليون 'تر' ۾ تبديل ڪنديون رهيون آهن. ائين چوڻ تہ سنسڪرت 'تر' کي سنڌي 'ٽ' ۾ تبديل ڪيو ويو آهي تو غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي لفظ 'تر' پڻ سان موجود آهن، جن لاءِ چيو ويو تو تہ اهي سنسڪرت اصل جا آهن، ۽ ڪافي پراڻا آهن، پر انهن کي اسين 'ٽ' ۾ تبديل نٿا ڪريون. ٻولين جا قاعدا ڪافي سخت آهن ۽ جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ 'تر' کي 'ٽ' ڪرڻ جو قاعدو هجي ها تہ هر اهڙي لفظ کي 'ٽ' سان اچاريو وڃي ها، يعني اسين هر اهڙو لفظ 'ٽ' سان اچاريون ها جنهن ۾ 'تر' هجي ها. سنڌي 'ر' حرف صحيح آهي ۽ سنڌيءَ ۾ حرف صحيح گهڻو ڪري هميشہ متحرڪ رهندو آهي، ان ڪري ڪنهن ٻئي اچار ۾ 'ت' يا 'ر' ۾- ان جي ضم ٿي وڃڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. ٻين ٻولين ۾ 'ر' ڪنهن حرف صحيح ۾ ملي، تڏهن ضم ٿي ويندي آهي، جڏهن 'ر' حرف ساڪن يا حرف علت تي ڪم اچي. جتي سنڌيءَ ۾ 'ر' توري ساڪن ٿئي ٿي اتي بہ 'ٽ' ۾ 'تر' جي مٽجڻ جو مثال نٿو ملي. 'ترُٽُ' (جلد) ڪافي پراڻو لفظ آهي، پر اسين ان کي 'ٽَٽ' نٿا ڪريون، 'ترس' (بيهڻ) ۾ 'ر' ساڪن آهي، پر اسين ان کي 'ٽَس' نٿا ڪريون، ۽ نہ وري اهي مثال استثنا ۾ شمار ٿين ٿا. ان ڪري هت وري يورپي نظريي کي ابتو ڪرڻ تي مجبور آهيون تہ سنڌي 'ٽ' ٻين ٻولين اندر 'تر' ۾ تبديل ٿي هئي.

'چار' ۽ 'پنج' ۾ ڏاتوءَ جي ڪا خاص تبديلي نہ ٿي آهي- 'ڇهہ' کي سنسڪرت ڦيرائي 'شَٽ' (شَٽش-سَٽش) ڪيو جنهن کي هند-يورپي 'سُچس' يا 'سڪس' مان چيو وڃي ٿو. ٻين ٻولين مثلاً ويلش ۾ 'ڇهوچ'، يونانيءَ ۾ 'خيست'، اويستا ۾ 'خسوس' وغيره صورتون ملن ٿيون.

'ست' سنسڪرت ۾ 'سپت' ۽ هتيءَ ۾ 'ست' صورتون اختيار

ڪيون آهن. هتيءَ جو ذڪر ڪندي يورپي مفڪر اجهو هيئن رقمطراز ٿين ٿا تہ:

"اهو جيڪو ٿورو گهڻو مواد اسان کي مليو آهي ان لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ شايد هتيءَ ۾ جيڪي سنسڪرت کان بہ اڳ جون تبديليون نظر اچن ٿيون، اهي مقامي اثرن جي ڪري ٿيون هونديون"

مثال 'چ' جو 'ز' (پنج–پنز)، 'و' جو 'ب' ۾ بدلجڻ (وير–بيريا) ۽ 'پت' جو 'ت' ۾ بدلجڻ وغيره. آءٌ انهيءَ تي اڳيئي عرض ڪري آيو آهيان تہ موهن جي دڙي جي زبان جڏهن ٻين هندن تي پهتي، تڏهن ان ۾ مقامي اثرن جي ڪري اهي تبديليون پيدا ٿيون. هتيءَ ۾ 'پنچ' جي 'چ'، 'ز' ۾ تبديل نہ ٿي آهي پر ٻين ٻولين ۾ سنڌي 'پنج' جو 'ج' 'ز' ۾ تبديل ٿيو آهي. 'و' جو 'ب' ۾ بدلجڻ تہ آءٌ اڳيئي مثالن سان ڏيکاري آيو آهيان. هت ايترو چوندس تہ 'و' جو 'ب' ۾ تبديل ٿيڻ ويدڪ سنسڪرت کان بہ اڳ هتيءَ ۾ پيدا ٿي چڪو هو. البت 'پت' جي 'ت' ۾ تبديل ٿيڻ واري ڳالهہ غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ هتيءَ ان ۾ ڪابہ تبديلي نہ ڪئي. –'ست' جهڙو سنڌيءَ ۾ هو اهڙو هتيءَ ۾ موجود آهي. سنسڪرت ۽ ٻين هند–يورپي ٻولين جي ان خفيف 'پ' کي مقامي اثر سان منسوب ڪري سگهجي ٿو.

'اٺ' انگ وڏيڪ دلچسپيءَ جو باعث آهي ۽ ان مان سنڌي تهذيب جي هڪ قديم ڳڻپ جو اهڃاڻ ملي ٿو. سنڌ ۾ موهن جي دڙي ۽ چاهونءَ جي دڙي وارين تهذيبن ۾ ننڍيءَ ۽ وڏيءَ ڳڻپ جا بہ جدا طريقا هئا. ننڍيءَ ڳڻپ جو ايڪو (Unit) چار جو انگ هو. يعني مال يا شيون چئن جي ايڪي سان ڳڻيون وينديون هيون: يعني چار، اٺ، سورنهن، ٻٽيهہ، چوهٺ وغيره. ۽ سنڌي ماڻ ۽ وَٽ ان حساب تي ٻڌل هئا. چاهونءَ جي دڙي مان جيڪي وَٽ

موجود ملن ٿا. جنس مذڪر ۽ جنس عام اصل ۾ هڪ ئي جنس عام هئي، جا مذڪر طور استعمال ٿيندي هئي. ان جو ثبوت اهو آهي ته اهڙن لفظن جو ڪو مونث ڪنهن به قاعدي يا اصول پٽاندڙ ناهي نه سگهبو ۽ بيو ته ساڳيون نشانيون جيڪي رڳو مونث اسمن ۾ اچڻ کپن، سي مذڪرن ۾ به ملن ٿيون. **مڙسُ، رڇُ، ڪنبُ** وغيره ۾ "پيش" يعني حرف علت 'اُ' مذڪر جي نشاني آهي، پر صـــن، **مسُ، ڪکُ** وغيره ۾ اها نشاني مونث لفظن ۾ به ڪم اچي ٿي. ساڳيءَ طرح حرف علت 'اِ' يا 'اِي' گهڻو ڪري مونث جي پويان اچي ٿو پر ڪن حالتن ۾ مذڪرجي پويان پڻ اچي ٿو. ازانسواءِ اهڙا ڪيترا لفظ آهن، جن جي جنس مقرر ٿيل نه آهي. اوائلي وقت کان اهي بي جنس يا جنس عام جا لفظ آهن. **'ماڻهو'** لفظ جهڙو مرد لاءِ ڪم اچي ٿو تهڙو زال لاءِ، يعني جهڙي **'زال ماڻهو'** آهي، تهڙو **'مرد ماڻهو'**. ساڳيءَ طرح **پکي، پسون، جيت، سوار** وغيره لفظ ڪنهن خاص جنس لاءِ نه آهن.

ٻوليءَ کي صحيح طرح سان سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته لفظن جو تمدني پس منظر خيال ۾ رکيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان مان ئي ڪنهن ٻوليءَ جي مزاج، قدامت ۽ سرمايي جو اهڃاڻ ملي ٿو. ننڍي ۾ ننڍيون ڳالهيون، جيڪي عام طرح نهايت ئي معمولي لڳن ٿيون، اڪثر پنهنجي پويان هڪ وڏي تاريخ رکن ٿيون- ۽ ڪڏهن نهايت ئي غير اهم لفظ تمدن جا پنڌار هوندا آهن. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ هڪ ٻاراڻي راند اٽي ڏڪر کيڏي ويندي آهي، جنهن ۾ ٻئي کي آڱ ڏيڻ لاءِ اُچليل اٽيءَ جو مفاصلو ڏڪرن سان ماپيو ويندو آهي- ۽ ان ماپي جا انگ آهن. **"وڪٽ، لين، مون، نار، آر، ويئي، يگ"** – انهن جي اصلوڪي صورت ڪهڙي به هئي، پر انهن مان هڪڙو اندازو ضرور ٿئي ٿو ته اهي انگ دراوڙ اصليت جا آهن- انهن مان **'مون- من'** معنيٰ **"ٽي"** اڄ تائين تامل، مليالم وغيره ٻولين ۾ ملي ٿو. يا ته اها راند اسان دراوڙي ماڻهن کان سکي آهي- يا ڪنهن نهايت قديم زماني ۾ جڏهن سنڌ ۾ به ڪي دراوڙي قومون رهنديون هيون، تڏهن سنڌن اِها تمدني نشاني

اجا تائين اسان وٽ رهجي ويئي آهي.

اجا ٻي ٻيو مثال وٺو: سنڌيءَ ۾ مذاق مذاق ۾ هڪ فقرو استعمال ٿيندو آهي "شمن گڏي" يا "شمن گڏو". اهو فقرو ڪنهن کي چيڙائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن مان مقصد اهو هوندو آهي ته اهو ماڻهو بناوٽي نموني ڇڻڇڻي ڏکجي، هلڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. هي لفظ ان دور جو آهي، جڏهن سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو زور شور هو. ٻڌ ڌرم جي وڏن پروهتن يا ڀڪشن کي "شمن" چيو ويندو آهي، ۽ جڏهن ڪو ٻوڌين جو ڏڻ ملهايو ويندو هو، تڏهن اهي پروهت يا "شمن" ڇڻڇڻي ڏکجي، خوبصورت پوشاڪن ۾ بلڪل گڏا ٻڻجي، سرگسن ۾ نڪرندا هئا، ۽ ان ڏينهن جي دعوتن کان پوءِ وري ڪافي عرصي تائين پنهنجي خانقاهن ۾ ٻيڪتيءَ ۽ پڙهڻ لکڻ ۾ پوريا پيا هوندا هئا. "شمن گڏو" ان دور جي تمدني زندگيءَ جو هڪ اهڃاڻ آهي.[1]

اوهان "ارچڪ مرچڪ...." ٻارن جي ٻولي (Nursery Rhyme) ضرور ٻڌي هوندي. آءٌ هت ويدن جو هڪ منتر نقل ڪريان ٿو: ڏسو ته ٻنهي جي وزن (meter) ۽ ماترائن ۾ ڪيتري نه هڪهڙائي آهي.

آسد راجا، نلوناما، ويرسرانيا، ستويالي، اپاپانو
گٽيراشتي، اوپوان اسو ڪويڌا!

هن منجهان ٻيو نه ته ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته اهو منترن وارو انداز ۽ انهيءَ ٻاراڻي ٻوليءَ جو وزن ۽ ماترائن جي ٻيهڪ اهڙي آهي، جنهن مان ان جي قدامت ۽ تمدني پس منظر ضرور نظر اچي ٿو.

انهن مثالن کان به وڌيڪ تمدني جهلڪ سنڌيءَ ۾ مٽيءَ مائٽيءَ جي لفظن مان ملي ٿي. سنڌيءَ ۾ هيٺيان نالا مٽن مائٽن لاءِ ڪم اچن ٿا:

پيءُ، ابو بابو.
ماءُ، امڙ امان، جيجل، آيل.

---

(1) شمن = Shaman= وڏو پروهت يا ڀڪشو. ڏسو فاهين جو سفر نامو
H.A. Gills- "The travels of Fa Hsien" –pp. XX

ياءُ، يائو ادي ا.ل.
پيڻ، ادي
ڏيءُ، نياڻي، نينگر، نينگري
پٽ، نينگرُ.
سس ۽ سهرو ماسي، پڻي، مامو مامي، چاچو چاچي، وغيره.

اسان جي عالمن هنن لفظن جي ڏاتن ڳولڻ لاءِ ڪافي چڪر ڪاڻا آهن. ڪڏهن انهن کي عربيءَ ۾ ٿا ڳولين تہ ڪڏهن سنسڪرت ۾. **ابو ۽ امان** لاءِ چون ٿا تہ عربي **اب** ۽ **اُم** مان نڪتا. باقي ڪي سنسڪرت مان، تہ ڪن جا ڏاتو ملن ڪونہ ٿا. انهيءَ ڪوشش جي پس منظر ۾ فقط اهي ئي فرسوده خيال آهن تہ سنڌي يارهين بارهين صديءَ ۾ نهي راس ٿي، اصلوڪيءَ سنڌيءَ ۾ حروف علت ڪونہ هئا، ۽ سنڌي تمدن سنسڪرت جو نہ تہ عربي زبان مان اڌارو ورتل آهي. سنديلي صاحب جهڙي محنتي مڙس بہ **ابو-امان** لفظ عربيءَ مان ويهي ڪڍيا آهن. هت آءٌ اهو وري بہ عرض ڪندس تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ساڳيءَ هجي جي لفظ ملڻ سان اهو ضروري نہ آهي تہ ان کي زوريءَ زبردستيءَ سنڌي لفظن جو ماخذ ثابت ڪرڻ جو ڪشالو ڪيو وڃي. ان لاءِ لساني شاهدي ڏيڻ پهريون فرض آهي. ٻوليون لفظن اڌارڻ سان انهن ۾ ڪهڙيون ڦيريون گهيريون ڪن ٿيون، انهن جو ضرور خيال رکڻ گهرجي. مثلاً **ابو-امان** لفظن لاءِ جيڪڏهن عربيءَ کي ماخذ ٻڌائڻو هو تہ ان لاءِ سبب ۽ ممڪن لساني تبديلي ثابت ڪرڻ ضروري ڳالهہ آهي. عربيءَ ۾ ماءُ کي **اُم** چئجي ٿو. اسان سنڌين جيڪڏهن ان کي پاڻ وٽ استعمال ڪيو تہ اُم جي الف جو پيش يعني حرف علت 'اُ' جو پيش ڪيئن زبر ڇو ڏنيسون. ان جي لاءِ لساني جواز ۽ سبب ڪهڙو هو؟ اسان وٽ پيش جو اچار يعني حرف علت اُ بہ موجود آهي، پوءِ اسان سڌو سنئون "**اُمان**" ڇو نہ چوڻ شروع ڪيو؟ يا تاريخي رڪارڊ ۾ ڪٿي بہ ڪڏهن لفظ '**اُمان**' بمعنيٰ ماءُ ڇو نہ ٿو نظر اچي؟ جيڪڏهن '**امان**' لفظ جو ماخذ '**اُم**' آهي تہ ڇو

نہ 'ماءُ' جو ۽ 'امڙ' جو پڻ اھوئي ماخذ ڇيو وڃي؟ انھن ٻوين ٻن لفظن کي ٻوءِ چو تہ سنسڪرت ڏانھن گھليو وڃي! علم اللغت ۽ علم الانسان تي ڪم ڪرڻ وقت يا ٻئي ڪنھن بہ علم ۾ ھڪ ساريڪي فڪر (consistency) جي وڏي ضرورت آھي۔ ۽ ڏڪيبازيءَ کي گھٽ جاءِ حاصل آھي. جن لفظن جا ماخذ عربي چيا وڃن ٿا، انھن ۾ سواءِ ڪن ٽورن جي، باقي سمورن لفظن ۾ ائين ئي ڏڪا ھنيا ويا آھن.

اُھي مائٽاڻا لفظ دراصل اسان جي قديم ترين تمدن جي ساک ڀرين ٿا. اھي لفظ اسان جي ان وقت جي سماج جا آھن، جڏھن سنڌ جو معاشرو "ماءُ۔آدرشي" (Society of Mother-right or Matriarchal) ھو جنھن جا نشان موھن جي دڙي جي تمدن ۾ ملن ٿا. انسان جو قديم ترين تهذيبي دور ماءُ۔آدرشي ھو جنھن ۾ عورت قبيلي جي مکياڻي ۽ سردار ھوندي ھئي. چاڪاڻ تہ کيتي عورت جي ايجاد ھئي. قبيلا ماءُ جي نالي پويان سڏبا ھئا. جڏھن زراعت ترقي ڪئي، تڏھن ئي اھو ماءُ – آدرشي سماج ٽٽي، پيءُ۔ آدرشي (Patriarchal) بڻيو. دنيا جي ھر تهذيب لاءِ علم الانسان (Anthropology) ۽ علم سماج (Sociology) جو اھو تسليم ٿيل ڪليو آھي.

> "ڪاتر جي ايجاد کان پوءِ، شڪار مردن جو ڪم بنجي ويو ۽ زالون اڳي وانگر ڪاڏي گڏ ڪرڻ ۾ مشغول رھيون. ڪم جي اھا جنس تي مبني ورھاست شڪاري قبيلن لاءِ ھڪ مجبول . حقيقت آھي، ۽ ان جو سبب اھو ھو تہ زالون پيٽ سان ھجڻ يا ٽيج ڏارائڻ واري وقت ٻاھر نڪري نہ سگھنديون ھيون. شڪار ڪندي ڪندي ئي، جانورن پالڻ جو ڪم شروع ٿيو! انسان جانورن کي مارڻ جي بدران، انھن کي جيئرو رکي، پاڻ وٽ ڏارڻ لڳو. ان ڪري چوپايي مال جو ڪم گھڻو ڪري جتي ڪٿي مردن جو ڪم رھيو آھي. ٻئي طرف ڪاڏي گڏ ڪرڻ يا چوندڻ جي ڪم مان، پنھنجي اجھي جي ڀر پاسي ۾ زمين ۾ ٻج پوکڻ

۾ ڪيتي ڪرڻ جو ڪم وري زالن ايجاد ڪيو. ان کان پوءِ جڏهن چوپايي مال جي ذريعي هر ڪاهڻ جي ايجاد ٿي، تہ زراعت بہ مردن جو ڪم بڻجي ويئي. آفريڪا جي ڪن حصن ۾، جتي 'هر' ايجا هاڻي رواج ۾ آيو آهي، اتي زراعتي ڪم جو زالاڻي ڪم مان ڦري مرداڻي ڪم جي صورت ۾ اچڻ موجوده دور ۾ ئي ڏسڻ ۾ پيو اچي.

پيدائشي طريقن جي انهيءَ تبديليءَ مان نتيجي طور زالن ۽ مڙسن جي وچ ۾ ڪم جي هيءَ روهاست ئي پيءُ _ آدرشي سماج جي اسرڻ جو سبب بڻي آهي. اهو ڦيرو شڪار کان شروع ٿيو چوپايي مال ڏارڻ جي ڪم ان کي تيز ڪيو. پر زراعت جي شروعاتي دور ۾ اهو ڦيرو بلڪل ابتڙ هو."(1)

مٿيون ترجمو ٿيل حوالو ڏيکاري ٿو تہ شروع ۾ سمورا قديم سماج ماءُ_ آدرشي هئا، ۽ رفتہ رفتہ پيءُ – آدرشي ٿيا. هڪ ٻئي عالم جي مضمون مان بہ هڪ ٽڪرو ترجمو ڪري پيش ڪجي ٿو:

"دنيا جي ڪيترن هنڌن تي، اسان کي پڪو پختو ثبوت ملي ٿو تہ قديم ماءُ_آدرش مٽجي يا تہ پيءُ_آدرش ٿيو آهي، يا وري اهڙي سماجي تنظيم پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ سماجي لاڳاپا، ٻنهي ماءُ ۽ پيءُ جي ماڻٽن سان منسوب ڪيا وڃن ٿا. ان ڳالهہ جي شاهدي موجود آهي تہ يورپ ۾ ماءُ-آدرشي سماجي تنظيم هڪ صورت ۾ موجود رهي آهي. سوڊان ۾ تہ تاريخي دور جو ثبوت موجود آهي. تہ اڄ کان پنج سؤ ورهيہ اڳ "بيج" قوم جا ماڻهو جيڪي هاڻ پيءُ جي نالي پويان ٿا سڏجن، سي اڳ پنهنجا شجرا ماءُ جي ۽ زالن جي نالن سان رکندا هئا ۽

(1) Thomson, G-"Studies in Ancient. Greek Society Vol. 1 (London 1949)-pp. 42-43.

پنهنجي ملڪيت پيڻ يا ڌيءَ جي پٽن لاءِ ڇڏيندا هئا. ميلينشيا ۾ به اهڙا ڪيترائي ثبوت ملن ٿا ته ماءُ_آدرشي سماجي تنظيم بدلجي پيءُ -آدرشي ٿي آهي، بلڪ ڪن حصن ۾ اهو ڦيرو اجا تائين ٿيندو رهي ٿو. ٻئي طرف، دنيا جي ڪنهن به حصي مان اهڙو ڪو ثبوت نه ٿو ملي، جنهن مان ان جي ابتڙ ڦيري جو پتو پوي." [1]

اِنهن عالمن جا اهي به ٽڪرا ترجمو ڪري ڏيڻ مان منهنجو مقصد اهو ثابت ڪرڻ آهي ته قديم ترين انساني سماج ۾ ماءُ يا عورت جي حيثيت قبيلي جي سردار جي رهي آهي. پيءُ جي سرداريءَ جو زمانو گهڻو پوءِ آيو. موهن جي دڙي جا مختلف دور کوٽيا ويا آهن، جن مان هڪڙو اهڙو دور آهي، جنهن ۾ اهو ڦيرو عمل ۾ آيل ثابت ٿئي ٿو. سرجان مارشل جيڪي کوٽائيون ڪيون آهن، انهن مان پڪيءَ طرح معلوم ٿئي ٿو ته 'آرين' کان گهڻو اڳ جي سنڌي تهذيب ماءُ_آدرشي تنظيم هئي. [2] خود سر جان مارشل جا لفظ اجهو هي آهن:

"That, like the Mother goddesses of Western Asia, they originated in a matriachical state of society is a highly reasonable supposition" [3]

موهن جي دڙي مان لڌل زنانين مورتين لاءِ لکندي، مارشل چوي ٿو ته اولهه ايشيا جي ماءُ_ ديوين وانگر، اهي مورتيون به ماءُ_ آدرشي تنظيم جو نشان آهن، ايترن حوالن ڏيڻ مان منهنجو مقصد محض اهو ڏيکارڻ آهي ته سنڌ ۾ قديم ترين سماجي تنظيم ماءُ_آدرشي ثابت ٿي چڪي آهي، ۽ پيءُ -- آدرشي تنظيم پوءِ آئي آهي. انهيءَ حقيقت جو وڏو ثبوت ماءُ ۽ پيءُ

(1) Rivers_in Encyclopedia of Religion and Ethics_(Editor: J. Hastings) Edinburgh_viii pp.858.

(2) Ehrenfeb O.P_"Mother_right in India"_ (Hyderabad 1941) P.1

(3) Marshall J.-"Mohenjo-Daro and the Indus Civilization" (London) 1931-pp. (i) 51.

جي لاءِ انهن سنڌي لفظن مان پڻ ملي ٿو. ۽ اهو ثابت ٿئي ٿو ته اهي لفظ ان قديم دور جا ٿي آهن. جهڙيءَ طرح اڄ تائين اسان جي اڪثر اڻ-پڙهيل پائرن جي گهرن ۾ زالون پنهنجي مڙس جو نالو نه وٺنديون آهن، اهڙيءَ طرح قديم زماني ۾ انسان قبيلي جي سردارن، ماءُ ۽ پيءُ جو نالو نه ڪڻندا هئا. ڪوبه ماڻهو پنهنجي ماءُ جو سڌو سنئون ذڪر ئي نه ڪندو هو. جيڪڏهن ڪندو به 'ماءُ' جي بدران ڪو اهڙو لقب ڪتب آڻيندو هو جنهن ۾ لفظ 'ماءُ' يا ان جو ڪو پد ڪم نه اچي. ساڳيءَ طرح پيءُ-آدرشي دور ۾ 'پيءُ' جو نالو يا لفظ ڪڻڻ ۽ چوڻ بدسوڻي ۽ 'ٽئبو' (Taboo) سمجهيو ويندو هو. اڄ تائين اڻ-سڌريل قبيلن ۾ اهو رواج آهي.

ڪٿي سردار جو نالو نه وٺن، ته ڪٿي ماءُ پيءُ جو. ته ڪٿي سس سهري جو. اسان وٽ جو زالون مڙسن جو نالو نه ڪڻنديون آهن، ان جو پس منظر به اهو ساڳيو وسوسو ۽ ڀرم آهي. اهڙا بيشمار مثال اوهان کي برفالٽ (Brifault) جي ڪتاب "دي مدرس" (The Mothers) ۽ فريزر (Frazer) جي "دَ گولڊن باؤ" (The Golden Bough) ۾ ملندا. فريزر جي ڪتاب ۾ سڀ کان مزيدار تذڪرو هيئيون آهي:

> "To make confusion worse confounded, the names of the persons are often the names of common things such as moon, bridge, barley, cobra, leopard; so that when any of man's many father-in laws and mother-in laws are called by such names, these common words may not pass his lips" (1)

جيڪڏهن ڪنهن جي سهري جو نالو فرض ڪريو ته "واسينگ" آهي، ۽ اهو ماڻهو پنهنجي پيرن هيٺان واسينگ نانگ ڏسي، ته به هو وات مان ٻڙڪ نه ڪڍندو. ڇاڪاڻ ته واسينگ چوڻ سان هن کي سهري جو نالو ڪڻڻو

(1) Frazer-"The Golden Bough"- (A bridged Edition) vol. I p. 32, Also pp.324-328, 331-345.

هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ٽن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان "جادو ۽ سائنس" جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي.

پوندو۔ جا ڳالهہ ڪرڻ ناممڪن آهي!

هاڻ اچو تہ سنڌي ٻوليءَ جي 'ماءُ' ۽ 'پيءُ' لفظن ڪي ڏسون. انهن ٻن لفظن تي غور ڪرڻ مان هڪ عجيب ڳالهہ نظر اچي ٿي. اسين سنڌيءَ ۾ اضافتي ضميرن لاءِ ضمير متصل جون پڇاڙيون ڳنڍيندا آهيون, جا سنڌيءَ جي هڪ قديم خصوصيت آهي. عربيءَ يا ٻيءَ ڪنهن بہ زبان سان انهن نشانين جو ٻري جو بہ واسطو ڪونهي. اهي نشانيون هي آهن:

ضمير متڪلم جي اضافت	=	پٽ + م = پٽم = منهنجو پٽ
ضمير حاضر جي اضافت	=	پٽ+اِ_اي = پٽئہ يا پٽئي = تنهنجو پٽ
ضمير غائب جي اضافت	=	پٽ + س = پٽس = هن جو پٽ

هاڻي اهي ٽي نشانيون 'مِ'، 'ئي'، 'س' اسين اصل کان هر اسم سان اضافت ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪندا آيا آهيون۔ پر ماءُ ۽ پيءُ جي سمورن لفظن سان متڪلم جي نشاني 'مِ' هرگز نہ ٿي ڳنڍجي:

ماءُ =	ماءُ + م = مائم (ماڻهم)
پيءُ =	پيءُ + م = پيئم (پڻهم)
امڙ =	امڙ + م = امڙم
امان =	امان + م = امانم
جيجل =	جيجل + م = جيجلم
آيل =	آيل + م = آيلم
بابو =	بابو+ م = بابوم – بابم
ابو =	ابو + م = ابوم + ابم

اوهان ڏسندا تہ مٿين ڪنهن هڪ لفظ سان بہ 'مِ' پڇاڙي نہ ٿي ٺهڪي ۔ ۽ نہ ڪڏهن ڪو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڪري جو سنڌيءَ جي تمدني مزاج ۾ اهو ممنوع هو. باقي سمورن مائٽن جي

لفظن سان اها نشاني نهڪي ايندي، يا انهن ئي لفظن ۾ حاضر ۽ غائب جون نشانيون بہ نهڪي ايندي‌يون. **ماڻس، پٽس، ڏيٽم بابس. پاڻم، مسٽم** وغيره. آخر ايئن ڇو آهي؟ ۽ ماءُ ۽ پيءُ لاءِ ايترا لفظ ڇو؟ ان جو اهو هڪڙو ئي معقول جواز آهي تہ متڪلم ماڻهو يا ڳالهائيندڙ ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ جو نالو نہ کڻندو هو. هڪ تہ ان ڪري نوان نوان لفظ گهڙيا ٻيو ۽ ٻيو تہ اضافتي يءَ ۾ انهن لفظن جي استثنيٰ پيدا ٿي پيئي. اها حقيقت ڪا اتفاقي نہ آهي، ۽ پختو ثبوت آهي تہ اهي سمورا لفظ ان تمدني دور جا قديم لفظ آهن- ۽ ان ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ ٻوليءَ جو ڪو دخل نہ آهي. انهيءَ تمدني اهڃاڻ مان اجا ئي هڪ ٻيو دلچسپ پهلو نڪري ٿو- ۽ اهو هي آهي تہ سنڌي ماڻهو قديم زماني ۾ پنهنجي ويجهن عزيزن ۽ مٽن مائٽن کي ڪنهن عزت ۽ احترام جي لفظ سان ياد ڪندا هئا، جو لفظ اسان کان هاڻ گم ٿي ويو آهي، پر ان جو هڪ پد نشاني رهجي ويو آهي. هيءَ هڪ بلڪل نئين ڳالهہ آهي، جنهن ڏانهن تمام ٿورن جو ڌيان ڇڪيو هوندو. سنڌي مائٽن جي ڪن لفظن ۾ جڏهن بہ اضافتي ضمير متصل جون نشانيون لڳائجن ٿيون، تڏهن هڪ پد 'ڻ' يا 'ڻهہ' وچ ۾ اسريو اچي، جنهن جو مثال ٻين اسمن سان ساڳئي تجربي ڪرڻ سان ڪونہ ملندو. اهي لفظ هي آهن.

ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڏيءُ، سس: + متصل نشانيون = ماڻس، پٽس، ماڻهين، پٽهين، ڀاڻس، ڀاڻهين، ڀاڻم ڏيٽس، ڏيٽهين، ڏيٽم مسٽس، مسٽين، مسٽم.

اوهان ڏسندا تہ متصل نشاني ڳنڍڻ کان اڳ وچ ۾ 'ڻ' اڀري ٿو اچي. اهو "ڻ" ڇا آهي؟ ۽ اهو 'ڻ' ٻين لفظن سان ساڳيءَ اضافتي حالت ۾ ڇو نہ ٿو اڀري؟ منهنجي خيال ۾ ماءُ — آدرشي زماني ۾ ماءُ، ڌيءُ ۽ سس ۽ پيءُ— آدرشي دور ۾ پيءُ ۽ ماءُ لاءِ ڪو عزت جو لفظ ڳنڍي استعمال ڪيو ويندو هو جو جيتوڻيڪ هاڻ اسان وٽان گم ٿي ويو آهي، پر جڏهن بہ اضافتي حالت ۾ اهي لفظ استعمال ٿين ٿا تہ اهو گم ٿيل لفظ هڪ پد جي صورت ۾ اڀريو

ڇجي. هن مان ٻوليءَ جي قديم صورت جو پڻ اندازو ٿئي ٿو. موهن جي دڙي جي هڪ تائٿ (Amulet) تي ٽي سٽون لکيل آهن- جن کي حل ڪرڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي.[1] منهنجي ان ڪوشش ۾ ان تائٿ جي آخري سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ 'لفظ' **"اٿسي"** يا **"اٿس"** نظر اچي ٿو جو ڪنهن ديويءَ يا ڪنهن ديوتا جو نالو معلوم ٿو ٿئي-۽ مائٿالي تصور طور استعمال ٿيو آهي. منهنجو گمان آهي ته اهو **'ڻ'** ۽ **'ٿهه'** ان **"اٿسي"** مان آيو آهي- جنهن جي **'س'** ڪنهن پوئين دور ۾ **'هه'** ۾ تبديل ٿي آهي.

ٻوليءَ جي قدامت ۽ اصليت متعلق هي بحث ڪافي ڊگهو ٿي ويو آهي، جنهن کي وڌيڪ طول ڏيڻ مناسب نه آهي. آءٌ ثابت ڪري آيو آهيان ته سنڌي ٻولي ڪنهن ٻوليءَ جي پراڪرت نه، پر هڪ اصلوڪي بنيادي ٻولي آهي، جنهن جو سڌو تعلق ہين هند-يورپي ٻولين سان گهرو آهي. پر ٻوليءَ جي اوسر ان طرح جي نه آهي، جيئن يورپي عالم هيمچندر ۽ مارڻ ڪنڊيه جي مختصر اشارن مان، پنهنجي پسنديءَ جو مطلب ڪڍي چوڻ گهرن ٿا. پر اها اوسر ان جي بلڪل برعڪس آهي. اسان جي ڪن سنڌي عالمن تازو جيڪي خيال ڏيکاريا آهن ته سنڌيءَ کي سڀ ڪجهه عربيءَ مان مليو ۽ عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌي ماڻهو رڳو حرف صحيح چاڻندا هئا، سي جيئن ته بنهه غير علمي ۽ جاڻي ٻجهي نهيل نڪيل ڏُڪيبازيون آهن، ان ڪري ان تي وڌيڪ ڪجهه لکڻ بيڪار آهي ۽ هن

---

(1) موهن جي دڙي جي لپيءَ کي پڙهڻ ۽ حل ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش مون ڪئي آهي، ان لاءِ مون کي ڪا خوش فهمي نه آهي ته ڪا صحيح آهي. عين ممڪن آهي ته قطعي غلط هجي، پر جيئن ته اهڙين لپين کي حل ڪرڻ لاءِ سموريون ڪوششون تجربي جي ئي حيثيت رکن ٿيون، ۽ مون به ان تي پنهنجي وس آهر پنج سال محنت ڪئي آهي، ان ڪري ان تجربي کي اوهان اڳيان رکڻ کان ڪونه ٿو هٻڪان. ان جي صحت متعلق فقط عالم ئي راءِ ڏيئي سگهن ٿا، جيڪي ان علم ۾ پڙ آهن. منهنجي ڪوشش جي پس منظر ۾ سنڌ ۽ سنڌيءَ جي قديم عظمت ۽ ان سان بيپناهه پيار آهي، ۽ جيڪڏهن منهنجي اها ڪوشش ٿوري به صحيح نڪتي ته آءٌ پاڻ کي خوشنصيب سمجهندس - ۽ جيڪڏهن غلط ثابت ٿي ته افسوس ڪونه ٿيندم. ڇاڪاڻ ته منهنجو ته اهو پيار جو پورهيو (Labour of love) آهي.

بحث ۾ چند خاص لفظن تي پنهنجا ويچار پيش ڪري، ختم ڪرڻ گهران ٿو. اهڙن ساڳين لفظن لاءِ آءُ "مهراڻ 1959ع ۾ به لکي چڪو آهيان. هت جن لفظن جو مختصر احوال ڏيندس، سي آهن، **"ٿوم"**، **"پوتي"**، **"ڪاسائي"** ۽ **"ڪاتي"**.

ٿوم: ٿوم هندستان جي اتر اولهه وارن علائقن جي پيدائش آهي. ان جو هند-يورپي نالو Satovium آهي. **"ستيوم"** لفظ **"ٿوم"** مان نهيو آهي- ڇاڪاڻ ته سنڌي **'ٿ'** برابر آهي هند-يورپي **'ست'** جي. مثال **ٿنب** = **'استنب'**، **'ٿاڪ'** = **'استاڪ'**، **'ٿاڻ'**= **'ستان'** وغيره. سو اهو لفظ اصلوڪو سنڌي لفظ آهي- ۽ هند-يورپي زبانن مان لٿن ۾ **"ستيوم"** جي صورت ۾ بيٺو آهي. ان کي عربي **"فوم"** مان ڪيڻ به لساني اصولن جو مذاق اڏائڻو آهي- ڇاڪاڻ ته **ف** جو **ٿ** ۾ تبديل ٿيڻ — ان جو ڪو اُڙيو ٿڙيو امڪان به ڪونه ٿو ملي. اينسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا ۾ 'ٿوم' تي مضمون مان هڪ ٽڪرو دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو.

> Allium Sativam – a bulbus perennial plant of the family Liliacease (lily family) used for flavouring: It is native to middle Asia, west of Himalyas – vol: 10 page 27.

پوتي: هيءُ لفظ به خالص سنڌي لفظ آهي. **'پوتي'**- **'پوتيو'**، **'پوتڙو'** ساڳئي لفظجون نحوي صورتون آهن: سنسڪرت – **'پوتڪا'**، **'پوت'**، پراڪرت – **پُتي**، انهن لفظن جون ئي صورتون آهن. اُن کي عربي **'فوطہ'** سان ملائڻ اکين جي سڄائي ته ٿي سگهي ٿي، پر هنئين جي سڄائي نه.

ڪاسائي: سنڌيءَ ۾ هڪ مصدر آهي **"ڪُهڻ"**، جنهن مان اسم آهي **"ڪوس"**، ۽ **"ڪوس"** مان اسم فاعل آهي **"ڪاسائي"**. (جيئن باغ مان باغائي). اهو **"ڪهڻ"** لفظ هتيءَ **"ڪهنزي- گهنزي"** (= "هو ڪهي ٿو") ۾ موجود آهي، جنهن لاءِ سنسڪرت ڌاتو **'ڪشن'** شاهديءَ طور پيش

ڪيو ويندو آهي. "ڪاسائيءَ" کي "قصاب" مان ڪڍڻ اثين آهي جيئن "الهيار" مان "مريڙو" ۽ "انشاءَ الله" مان "شال" ڪڍڻ.

ڪاتي: سنڌيءَ ۾ ڪتڻ، ڪرتڻ، ڪتڻ، ڪپڻ، ڪاٽڻ، سنڌيءَ جي اصلوڪي ڌاتوءَ ڪَ يا ڪر منجهان آهن- ۽ سنسڪرت ۾ ان جي صورت آهي **ڪرت** معنيٰ وڍڻ. اهو لفظ **"ڪاتي"** بين خالص سنڌي لفظن **"ڪاتر"، "ڪپ"، "ڪات"** وانگر خالص سنڌي اصولن سان ٺهيل آهي، جنهن جو **"قاطع"** وغيره سان ڪو تعلق نہ آهي. خود عربي لفظ **"قاطع"**، ڪاتيءَ يا ڪپ جي معنيٰ ۾ خود عربن بہ ڪڏهن استعمال نہ ڪيو آهي.

هي لفظ محض مثال طور هت بحث هيٺ آندا اٿم ۽ گهڻن مان رڳو ٿورا نمونا وانگر آهن. هت مقصد صرف اهو آهي تہ اسان جا اهڙا عالم سنڌيءَ جي خذمت بدران عربيءَ لاءِ غلط محاورا تجويز ڪري، عربيءَ لاءِ بہ غلط مفروضا قائم ڪندا ٿا وڃن. هت اهو ڄاڻائڻ بہ ضروري آهي تہ سنڌيءَ ۾ عربيءَ جا چڱا لفظ موجود آهن، جيڪي بلڪل صاف عربيءَ جا نظر اچن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ٻوليون هڪٻئي تي اثرانداز ٿينديون رهن ٿيون- ۽ لفظن جي ڏي وٺ هر دور ۾ ٿيندي رهي ٿي. خود عربيءَ ۾ هند-يورپي يا آريائي لفظ موجود آهن. "دين" لفظ اسان مسلمانن جي مذهب جو بنيادي عربي لفظ سمجهيو وڃي ٿو پر دراصل اهو آريائي لفظ آهي.[1] عرب پنهنجي تمدن لاءِ بہ ايران جي تمدن جا ممنون آهن، ڇاڪاڻ تہ عربن جي ايران تي ڪاهڻ وقت ايراني تمدن عرب تمدن کان بهتر ۽ شاهوڪار هو.[2] عربيءَ ۾ بين ٻولين جا بيشمار لفظ آهن- ۽ ان لاءِ موسيو رينان چٽا ثبوت ڏنا آهن.[3] باقي عربي اسان جي مذهب جي زبان آهي، سو ان دائري ۾ اسان جي اکين تي. پر جيڪڏهن ڪو چاهي تہ ان جي ڪري اسين سنڌي زبان جي

(1) Max Muller- "Collected Works" p.82.
(2) Ibid
(3) Renan: "Historic des langues semitique" pp.292, 378-380

اصليت ۽ تمدني شاهوڪاريءَ کان انڪار ڪريون تہ اها محض مذهب جي نالي ۾ اسان تي ڌارين جي فوقيت ۽ برتريءَ کي مڙهڻ جي هڪ بيجا ڪوشش چئبي.

مختصر طرح آءُ سنڌيءَ جون اهي سموريون خصوصيتون ڳڻائي آيو آهيان، جيڪي سنڌيءَ جي اصلوڪي ۽ نهايت قديم زماني ۾ مڪمل ٿيڻ جو پختو ثبوت آهن. ان کان سواءِ سنڌيءَ جي فعلن ۽ اسمن ۾ عدد، جنس ۽ فعلي صورتن جي ڪري جيڪي ڦيريون گهيريون اچن ٿيون، ان جو مثال ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونہ ٿو ملي. ايترو مڪمل ۽ باقاعده نحوي نظام هڪ اصلوڪي ٻوليءَ ۾ئي ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪي ٻوليون ڪن ٻين ٻولين مان نڪتل هونديون آهن، انهن جي تقريباً هر ڦير گهير کي اصل ٻوليءَ ۾ ليپي سگهجي ٿو. حال، مستقبل ۽ مضارع، اسم مفعول ۽ ماضيءَ جا جيڪي اصول سنڌيءَ ۾ موجود آهن، اهي بلڪل ئي پنهنجي نوعيت جا آهن، جن لاءِ سنڌي ڪنهن بہ ڌارينءَ زبان جي مرهون منت نہ آهي. ضميري پڇاڙين لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ ٻنيون پڇاڙيون جيئن تہ سنسڪرت ۾ نہ آهن، ان ڪري ضرور عربيءَ مان آيون هونديون. مون انهن پڇاڙين جي قدامت تي اڳئي بحث ڪيو آهي، ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو اٿم تہ اهي نشانيون ماءُ — آدرشي ۽ پيءُ -آدرشي سماجن جي وقت جي نشاندهي ڪن ٿيون. اهو مڪمل نظام جڏهن ان وقت ئي موجود هو تہ پوءِ عربيءَ جي اثر جو سوال پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. دراصل هند-يورپي ٻولين مان اڪثر پراڻين ٻولين ۾ ٻنين پڇاڙين جو اصول موجود هو جن مان ڪي زبانون اهي پڇاڙيون وڃائي چڪيون آهن تہ ڪن ۾ اڃا موجود آهن. فارسي هڪ هند-يورپي زبان آهي، جنهن ۾ ٻنين پڇاڙين جو نظام اڃا تائين موجود آهي. مثال طور **گويمت** (= آءُ توکي چوان) وغيره ۾ ٻنيون پڇاڙيون موجود آهن، ۽ اهو سلسلو فارسيءَ کي پهلويءَ ۽ اويستا مان مليو - ۽ اويستا هڪ قديم هند-يورپي ٻولي آهي. 'چيٽيءَ واري رسم الخط' ۾ دارا جي زماني جو هي هڪ جملو ڏسو:

ئَي آويڪهہ آهم. ئَي دَروغنه اَهم. ئَي زورگر آهم. ئَي آدَم. ئَي.
هئي ٿوما اُوپاري آدشتام اوپري ايم.

(سنڌي: نہ اريڪو آهيان. نہ ڪوڙو آهيان. نہ زور ڪندڙ آهيان.
نہ پاڻ نہ منهنجو ڪٽنب. پنيان سچ جي پويان لڳل آهيان.)

(فارسي: نہ دشمنكام هستم. نہ دروغگو هستم. نہ زور كن نہ خود
– نہ خاندانم. از پي راستي رفتم (پيروي كردم)[1]

مٿئين اويستا جملي ۾ پڇاڙڪي فقري "اوپري ايم" جي فارسي صورت آهي = از پي راستي رفتم يعني "ان جي پويان لڳل آهيان". ان ۾ "اوپري" جي 'ي' ان ڪان سواءِ متڪلم جي نشاني "ايم-ام" (= آءٌ) بيٺي آهي. هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ضميري پٺو نظام ان قديم دور ۾ بہ هند-يورپي ٻولين ۾ موجود هو. ان ڪري اهو پڪيءَ طرح چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي جيئن تہ انهن ۾ قديم ترين ٻولين مان آهي، ان ڪري ان لحاظ کان بہ ان ۾ ضميري نشانين جو پٺو نظام اصل کان موجود هو. سنسڪرت ۾ تہ ضميري پڇاڙين ڪان سواءِ ظرف جون نشانيون بہ موجود آهن، جيڪي عدد، جنس ۽ فعلي صورتن ۾ مٽجي وڃن ٿيون. ڪشميريءَ ۾ بہ سنڌي پٺين نشانين جهڙو نظام موجود آهي. ان ۾ تہ فعلي صورتن ۾ ٻن جي بدران ٽي پيرا ضميري نشانيون ڳنڍيٽيون پون ٿيون – هڪ اڳيان تہ بہ پويان: مثال، "لوءِ" معنيٰ "مارڻ" مان "ملوءِ" = آءٌ ماريان ٿو"؛ ان ۾ 'مَ' متڪلم جي نشاني اڳيان ٿي ڳنڍجي. "مون هن کي ماريو" لاءِ چئبو: "ملوئتمس" جنهن ۾ 'مَ' پڇاڙي متڪلم جي اڳيان بہ موجود آهي تہ پويان بہ ۽ 'س' غائب جي پڇاڙي بمعنيٰ "هن کي" بلڪل پويان ڳنڍجي ٿي - ۽ ان طرح اها صورت ٿي 'مَ' + 'لوءِ' + 'تم' +'س'. ڪشميري بہ هند-يورپي زبان آهي، جيتوڻيڪ ان تي داردڪ اثر گهڻي ۾ گهڻو آهي. پر انهن ڪشميري نشانين لاءِ ڪوبہ عالم ائين ڪونہ

(1) تاريخ ادبيات ايران (فارسي – تهران) – تاليف آقاي دكتر رضا زاده شفق ص ص 18-19

چوندو تہ ڪشميريءَ اهي عربيءَ کان اڌاريون ورتيون آهن.

جيئن تہ سنڌي "ڳنڀجنڊڙ پدن وارين ٻولين" جون خصوصيتون رکي ٿي، ان ڪري اهي پنهنجي ڪرڻ لاءِ اهي ٻين پڄاڙيون ان خصوصيت جو نتيجو آهن. ان ۾ عربيءَ يا ٻيءَ ڪنهن زبان کي ڪو دخل ڪونهي.

اسان جا عالم عرب پرستيءَ ۽ عربي نوازيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تہ کل جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳن ٿا. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ عربي وزن **"مفعول"** واريءَ ترڪيب مان آخري **"ل"** ڪٽي، سنڌيءَ پنهنجا اسم مفعول ناهڻ شروع ڪيا. [1] اسان جي انهن عالمن کي اها ڳالهہ شايد وسري ويئي تہ 'ل' جي خصوصيت رڳو **مفعول** نہ، پر **فعل، فاعل، فعيل، مفاعيل** وغيره ۾ بہ آهي. خود عربيءَ ۾ **'مفعول'** جي وزن ۾ 'ل' فقط انهن اسم مفعولن ۾ اچي ٿو جن جي مصدرن ۾ پويون اکر **'ل'** هوندو آهي-جيئن **فعل، عقل، عمل** وغيره ۾ آهي. **'قرض'** جو اسم مفعول **"مقروض"** ٿيندو جنهن ۾ 'ل' موجود ڪونہ ٿيندو. جڏهن عربي اسم مفعولن ۾ ئي آخري 'ل' ڪا خصوصيت نہ آهي، تہ سنڌيءَ ڪهڙيءَ طرح **'ل'** پڄاڙي عربيءَ مان کنئي؟ ان کان تہ بهتر اهو هو تہ ائين چيو وڃي ها تہ 'ل' اکر ئي عربيءَ مان کنيون اٿئون. ان ڪري 'ل' وارا جيڪي بہ لفظ سنڌيءَ ۾ ملن، سي سمورا عربي النسل آهن! ڪم از ڪم ان ۾ ڪو دليل ۽ معقول ڳالهہ بہ ٿئي ها!

هاڻي آءٌ اهڙن لفظن جا ٿورا مثال ڏيندس، جيڪي ظاهر ظهور سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ پهتا آهن، ڇاڪاڻ تہ ٻين ٻولين ۾ سنڌي نج صورت ۾ ڪجهہ نشانيون ڳنڀيل نظر اچن ٿيون: ۽ انهن ٻولين ۾ ڌارين لفظن کي پنهنجي ڪرڻ لاءِ اهي نشانيون عام طرح استعمال ٿين ٿيون، ۽ ٻيو تہ انهن ۾ جيڪي خالص سنڌي اچار آهن، سي بدليل صورت ۾ موجود ملن ٿا. انهن لفظن کان سواءِ ڪيترا اهڙا لفظ ملن ٿا، جن ۾ سنڌيءَ جي بلڪل ابتڙ معنيٰ

---

(1) ڏسو "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص 4.

ٻين ٻولين ۾ ملي ٿي. ان جو سبب تاريخي دور ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جي غلطين جي ڪري ٿي سگهي ٿو. مثال طور **'ڏئيت'، 'دئيت'، 'ديو'**– اسان وٽ جن ڀوت ۽ خوفناڪ بد روح جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي، پر سنسڪرت ۽ اويستا وغيره ۾ لفظ **"ديو" ديوتا ۽ اوتار** جي معنيٰ ۾ ڪم اچي ٿو. ٻيو مزيدار مثال **'ڏائي'، 'سائي'** يعني ڪاٻي، ساڄي جو آهي. **'ڏائو'** اسين ڪاٻي هٿ يا طرف کي چئون، ۽ **'سائو'** ساڄي کي. سنسڪرت ۽ ٻين هند-يورپي ٻولين ۾ ان جي بلڪل ابتڙ معنيٰ ۾ اهي لفظ موجود آهن.

سائو-ساڄو: سنسڪرت – **ساويو** اويستا-**هويا**، اولڊ سلاوڪ **سجي** وغيره =ڪاٻو

ڏائو – ڪاٻو: سنسڪرت – **دائيہ**، هندي- اردهہ **دايان يا دهنہ** = ساڄو

تقريباً ساڳين لفظن جي اها ابتڙ معنيٰ يقيناً لکڻ پڙهڻ جي غلطيءَ جي ڪري آهي. موهن جي دڙي جو رسم الخط گهڻو ڪري ساڄي کان ڪاٻي لکيو ٿي ويو – ۽ ان مان جڏهن برهمي ۽ ديوناگري ٺاهي ويئي تہ اهي ڪاٻي کان لکڻ لڳا. ممڪن آهي، تہ انهيءَ سبب هو ساڄي کي ڏائو تہ "ڏائي" کي ساڄو سمجهڻ لڳا.

سنڌي "ڏڌ" ۽ "کير" ۾ وڏو فرق آهي. **ڏڌ** معنيٰ ڪنو ٿيل کير يا ڏونئري مان چڊي ٿيل پاٽيٺ. پر ٻين هند-يورپي ٻولين ۾ **ڏڌ = ڏد = دود = دوڌ**، کير جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. [ڏڌ = سنسڪرت **دڌِ**، اويستا – **ددن**، هندي – **دودهہ** وغيره]. "کير" لاءِ آءٌ ان جون ٻيون صورتون دراوڙي ٻولين واري بحث ۾ ڏيئي آيو آهيان. تازي وياڻل ڳئون يا مينهن جي کير کي ڪاڙهي **پِسُ** ۽ ٻرهي ٺاهيندا آهيون. اهو **'پِسُ'** لفظ کير جي معنيٰ ۾ ڪن زبانن ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. [سنسڪرت- **پيسُ**، اويستا- **پئنا**، اولڊ لٿونين –**پيناس** وغيره]. اهڙا ڪيترائي لفظ ملن ٿا، جيڪي ٿوري تبديليءَ سان ٻين ٻولين

کنيا آهن. مثال:

اڱر – اڱار = سنسڪرت – **آنگال–آنگار** اولڊ سلاوڪ – **اوگلي**، رشين – **آگول** وغيره.

داڻا = سنسڪرت – ڌاڻا، اويستا – **دانا**، لٿونين – **دونا** (ماني).

ساڳ = سنسڪرت – **ساڳ**، لٿونين – **سيڪاس**.

شڪرو(باز) = سنسڪرت – **شڪُنُ**، اويستا – **شڪنا**، اولڊ سلاوڪ **سرڪول** (falcon).

آر = سنسڪرت – **آرا**، هومرڪ يوناني – **آل**، فنش – **اورا**، مارديون – **اُوروُ** هنگيرين – **آر**.

سون = سنسڪرت – **هرنيہ**، اويستا– **زرنيہ**، ووگل – **سورن**، **سرن**، مارديون – **سرني**، **زرني**، هنگيرين – **ارني**.

بگهڙ = سنسڪرت – **ورڪ**، اويستا – **وهرڪا**، مارديون – **ورگس**، زرين – **وورڪس**.

ڪهڻ = سنسڪرت – **هن**، **گهن**، هتي– **ڪون**، **ڪهَن**، **گوَن**

گوڏو = سنسڪرت – **ڪورپر**(؟)، هتي – **گينو** لئٽن – **گينو**

نيڻُ = سنسڪرت – **نَينتِي**، هتي – **نينستي** (مصدر – **نين**).

وار = سنسڪرت – **وال**، **بال**، اويستا– **واريسا**، اولڊ سلاوڪ – **ولاس**، رشين – **وولاس**، انگريزي – **هيئر**، ڊچ – جرمن – ڊئنش – **هار**

سامهون– سامہ = اويستا – **هامہ** بالي – **سامہ**، اولڊ سلاوڪ – **سامو**.

شهپر = سنسڪرت– **شيپرا**.

پر (گذريل سال) = سنسڪرت – پُرت، يوناني – پروسي.

لونگ =سنسڪرت – **لونگ** (هي لفظ انڊونيشي لفظ "لوَڱ" مان نڪتل ٿو پيائنجي، جوان ٻوليءَ ۾ لونگ جي لاءِ لفظ آهي. جيئن ته لونگ اصل اتي جي پيدائش آهن، ان ڪري لونگ لفظ ان مان ئي اسان وٽ ٺهيو ٿو پيائنجي)

پرون = سنسڪرت – پروُ يوناني – اوفرنس، اولڊ سلاوڪ – بروَوي

ڦر ـ ڦار (هر جي چوني ۾)= سنسڪرت – **ڦال**، پهلوي ـ **سپار**

حرف جملا "ته، نه، سو" هنيءَ ۾ ائين جو ائين موجود آهن ـ ۽ هوبهو ان نموني ۾ استعمال ٿين ٿا جهڙا سنڌيءَ ۾.[1]

ٻوليءَ تي بحث ڪافي ڊگهو ٿي ويو آهي، ۽ جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ تي لڳايل بهتانن مان هڪ هڪ تي ويهي الڳ بحث ڪجي ته هيءَ ڪتاب يقيناً ختم ٿيڻ تي نه ايندو. ان ڪري مجموعي طرح سنڌيءَ جي انهيءَ اصلوڪيءَ حيثيت کي ثابت ڪرڻ لاءِ هي بحث ئي ڪافي آهي. هاڻ اچو ته سنڌ جي تمدن جو اڀياس ڪريون.

---

(1) ائڊليڊمان ـ "لئنگويج" – باب 12، فوٽ نوٽ صفحو 108.

باب: ٽيون

سنڌي تمدن

سنڌ قديم تمدن جو ملڪ آهي، جنهن جو روشن ترين ثبوت موهن جي دڙي، چاهوءَ جي دڙي، جهڪڙ آمري، ڪوٽ ڏيجي ۽ ٻين کوٽاين مان مليو آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب تي ايترو ڪجهه لکجي چڪو آهي، جو ان تي منهنجي ڪجهه لکڻ مان ڪا نئين ڳالهه پيدا نه ٿيندي. هت آءٌ مختصر طرح سموري سنڌي تمدن جو خاڪو پيش ڪندس، جنهن مان چڱيءَ پر اندازو لڳي سگهندو ته سنڌي تمدن – هر لحاظ کان – هڪ شاهوڪار ۽ بلند تمدن رهيو آهي. ان خاڪي کي آءٌ هڪ جديد طرز جي بين الاقوامي اهميت رکندڙ حوالي سان شروع ڪريان ٿو.

"مهراڻ واديءَ جي تهذيب ان طلسمي جنت (يوٽوپيا) جي خواب جو تعبير ڳولي لڌو هو جنهن ۾ دنيا امن ۽ آسودگيءَ جو آدرش حاصل ڪري چڪي هئي، جنهن جي دولت جو ڪو ٿورو حصو به دفاع يا ان اڳرائي ڪرڻ لاءِ هٿياربنديءَ تي خرچ نه ٿيندو هو ـ ۽ اهائي جنت ته آهي، جنهن جو تصور هر معقول انسان جي تصور ۾ آهي!"[1]

هيءَ اها جنت هئي جت ڪو بک نه مرندو هو جتي انسان جي ذهن تان ذک ۽ ڳڻتي ميسارڻ لاءِ ناچ، سنگيت، نقاشي، بت تراشي ۽ ماڪيءَ مان ٺهيل مڌ موجود هئا، جنهن ۾ انسانن کي گندگيءَ سان چڙ هئي، جنهن ۾ هر انسان ٻئي انسان جو دوست ۽ ياءُ هو، جنهن ۾ ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ سموريون شيون، سڀني جي گڏيل ملڪيت هيون، جنهن ۾ مذهب جي نالي تي تنگدلي ۽ خونريزي وڏي ۾ وڏو گناهه هو، جنهن ۾ پنهنجي پاڙيسري – ماڻهن

[1] Edward Becon- "Digging for History" p.213.

شڪل نمبر ا

موهن جي دڙي جي تهذيب جي هڪ چٽيل پاٽ

شڪل نمبر2

اوٺهين صدي عيسويءَ جي سنڌ جو هڪ چٽيل حقو

يا ملڪن — سان اڳرائي يا جنگ حرام هئي – اها هئي موهن جي دڙي جي سنڌ. سميري ۽ سامي، بابلي ۽ مصري اُن سنڌ جي ناليءَ جي مالا جپيندا هئا. هڪڙا ان کي ديوتائن ۽ زياسوترا جي زمين سڏيندا هئا ته مصري ان جي مهراڻ جي پاڻيءَ کي ڪوڙهه جو علاج سمجهندا هئا. ان سنڌ ۾ پنهنجي تمدن کي شاهوڪار ڪرڻ لاءِ اديبن ۽ فنڪارن جي مرحبا ٿيندي هئي؛ جنهن ۾ هڪ ناچو ڇوڪري وڏي شان شوڪت سان هڪ فنڪار جي اسٽوڊيو ۾ پنهنجي بت ٺهرائڻ لاءِ هڪ عجيب ادا سان اچي بيهي ٿي – ۽ فنڪار اهو بت ٺاهڻ کان پوءِ بجاءِ ان نازنين جي حسين جسم جي، پنهنجي ان شاهڪار سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو. (اها رقاصه اوهان کي ڪتاب جي ڪور تي نظر ايندي). جتي عورت پنهنجي پاڻ کي زياده حسين بنائڻ لاءِ اهڙا زيور پيدا ڪري چڪي هئي، جنهن جو جواب موجوده زماني ۾ به ڪونه ٿو ملي؛ جتي گهر صاف سٿرا ۽ هوادار هئا. جتي گند جي نيڪال لاءِ ڍڪيل نالين جو نظام اهڙو هو جو فقط ويهين صديءَ عيسويءَ ۾ ئي ان جو مثال يورپ جي ڪن ملڪن ۾ ملي ٿو؛ جتي هر گهر ۾ فن جا مختلف نمونا – بت، چٽر، رانديڪا۔ فنڪارن جي مرحبا سان گڏ خوش ذوقي سمجهيا ويندا هئا. جتي ڪاٺي جي ٿانون تي چٽسالي ۽ فنڪاريءَ کي لازم سمجهيو ٿي ويو – ۽ اهو تمدني سلسلو هزارها ورهيه جاري رهيو. (سامهون هڪ پاسي موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي دور جي هڪ ٿالهي آهي، ۽ ٻئي پاسي تي اوڻهين صدي عيسويءَ جي هڪ حقي جي چٽسالي نظر ايندي).

علم الانسان جي لحاظ کان اولان اول هت ماءُ۔ آدرشي سماج هو جنهن ۾ عورت سردار هئي، ڇاڪاڻ ته هن اناج پوکڻ ايجاد ڪيو هو. هتي جي انسانن ڏٺو ته عورت ته هڪ دلچسپ چيز هئڻ سان گڏ سموري تخليق جي ماءُ آهي۔ نه رڳو هوءَ خوبصورت ٻارڙا پيدا ڪري ٿي، پر فصل به هوءَ ٿي پيدا ڪري. ان ڪري عورت جي ان تخليقي قوت کي ئي پوڄا لائق سمجهيو ويو. هن کي ديويءَ جو درجو ڏنو ويو۔ ڇاڪاڻ ته هر پيدائش جو مک هوءَ ٿي

شڪل نمبر 3

مسٽر ڪارٽر جا لڌل پٿر، جن تي ڳالاٽي آدرش جا چٽ آهن.

(انٽيڪئٽيز آف سنڌ ـ هينري ڪزنس)



شڪل نمبر 5
سروتوڀدرا منڊلر (تنتر)

شڪل نمبر 6
پورن گهاٽ (تنتر)



شڪل نمبر 4
ست۔ چڪر (ست ڪنول) تنترن ۾
ڏيکاريل آدرش جو اهڃاڻ

سمجهي ويئي. ڪنهن کي ڪو باغ رکڻو هو تہ ڪنهن زال جو اُن زمين تي ليٽڻ سٺو سوڻ ٿي سمجهيو ويو. اهو زالاڻو – آدرش (Female Principle) نهايت قديم تمدنن جو اهڃاڻ آهي۔ ۽ چاڪاڻ تہ عورت جي سموري تخليقي قوت عورت جي جسم ۾ هئي، ان ڪري سندس جسم جي اظهار کي عين فطري ڳالهہ سمجهيو ٿي ويو. عورت جي شرمگاهہ ۽ ٿڻن کي تخليقي قوت جو مظهر ۽ منبع سمجهيو ٿي ويو. ان ڪري انهن ٻن جسماني حسن کي سڀ کان وڏيڪ پوڄا لائق سمجهيو ٿي ويو. سندس تخليقي مرڪز کي سڏڻ ئي لڳا. "پيڪ" يعني ننيڊڙو پرين، ننيڊڙو محبوب. ۽ ان کي تشبيهہ ڏيندا هئا ڪنول گل سان ۔ ۽ فنڪارن پنهنجي ڪوشش ۾ انهي تخليقي مرڪز جا اهڃاڻ مختلف نموني ۾ ڏيڻ شروع ڪيا. ڪن ان مان گل ۽ ٻوٽڙا نڪرندا ڏيکاريا، تہ ڪن مختلف شڪلين ۾ اُن کي ڪنول جي گل ۾ چٽڻ شروع ڪيو ۽ اهي چٽ سنڌ ۾ موهن جي دڙي کان بہ اڳ جي پٿر واري دور ۾ ملن ٿا. مسٽر ڪارٽر ڪراچيءَ جي ويجهو مول واديءَ ۾ اهڙا وڏا پٿر لڌا، جن تي انهيءَ زالاڻي – آدرش (Female Principle) جي هڪ صورت، ڪنول جا چٽ کوٽيل آهن. اهڙا ئي ساڳيا چٽ بلڪل انهيءَ ئي مقصد سان ٻين ملڪن ۾ هنڌن تي بہ ملن ٿا. پويان تصوير ۾ هڪ پاسي مسٽر ڪارٽر جي لڌل پٿرن جي تصوير آهي، ۽ ٻئي پاسي انهيءَ ڪنول گل جي چٽن جا مختلف نمونا ڏنا وڃن ٿا. انهن جو مقصد اهو ئي هو جيڪو مون بيان ڪيو آهي. ان لاءِ ڪيترن ماهرن جا رايا پيش ڪري سگهجن ٿا.[1] سنڌ جي شاهہ جو تصور بہ انهيءَ سلسلي ۾ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي، جڏهن هو چوي ٿو تہ:

"ڪنواريون ۽ ڪونئر، هلو تہ پسون ڪاڪ جا!"

موهن جي دڙي وارن زماني ۾ بہ شروعاتي طرح اهوئي زالاڻي – آدرش جو دور رهيو. سامهون ڏنل تصوير ۾ موهن جي دڙي جي هڪ مهر

[1] Bhandarkar-Vajasaneyi Samhita p. 146; Briffault- "Mothers"- iii-205; 209, N.N. Bose"Viswa Kosa" xv-p.545.

ڏيڪاريل آهي. جنهن ۾ زال جي تخليق گاهہ مان هڪ سلو اُسرندو نظر اچي ٿو جو چٽيءَ طرح ٻڌائي ٿو ته زال کي تخليق جو مظهر ۽ منبع سمجهيو ٿي ويو. اڳيان تصويرن ۾ سنڌ ۽ ٻين ملڪن جون تصويرون ڏنيون ويون آهن، سي به انهيءَ ساڳئي اصول تي زالاڻي- آدرش جو نمونو آهن.[1]

شڪل نمبر 7
موهن جي دڙي جي هڪ مهر

اهي تصويرون ۽ خاڪا ان دور جا آهن، جڏهن زراعت اڃا مس ايجاد ٿي هئي- ۽ ان جون سنڀاليندڙ زالون ئي هيون. هي اهو دور هو جڏهن سنڌ ۾ ذاتي ملڪيت جو وجود نه هو ۽ سماج ان سطح تي هو جنهن کي ابتدائي اشتراڪيت (Primitive Communism) چيو وڃي ٿو. پر انساني سماج کي ڪڏهن به دائميت ڪانه رهي آهي. انساني سماج هميشه سياسي ۽ معاشرتي طرح پيدائش جي ذريعن جي ملڪيت ۽ معاشي تبديلين جي ڪري بدلجندو آهي. موهن جي دڙي جي ڪنهن دور ۾ - اٽڪل 4000 ورهيه ق. م ۾ - زرعي نظام جي پختي ٿيڻ سان سماج جي ماءُ- آدرشي حيثيت بدلجي پيءُ- آدرشي ٿي. ان ئي دور ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور وڌي ان صورت کي پهتو جو شايد ڀانهپ جو رواج به پئجي ويو. قبيلن جي زندگي ٽٽي پئي، ۽ پيدائش جا ذريعا ۽ دولت، سون ۽ ٽامي جي سڪن جي صورت ۾ بجاءِ قومي ملڪيت رهڻ جي، چند ماڻهن جي دولت بنجڻ لڳي، ۽ ان دولت جي بنياد تي منظم مذهب قائم ٿيڻ لڳو جنهن ۾ پنڊت ۽ پروهت پنهنجي

[1] Marshall- "Mohanjo Daro and Indus Civilization" (i)- p. 52.

شڪل نمبر 8

فونيشيا مان لڏل
(2500 ق.م)



موهن جي دڙي مان
لڏل (4000 ق.م)



پارت مان لڏل
(800 ق.م)

شڪل نمبر 9



ٿريس مان لڏل

مصر مان لڏل
(2000 ق.م)

ميسوپوٽيما مان لڏل
(1400 ق.م)

شڪل نمبر10

يوڪرين - رشيا
مان لڌل

ميسوپوٽيما مان
لڌل (3000 ق.م)



صوبي سرحد (پاڪستان)
مان لڌل

شڪل نمبر 11

آسٽريا مان لڌل
چن جي وينس

فرانس مان لڌل
عاج جي ٺهيل وينس

آسٽريا مان لڌل
وينس

(وينس جون هي تصويرون به زالاڻي آدرش جون مظهر آهن)

نئين پيدا ٿيل طبقي کي سپ کان مکيہ طبقو بنائڻ لڳا. ان ئي دور ۾ ذات پات جو فرق پيدا ٿيو جنهن ڪيترن قبيلن کي هتان لڏڻ تي مجبور ڪيو ـ ۽ اهي لڏيندڙ قبيلا پنهنجو تمدن، ۽ پنهنجي ٻولي، لڪيل توڙي ڳالهائجڻ واريءَ صورت ۾ ٻين ملڪن ۾ ڦهلائڻ لڳا.

سنڌ ۾ ان تمدن جو سلسلو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رهندو آيو۔ ۽ جيتوڻيڪ قبيلن جي زندگي ٽٽي پئي، هڪ نئين طبقاتي نظام کي جنم مليو پر فن ۽ هنر ان طرح ئي ترقي ڪندا رهيا. چاهوڻ جي دڙي برهمڻ آباد، جهڪڙ، آمري، ننگرپارڪر ۽ پنيور جون کوٽائيون ان تمدن جو هڪ ڊگهو سلسلو ثابت ڪن ٿيون. هر دور ۾ فن ۽ هنر کي اهميت رهي آهي ـ ۽ هر دور جا اهڙا بت تراشي ۽ ٻين هنرن جا نمونا ملن ٿا، جو عقل حيران ٿيو وڃي. هالن جي جنڊيءَ جا پينگها ۽ کٽون اوهان ڏٺيون هونديون – هو ٻهو اهوئي نمونو اوهان کي اڄ کان ٽي هزار سال اڳ ملي ٿو.

تصوير 14 ۾ اهو جنڊيءَ جو ڪم اوهان کي نظر ايندو. انهيءَ لاءِ مسٽر بيلاسس چيو ٿي تہ شطرنج جون ساريون آهن۔ پر مسٽر ڪزنس چوي ٿو تہ اهي پينگهي جون سرون آهن.[1] اهي شطرنج جون ساريون هجن يا پينگهي جون سرون، انهن مان اهو تہ ثابت ٿئي ٿو تہ اهو هنر ۽ فن سنڌ ۾ هزارها ورهيہ پراڻو آهي. ننگرپارڪر جو چٽيل منهن وارو تامي جو بت ڏسو (تصوير نمبر 15) يا ميرپورخاص ۾ هڪ ٻوڌي پوڄاريءَ جو بت ڏسو (تصوير نمبر 16)، گوتم جا عاليشان بت ڏسو يا ٺڪاڻن مان مليل قديم مورتيون، (تصوير نمبر 17 ۽ 11) اهي اوهان کي بت تراشيءَ ۽ چترڪاريءَ جا شاهڪار نظر ايندا. ٻئي طرف عمارت جو فن بہ اوترو ئي ترقي يافتہ هو. اڳيان اوهان کي هڪ ٻوڌي مندر جي چونڪ جي تصوير (تصوير نمبر 20) نظر ايندي ان کي ٽٽي جي عمارت سازيءَ سان ڀيٽي ڏسو تہ اوهان کي سنڌي عمارت سازيءَ جو اهو فن هزارها ورهين جي پس منظر ۾ نظر اچي ويندو. (تصوير 19 ۽ 21)

---
[1] Henry Cousins- "Antiquities"- p.60

تصوير نمبر 12

موهن جي دڙي جي هڪ حامل عورت، جا هڪ ٻار کي ڇڄ ۾ پياري رهي آهي.

(موهن جو دڙو ميوزيم نمبر D.K. 7250)

تصوير نمبر 13
موهن جي دڙي پر زالاڻي آدرش جي هڪ مورتي
(موهن جو دڙو ميوزيم نمبر D.K. 9151)

اهو هو فنون لطيفہ جو دور جيڪو هزارها ورهيہ قائم رهيو ۽ ان وچ ۾ ڪيترا ڏاريان ڪاهون ڪري آيا. يوناني، ايراني، ستيا وغيره. پر اهو فني ماحول ختم نہ ٿيو. پر جڏهن عرب فاتح ٿي داخل ٿيا، تڏهن هنن ٺاهڻ جي بدران ڊاهڻ شروع ڪيو. اُن ۾ عربن جو ڪو ڏوهہ ڪونہ هو- هو تہ پنهنجي اُن وقت جي تمدني سطح کان مجبور هئا ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ جي اهڙي حالت ٿي، جنهن جو نظارو يل تہ ڪزنس جي لفظن ۾ بيان ٿئي:

"Sind is a land of Sepulchers and dust of "holy" Shams and "holy" humbug. When the good old times under Hindu rule gave way to Mohammadan domination, the principal concern of its ruler seems to have been for the pleasures of the living and the glorification of their dead" – Henry Cousins-Antiquities of Sindh"-Page 1.

اڳتي هلي چوي ٿو تہ:

The Arab destroyed but they did not build..... (Page 10)

جيئن آءٌ اڳئي عرض ڪري آيو آهيان، انهيءَ ۾ عربن جو هڪ قوم جي حيثيت ۾ ڪوبہ ڏوهہ نہ هو. هو هڪ نئين جذبي هيٺ اٿيا هئا- ۽ دنيا جي باهمي امن، سلامتيءَ ۽ هڪ خدا جي بندگيءَ جي آدرش ڏيڻ لاءِ هنن ان کي ضروري سمجهيو. هنن اڳيان اها هڪ تاريخي ضرورت هئي- ۽ ان لاءِ تاريخ عربن کي ڪڏهن بہ ڏوهہ نہ ڏيندي، هنن جو مقصد ئي هو بت پرستي، بت تراشي ۽ اهڙن فنن کي تباهہ ڪرڻ، جن مان بت پرستيءَ جي بوءِ ٿي آئي. انساني زندگيءَ جي اوسر ۾ عرب دور بہ لازم ملزوم ڪڙي آهي- ۽ ان کي تاريخي غلطي سڏي نہ ٿو سگهجي. هنن جيڪي بہ طريقا اختيار ڪيا، اهي تاريخي طرح ضروري هئا، جهڙو حال تاتارين بغداد سان ڪيو سڪندر ايرانين سان ڪيو اهڙو ئي حال عربن ايران ۽ سنڌ سان ڪيو. پر هت رڳو اها حقيقت ظاهر ڪرڻي هئي تہ فنون لطيفہ کي ختم ڪرڻ ۾ عربن گهڻي ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي- ۽ اهو هنن پنهنجي اوائلي زماني ۾



مذهبي فرض تي سمجهيو. هر مذهبي حملہ آور قوم ائين ڪيو آهي- ۽ هر مذهب ۾ ائين ٿيندو آيو آهي. هر ملڪ ۾، هر سماج ۾ مذهب، فنون لطيفہ جي متائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عيسائيت، هندو ازم ۽ اسلام پنهنجي پنهنجي دائري ۾ اهي ڪوششون ڪندا رهيا آهن. عربن ۾ وري بہ هڪ ڳالهہ هئي تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪم از ڪم دنيا جي هر حصي ۾ هنن علم کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌين هنن کي لکڻ، پڙهڻ جو چاهہ سيکاريو. ڪين انگ سيکاريا، حساب سيکاريا، علم نجوم سيکاريو - ۽ هو سنڌي عالمن کي بغداد، دمشق ۾ استادن جي حيثيت ۾ وٺي ويا، ۽ هنن کان علم ۽ فن سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. عربن جي ذهن ۾ جيڪا سختي هئي، ان کي بہ سنڌي تمدن مانو ڪيو- ۽ ڪيترا عرب سنڌ ۾ ٿي رهي ماڻهن کي هڪ بهتر مذهب سيکارڻ لڳا، ۽ ان جي بدلي پاڻ انهن کان بهتر تمدني ڳالهيون سکڻ لڳا. انهيءَ امتزاج ٿي پوءِ جي تصوف کي جنم ڏنو هو- جنهن ۾ سنڌي راڳ ۽ مذهب خلط-ملط ٿيڻ لڳا هئا. البت ڪن ڳالهين ۾ عرب ذهن ايترو تہ غلط نموني پرورش ٿيل هو جو هتي جا ماڻهو انهن ڳالهين تي چڙڻ لڳا هئا. ۽ انهن ئي ڳالهين جي بنياد تي سنڌي سگهڙن ۽ شاعرن جي ذهن ۾ هڪ عرب جو تصور هڪ "بدوُ" جي معنيٰ ۾ رهجي ويو آهي، جنهن جي معنيٰ وٽن ڪا خاص چڱي نہ آهي. هيٺين سنڌي سگهڙن جي بيتن مان انهيءَ "بدو" لفظ جي پس منظر جي چڱي ڄاڻ ملي ٿي. [1] جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل مناظرن مان بہ- ٽي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(1) تون گهٽ آهين گونهن، تو بدوا بي آبو ڪرين.

(مناظرو ڪونري ۽ چلم جو- چيل چتي فقير سانگيءَ جو ص 157)

(2) رکيم ساک 'سومري' تي، جو بدو ٿيو بي ايمان!

(مناظرو ڪڙمي ۽ ڏاند جو- چيل صاحب سومري جو- ص 352)

---

(1) مناظرا- لوڪ ادب اسڪيم (سنڌي ادبي بورڊ) ڪتاب نمبر 10 ص ص 353 ۽ 417 وغيره.



شڪل نمبر 15: ننگرپارڪر مان لڌل چئن منهن وارو ٽامي جو بُت

شڪل نمبر 16

ميرپورخاص مان لڌل هڪ ٻوڌي پجاريءَ جو بُت

شڪل نمبر 17

سنڌ مان لڌل ٻڌ جون مورتيون، جن تي لکتون پڻ مليون ٿيون



شڪل نمبر 18

سنڌ مان لڌل ٻڌ جون مورتيون



شڪل نمبر 19

سنڌ جي ٽڪاڻن مان لڌل مورتيون ۽ عمارتسازيءَ جا نمونا



شڪل نمبر 20

ميرپورخاص اسٽوپا ۾ ٻڌ جي مندر جي چونڪي

شڪل نمبر 21

برهمڻ آباد جي هڪ مندر جو دروازو

(3) بکيا مرون ٻرَ جا، ڪياءِ ٻدوا ٻيدادي.
(مناظرو جُوسب ۽ گدڙ جو – چيل جوسب موندري جو ص 417)

ڪو هڪڙو مثال هجي ها تہ ان جي اهميت ايڏي نہ رهي ها. پر جيئن تہ اهڙا مثال اسان جي ادب ۾ ڪافي ملن ٿا. ان ڪري علم الانسان جي اصولن موجب انهن مان ماڻهن جي لاشعور ۾ ويٺل تصور جو پتو پوي ٿو. پر ڪابہ قوم مجموعي طرح بُري نہ آهي. تمدنن جو امتزاج تاريخي رنجش کي متائي ڇڏي ٿو.۔ ۽ اڄ اسان جي سنڌ ۾ عربن جو هڪ لاثاني تحفو اسلام اسان وٽ موجود آهي تہ ٻئي طرف سموري عربي دنيا ۾ فنونِ لطيفہ نئين طرح اُسري رهيا آهن. جن جو ابتدائي اثر يقيناً سنڌي صحبت جو اثر هو. اڄ اسان تي يورپ جي علم ۽ تمدن جو گهرو اثر ٿيندو وڃي ۽ سنڌي قوميت لاءِ اهو ئي بهتر آهي تہ انهن سمورين تمدني ڌارائن مان بهترين چيزون ڇاڻ ڪڍي پنهنجي تمدن کي بهتر بڻائيندو رهجي.

باب چوٿون

موهن جي دڙي جي سنڌي ٻولي (1)

انساني معاشرو هميشه پيداوار قوتن جي بدلجڻ سبب بدلجندو رهيو آهي. اٽڪل 4000 ق.م ۾ زرعي ترقيءَ سان گڏ، موهن جي دڙي جو سماج ماءُ- آدرشيءَ مان پيءُ-آدرشي بڻجي رهيو هو. ان دور ۾ ذاتي ملڪيت جو تصور به پيدا ٿي چڪو هو – ۽ قومي دولت طبقاتي نظام ۾ ورهائجي ويئي. ٻانهپ جو دستور به ان ئي دور ۾ پيدا ٿيو – ۽ دولت سون، ٽامي ۽ ٻانهن جي صورت ۾ چند ماڻهن ۾ گڏ ٿيڻ لڳي. ان طبقاتي نظام تنظيمي مذهب جو بنياد وڌو- ۽ انهن مان هڪ طبقي، پنڊتن ۽ پروهتن، پنهنجي دائمي تسلط قائم رکڻ لاءِ ذات پات جو نظام قائم ڪيو. اهي ذاتيون دراصل ڌنڌي جي لحاظ کان اڳئي جدا جدا هيون، ۽ هر هڪ ذات کي پنهنجو جدا جدا نشان هو جنهن مان هنن جي ڌنڌي جي خبر پوندي هئي. اهي ذات پات جا نياتي نشان (Totems) موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي ڪيترين مهرن تي ملن ٿا. ماڇي، مهاڻا، وگهامل، اوڏ، سنڌيلا ۽ ٻيا ڪيترائي سماٽ ذاتين جا نالا دراصل انهن نياتي نشانن جي ڪري پيدا ٿيا. اهي جدا جدا نيات واريون ذاتيون (Totemic Communities) پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول هونديون هيون. ماڇين جو نياتي نشان مڇي ۽ ڪڇون هو. مهاڻن جو مڇي ۽ ٻيڙي، وگهاملن جو ڪهاڙو، سنڌيلن جو پکي وغيره[1]، جن مان انهن جي ڌنڌن جي ورهاست جو پتو پوي ٿو پر جڏهن اهي ذاتيون ۽ نياتيون تنظيمي مذهب جي دائري ۾ آيون، تڏهن ذاتيون محض مذهبي ذاتيون بڻجي ويون- ۽ پورهيت ذاتين کي نيچ ذاتين ۾ شمار ڪيو وڃڻ لڳو.

انهيءَ ئي دور ۾ مذهبي بنياد ۽ معاشي سببن جي ڪري ڪيترائي قبيلا سنڌ مان لڏڻ لڳا- ڪي پنجاب واري واٽ وٺي اتر هندستان ڏانهن پکڙڻ لڳا ته ڪي سرحد پار ڪري ايران ۽ ان جي آس پاس وارن ملڪن ۾

(1) Asvalayana Sarula Sutra-xii, 10, 6 ff.

رهڻ لڳا. اجا ئي ڪي بيا قبيلا سمنڊ رستي اڳتي وڌيا، ۽ سمير، بابل، نينوا ۽ فونيشيا ۾ پنهنجون بينڪون جمائڻ لڳا. فونيشن يا پڻي لوڪ سڌو سنئون موهن جي دڙي واري زماني جي سنڌي ٻڻ (Scindhian Stock) مان هئا، ۽ هنن يورپي ٻولين جي آئيويتا، خود پنهنجي اصلوڪي مورتي ٻوليءَ مان پيدا ڪئي. هندستان ۾ وري ان مورتي ٻوليءَ مان برهمي رسم الخط پيدا ٿيو. ان ڳالهه تي هاڻ ڄاڻو متفق آهن تہ سمير جي مورتي ٻوليءَ جون ڪينڙيون نشانيون سنڌي نشانيون آهن، جن کي سميرين محض پنهنجي نئين ٻوليءَ جا آواز ڏيئي لکڻ شروع ڪيو. لينارڊ وولي چوي ٿو تہ سميرين ماڻهو اوڀر کان اچي فرات جي ڪناري تي آباد ٿيا. نوح ڪريمر جي شاهدي اڳتي اسين ڏيئي آيا آهيون. هيروڊوٽس (Herodotus) بہ چوي ٿو تہ فونيشين ماڻهو ايريٿيرين سمنڊ (Erytherean Sea) يعني هندي سمنڊ جي ساحل کان ٻيڙين ۾ چڙهي آيا هئا. انجيل مطابق حضرت نوح جو اولاد اوڀر کان "شنار" (بئبيلان) پهتو هو. اهي اوڀر جا ماڻهو سنڌي هئا، ڇاڪاڻ تہ ان دور ۾ تهذيبي طرح موهن جي دڙي جو تمدن ئي اوڀر ۾ ثابت ٿي سگهيو آهي، ۽ اهي سمورا قبيلا پنهنجي اصلوڪي زبان مهرن ۾ لکيتن جي صورت ۾ پاڻ سان کڻي ويا. وقت گذرڻ سان انهن ئي نشانين کي ڪتب آڻي، انهن کي نيون معنائون ۽ نوان اچار ڏيئي، نوان رسم الخط پيدا ڪيا. هنن ٻوليءَ ۾ تہ نہ رڳو نشانيون ساڳيون ملن ٿيون، پر خود ڪيترا لفظ هوبهو سنڌيءَ جا ملن ٿا، جيڪي موهن جي دڙي جي زماني جا آهن. ڇاڪاڻ تہ هنن ٻولي موهن جي دڙي واري زماني کان اٽڪل 2500 ورهيہ پوءِ جي آهي، ان ڪري اهو تہ ٿي نہ ٿو سگهي تہ هنن لوڪن سنڌين کي اهي لفظ ڏنا هوندا. ان مان اهوئي واحد نتيجو نڪري ٿو تہ هتان جا ماڻهو اهي لفظ پاڻ سان کڻي ويا، ۽ ان ڪري سندن ٻوليءَ ۾ شامل ٿيا.

تمدني طرح ڏٺو وڃي تہ اتر هندستان جو ويدڪ تمدن، موهن جي دڙي جي تمدن جي ئي هڪ صورت آهي، جا هتان اوڏانهن پهتي. ويدن جي عمر ڪيتري بہ تصور ڪئي وڃي، پر ويدن ۾ جيڪي تمدني اهڃاڻ آهن، انهن جي بنياد تي چئجي ٿو تہ اهي خصوصيتون سنڌ مان اتي پهتيون ۽ ان

ئي بنياد تي ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ آرين جو ٻاهران اچڻ فقط هڪ يورپي اختراع آهي، جنهن جي پس منظر ۾ جرمن نسلي امتياز جهاتيون پائي رهيو آهي. اهو سڄو آريائي افسانو هڪ جرمن، ٻولي وگيان جي ڄاڻوءَ مئڪس ملر شروع ڪيو جنهن سڀ کان پهرين لفظ "آريا" استعمال ڪيو هو. مئڪس ملر ويدڪ ساهت جو ڪجهہ حصو ترجمو ڪيو ۽ اڳي جن ٻولين کي هند-يورپي (Indo-European) ۽ هند-جرمئنڪ ٻولين سڏيو ويندو هو تن کي هاڻي آريائي ٻوليون سڏڻ لڳا. جيتوڻيڪ سڏو سنئون مئڪس ملر ائين ڪونہ چيو تہ آريا ڪي خاص نسل سان لاڳاپيل هئا، پر هن جا اهي لفظ تہ "آريا اهي آهن، جيڪي آريائي ٻوليون ڳالهائين ٿا"[1]، تن مان يورپ جي نسل خاص ڪري جرمنن کي _ آريا ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جرمن ماهرن رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو. انهن آرين کي هو نتشي (Nietzche) جي "ڀوري حيوان" (The Blonde Beast) سان تشبيهون ڏيڻ لڳا، ۽ غير-جرمن اثر وارن ملڪن ۾ تہ انهن کي محض "گورا ماڻهو" (Whiteman) سان تعبير ڪرڻ لڳا.

ان دوران جرمنيءَ جا ديش – يڪدم انهي ڀوري نسل جا نشان دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڳولڻ لڳا، ۽ ڪي نشان ڏسي اهو نظريو عام ڪرڻ لڳا تہ اهي ڀورا ماڻهو اصل ۾ اتر يورپ ۾ رهندڙ ڪنهن هڪ ئي بڻ مان هئا ۽ لڏي پلاڻي انهن ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ _ جيتوڻيڪ اهو نظريو حقيقتن جي بلڪل ابتڙ هو_ يورپ جي ذهنن ۾ اهڙو پختو ويهي رهيو جو باوجود ڪيترن ئي ماهرن جي ڇوڙ جي، اهو مٽجي نہ سگهيو ڇاڪاڻ تہ اهو جرمن نسلي امتياز جي پاليسيءَ جو هڪ هٿيو ٻنجي چڪو هو جنهن جي بنيادن تي سموري جرمن سياست جو دارومدار هو. 1943ع ۾ هڪ روسي ٻولي – وگيان ۽ علم الانسان جي ماهر، پروفيسر سٽرووَ انهيءَ نام نهاد آريا نسل جي نازي افساني جي قلعي کولي ڇڏي، جنهن ۾ هن ايشيا ۽ ڪاڪيسس مان لڌل مواد ۽ ڪتبن کي پڙهي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ

[1] Max Muller- "Biographics of Words and the Home of the Arya" pp. 245.

حقيقتون ان نظريي جي بلڪل ابتڙ هيون.[1]

ان دوران يورپ جو سياسي ماحول نهايت بگڙيل چڪو ه‍و. ايشيائي ۽ آفريڪي ڪندن تي سياسي تسلط 'نيچ نسلن جي مسئلي' (inferior races) ۽ 'گورن جي ذميداري' (Whiteman's responsibility) جهڙا تخيل يورپي ذهنن کي وڪوڙي ويا. ۽ علم جي هر شاخ کي انهيءَ تنگدليءَ ۽ تنگ نظريءَ جي ماحول کي وسيع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. ۽ ان ڪوشش ۾ ويچارا 'آريا' سياسي ۽ نسلي ڪشمڪش جو اهڃاڻ بڻجي ويا. ڪڏهن هنن کي 'نيندرٿال انسان' سان تي ملايو ويو ته ڪڏهن ڪن جرمنڪ قبيلي جي ماڻهن سان تي ڪين ملايو ويو جن جا مٿا وڏا، نڪ سنهون، ۽ قد ڊگهو هوندو هو ته ڪڏهن وري هنن کي سانوري رنگ جي 'ڪيلٽ لوڪن' سان تي مشابهت ڏني ويئي، ته ڪڏهن ايشيا جي 'ڪرگان ماڻهن' جي کوبڙين سان تمثيل ڏني ويئي. ڪڏهن هنن کي موجوده جرمن ماڻهن جهڙو ئي ثابت تي ڪيو ويو ته ڪڏهن بنهه اتر يورپ جي "هيرن ووڪ" ماڻهن سان.[2] مطلب ته جيترا هٿا چاڻو اوترا هٿا نظريا. ان طرح مئڪس ملر جي اٿاريل هڪڙي ئي لفظ جي فتني، ايترن ته نظرين ۽ ان جي رد ڪدن کي جنم ڏنو جو هاڻ ان تي هزارين ڪتاب لکجي چڪا آهن، پر فيصلو نه ٿو ٿئي ته واقعي ڪو آريه نسل هو به يا نه!

انهيءَ سڄي تحريڪ جي پس منظر ۾ جرمن نسلي امتياز جي پاليسي هئي، پر جڏهن جرمن ماهرن خود مصلحت جي بنا تي ان هترادو نسل کي خالص جرمن سڏڻ بدران اتر يورپي سڏڻ شروع ڪيو تڏهن ٻين يورپي ملڪن جي ماهرن به ان کي پنهنجو ڪرڻ ۾ ڪو اهم نه سمجهيو جيئن اليگزينڊر موئر چوي ٿو اهو سمورو من گهڙت قصو جرمن ورڪشاپ ۾ تيار ٿيو جتان پوءِ انگلنڊ ۽ آمريڪا جي ماهرن کنيو. جڏهن پئن-جرمنزم (Pan Germanism) جو فلسفو پير کوڙي نه سگهيو ته وري

[1] Moscow News-May 28th 1943
[2] Ripley-"Races of Europe"

"نارڊزم" (Nordism) جو نظريو ڦهلجڻ لڳو. ينهي جو پس منظر ۾ مقصد ساڳيا هئا. هن نظريي جي پوئلڳن مطابق اهي ناردڪ يعني اترئين نسل جا ماڻهو وڏي کوپڙي، ڊگهي نڪ وارا قداور مڙس هئا.جن جون اکيون نيريون يا يوريون هيون. هڪ جرمن ماهر پاڊلر (Paudler) ته وري انهن کي 'ڪرومئگنان' ماڻهن سان وچي ملايو جيڪو نسل پٿر واري زماني (Neolithic age) ۾ يورپ ۾ موجود هو. جيئن ته اهو نسل اتر يورپ کان اڳتي وڌيو هو ۽ انهن ملڪن جا ماڻهو انهن جا ئي پوٽا ڏوهٽا هئا، ۽ سندن ٻوليون به آرين هيون، ان ڪري اهي ئي ماڻهو ناردڪ آريا هئا- ۽ انهن کان سواءِ ٻين (ايشيائي) ملڪن ۾ جيڪي ماڻهو آرين ٻوليون ڳالهائين ٿا، سي ضرور اتان ئي لڏي اوڏانهن ويا هوندا!

سويڊن جي هڪ نسلي جيوَ-وگياني (Race-Biologist) پروفيسر لنڊ برگ به اهڙو ئي نظريو پيش ڪيو ته ڊگهي کوپڙيءَ ۽ سنهي نڪ وارا قداور ماڻهو ناردڪ آريا هئا، جيڪي اتر يورپ جي ماڻهن جهڙا هئا. مطلب ته ان طرح هڪ هٺراڌو ۽ من گهڙت ڪهاوت ويهي جوڙيائون ۽ ان ڪهاوت کي هاڻ تاريخي حيثيت ملي ويئي آهي. ايشيا جا مورخ ان ئي پس منظر ۾ هندستان جا قديم ڪتاب انهيءَ نقطئه نظر سان پڙهڻ لڳا. هنن لاءِ ته آرين جو اصلوڪو ماڳ جيڪڏهن سويڊن نه آهي ته ضرور جرمنيءَ ۾ هوندو، جرمنيءَ ۾ به نه آهي ته وچ يورپ يا لٿونيا، يا ڏکڻ رشيا ۾ هوندو. البت ڪي ماهر ان جي بلڪل ابتڙ نظريا به رکن ٿا: هنن جو مکيه نظريو اهو آهي ته جيڪڏهن آريا وچ ايشيا جا نه آهن ته ايشيا مائنر جا ضرور هوندا. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن جرمن تنگدليءَ جو خاتمو ٿيو ته يورپ جا ماهر ٻيهر سوچڻ تي مجبور ٿيا. هيڪاري جو جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ ڪجهه کوٽائيون ٿيون، ته هنن پنهنجي نظرين کي بنهه ته چڏي ڪونه ڏنو پر ان ۾ ترميمون ضرور آڻڻ لڳا. جرمنيءَ ۾ "آفينٽ" جي ڳوٺ ۾ ازيلين دور (Azlian Age) پٿر ۽ ٽامي جي دورن جي وچ وارو دور) جا ڪجهه هڏاوان پڃرا مليا. جن مان ڪن جون کوپڙيون ڊگهيون ته ڪن جون سوڙهيون ۽

نديون نظر آيون.[1] فرانس ۾ "سوليرتر" جي مقام ۾ موڪرين ڪوپراتين جي ماڻهن جا هڏا مليا.[2] انهن کوجنائن ناردزم واري نظريي کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ۽ ڏکهي ڪوپڙي، سنهي نڪ وارن پورن انسانن جو اتر يورپ ۾ پٿر وازي زماني ۾ هجڻ وارو مفروضو رد ڪرڻو پين. ۽ ان ۾ اها ترميم آندائون تہ ناردڪ انسانن کي پنهي قسمن جون، موڪريون توڙي ڏگهيون، ڪوپڙيون هونديون هيون[3] ۽ شايد اهي ٻن جدا نسلن جي انسانن جي لڳ مأن پيدا ٿيا هئا![4] ۽ اُن کي وري هٽرادو نالو ڏنائون پروٽو- ناردڪ نسل!

اسين اڳتي چئي آيا آهيون تہ پنهنجي انهن نظرين کي علمي ۽ تاريخي ملمعي چاڙهڻ لاءِ هنن سنسڪرت مخطوطن کي بہ پنهنجي نقطہ نظر سان ئي پڙهيو ۽ پنهنجون معنائون تي ڏنيون. اسان جي بزرگ پيرومل مهر چند، ٻال گنگاڌر تلڪ جي ڪتاب جي بنياد تي انهيءَ ئي معنيٰ کي قبول ڪيو آهي، پر خود ڪن يورپي ماهرن ان نظريي جا بخيا اڌيڙي ڇڏيا آهن.

زمر (Zimmer) چوي ٿو تہ ويدن ۾ اهڙو ڪوبہ اهڃاڻ ڪونہ ٿو ملي، جنهن مان چئي سگهجي تہ آرين جا ابا ڏاڏا ڪي ڪنهن ٿڌي ملڪ (اتر يورپ يا سائيبريا وغيره) جا رهاڪو هئا. سڀ کان اتريون علائقو جنهن جي آرين کي خبر هئي، سو هو ڪشمير- ڪشير- جنهن جو اشارو "اتر ڪورو" مان ملي ٿو. ان کان سواءِ ويدن مان جيڪا آرين جي ابن ڏاڏن جي پوشاڪ معلوم ٿئي ٿي، ان پوشاڪ سان ڪنهن ٿڌي ملڪ ۾ رهڻ ناممڪن آهي. هي هڪ اهڙو تمدني نڪتو آهي، جو انهيءَ سموري نظريي جي رد لاءِ ڪافي آهي.

يورپي ماهرن اصل آرين کي پوري يا گوري رنگ جو پيش ڪيو آهي. ويدن ۾ ان جي بلڪل ابتڙ شاهديون ٿيون ملن. يجر ويد ۾ "رودر ديوتا" کي سونهري رنگ جو سڏيو ويو آهي. انهن آرين جي سونهن ۽ رنگ جو معيار پورو يا اڇو نہ هو پر سونهري ۽ سانورو هو. هنن کي پورن وارن وارا

[1] Encyclopedia Britanica Vol. 12 pp. 263-64

[2] Keith- "Antiquity of Man" p.139

[3] Gordon Child- "The Aryans" pp.183-188

[4] Dixon- "Racial History of Mankind" pp.33-34

(Blondes) پسند نہ هئا، پر ڪارن وارن وارا سندن معيار مطابق هئا. "بوڏاين" جي سروتيءَ ۾ (ڏرم سوتر 1-1، 3 ۽ 5) هي جملو ڏيان جوڳو آهي:

"جيسين سندس وار ڪارا آهن، تيسين پل تہ بليدان جي اگني دکائيندو رهي."

اهو ساڳيو جملو "ساور" پنهنجي "جيمني پاشيہ" (1-33) ۾ بہ ڏهرايو آهي. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اصلوڪن ويدڪ ماڻهن جي وارن جو رنگ ڪارو هوندو هو. اٿر ويد ۾ وارن جو وڌڻ، ڇاهڻ ۽ وارن وڌائڻ تي هڪ پورو باب آهي. ان ۾ هڪ هنڌ هيءَ پرارٿنا آهي تہ "شل تنهنجي مٿي تي ڪارا ڪيس سرن وانگر اسرڻ شروع ٿين" (اٿر ويد -- ڀاڱو ڇهون 137-372). انهن حوالن مان اسان کي سڌو سنئون پتو پوي ٿو تہ ويدڪ ماڻهن ۽ سندن ديوتائن (جيڪي دراصل سندن قديم ابا ڏاڏا هئا، ۽ انهن کي محض ڌرمي طرح ديوتا سڏيو ويو آهي) جا وار ڪارا هئا، ۽ ڪارن وارن کي ئي پسند ڪيو ويندو هو. ان ڪري ناردڪ آرين جي پورن وارن وارو مفروضو قطعي غلط آهي.

اها تہ ٿي ويدن جي اندروني شاهدي. هاڻ اچو تہ ويدن کان ٻاهر علم الانسان جي شاهدي ڏسون. ترڪستان ۾ "پمپيلي" جي کوٽائين مان [1] اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ عيسوي سن کان اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ اڳ وچ ايشيا جي "اناؤ" (Anau) واري علائقي ۾ ڪوپونوچ سمنڊ وارو يا يونوچولو (Mediterranean) نسل آباد هو. "وان آئيڪسٽيڊٽ" (Van Eikstedt) جي چوڻ موجب آخري برفاني دور (Glacial Period) کان وٺي ايران جي ڏکڻ پاسي هماليہ جبلن تائين يونوچولو نسل آباد هو. ٻئي پاسي رپلي (Ripley) تہ ڪافي وقت ٿيو اهو نظريو پيش ڪيو هو ۽ انهيءَ بناءَ تي موجود هندستان جي ماڻهن کي بہ يونوچولي نسل جو سڏيو اٿس. "سرگي" (Sergi) پنهنجي ڪتاب "يورپ ان ايشيا" (Europe in Asia) ۾ هندستانين کي ميڊيٽرينين يعني يونوچولو نسل سڏيو آهي. خود موهن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ مارشل ۽ مئڪي کي يونوچولي نسل جا هڏا ۽ کوپڙيون مليون.

---

[1] Pumpelly's Explorations in Turkistan (Carnegie Publication No. 78).

پوءِ ان ساري مواد جي بنياد تي ائين چوڻ ڇئجي تہ ويدڪ ماڻهو بہ انهيءَ ميڊيٽرنين نسل جي ايرندي شاخ مان هئا؟ انهن ڳالهين مان ايترو تہ پڪيءَ طرح چئي سگهجي ٿو تہ هندستان جا ماڻهو يا ويدڪ دور جا هندستاني ڪهڙي بہ نسل جا هجن، پر اهو مفروضو تہ يقيناً غلط آهي تہ ڪو يورپي، يا ٻاهريون نسل لڏي هندستان پهتو. تمدن ۽ ٻولين جي هڪجهڙائيءَ جي شاهدي بہ بلڪل ابتڙ آهي. ڪنهن بہ ٻن ملڪن جي ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائيءَ کي ڏسي ائين چوڻ تہ انهن ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جو نسل بہ ساڳيو هوندو، بلڪل غلط آهي [1] ان ڪري هڪ ئي هند -يورپي ٻوليءَ هجڻ جي بنياد تي بہ آريا نسل جو مفروضو قائم ڪرڻ صحيح نہ آهي.

هاڻ اچو تہ خود **"آريا"** لفظ کي ويدڪ دور ۾ ڏسون تہ ان جي معنيٰ ڪا نسلي معنيٰ ڏيکاري ٿي يا نہ. ويدن ۾ لفظ **"آريا"** فقط 'تهذيب يافتہ'، 'سگهڙ ۽ چڱي ماڻهو' جي معنيٰ ۾ آيو آهي. ان ۾ نسلي مفهوم هرگز ڪونہ ٿو ملي. ويدڪ انڊيڪس (فهرست) بڻائڻ وارا مصنف تہ اهو ٿا چون تہ **"آريا"** لفظ جي اصل معنيٰ آهي **"هاري"**- يا کيتي ڪندڙ [2]. آءُ اڳتي اهو نظريو پيش ڪري آيو آهيان تہ اسان جي **"هاري"** لفظ جو ڌاتو آهي **'هر'** ← **'ار'** ← معنيٰ کيڙڻ. اهو 'ار' ڌاتو اڄ بہ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ **"آري"** لفظ ۾ موجود آهي، جنهن کي شاهہ لطيف "سگهڙ" يا ڪنهن چڱي مڙس جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. ان جي معنيٰ تہ قديم زماني ۾، کيتي ڪندڙن کي جيئن تہ سگهڙ ماڻهو سمجهيو ويندو هو ان ڪري کين سڏيندا ئي هئا **"آري"**. جو وقت گذرڻ سان 'ا' **'هہ'** ۾ مٽجي **'هاري'** ٿيو آهي. اسان وٽ اجا تائين هڪ تمدني چوڻي آهي. "اتم کيتي، وڏندڙ واپار...." کيتيءَ کي اتم سمجهڻ سان کيتي ڪندڙ کي بہ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو ۽ اهو لفظ **"آري"** يا **"آريو"**. "سگهڙ" ماڻهوءَ جي معنيٰ ۾ اسان وٽ قديم زماني ۾ موجود هو.

جيئن آءُ اڳتي عرض ڪري آيو آهيان، ويدڪ دور جي اتر

---

[1] Gordon Child- "The Aryans" pp 84-85

[2] Keith and Macdonnel- "Vedic Index" Vol. 1 pp. 64-66

هندستان ۾ سنڌي قبيلا قديم زماني ۾ پهتا هئا، ۽ هنن وٽ "آريو" ۽ "آري" لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا هئا. ۽ ويدن جي زماني ۾ اهو لفظ "آريو" صرف هارين کان بدلجي ڌرمي ذاتين جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو ۽ ويدڪ ڌرم جي ٽن ذاتين- برهمڻ، کتري ۽ وئش- لاءِ ڪتب اچڻ لڳو. آءُ ويدڪ دور ان ڪري ٿو چوان، ڇاڪاڻ ته ان دور کان اڳ اها ذات پات جي ڇوت ڇات نه هئي، ۽ محض ڌنڌن جي بنياد تي ڪتنب ٺهيل هئا. ان ڪري خود اهي ماڻهو جيڪي پوئين دور ۾ شودر سڏجڻ لڳا، تن کي به آري ۽ آريو سڏيو ويندو هو ڇاڪاڻ ته ڪيتي ته اهي به ڪندا هئا. جيڪڏهن ائين نه هجي ها، يعني ان ۾ ڪا ذات پات جي معنيٰ هجي ها، ته هندو رشي ڪڏهن به شودرن سان لفظ آريو نه ڳنڍين ها. خود اوائلي ويدڪ حوالن ۾ **سودرآريو = سودر+ آريو** مرڪب لفظ استعمال ٿيو آهي- ستپٿ براهمڻ (پاٺ تيرهون- 8,9,2) ۽ واجسنيه سمهيت (پاٺ ٽيويهون- 30) مان اهو اهڃاڻ بلڪل واضح طور ملي ٿو. خود پوئين دور ۾ به "آريو" انفرادي طرح سکر ۽ بااخلاق ماڻهوءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو رهيو ۽ نه ڪنهن نسل جي معني ۾. راماڻ ۾ راڪشس اندرجيت پنهنجي چاچي ڀيشڻ کي دغابازي ڪرڻ لاءِ 'اڻ- آريو' سڏي ٿو جنهن جي معني ته راڪشش، جيڪي بدروح سمجهيا ٿي ويا، انهن کي به آريو سمجهيو ويندو هو پر ڪنهن گندي ڪم ڪرڻ جي ڪري هنن کي ان عزت واري خطاب ڏيڻ بدران، اڻ آريو سڏيو ٿي ويو. مهاڀارت مان به ساڳيو اهڃاڻ ملي ٿو. ۽ ان ۾ ڪورو راجا دريوڌن، "سنڌو" راجا جي وينتي نه مڃڻ تي ڇڪتائي، پنهنجي پاڻ کي 'اڻ –آريو' ٿو سڏي. انهيءَ ساڳئي مهاڀارت ۾ پانڊون جي راڻي دروپدي چوي ٿي ته ڪن نيچ اڻ-آرين يڌشٽر کي جوئا کيڏڻ تي اڀاريو هو. گيتا ۾ (پاٺ ٻيو اشلوڪ 2) شري ڪرشن ارجن کي اڻ-آرين وانگر هلڻ کان منع ٿو ڪري. ٻوڌين پنهنجي ڌرم کي سڏيوئي "آريه ڌرم". گوتم پنهنجي قولن کي سڏيو آهي "آريه- ستيه" يعني "آريه-سچ". ان سچي اپٽار مان اهو ظاهر ٿيندو ته 'آريا' لفظ ڪنهن نسلي معنيٰ ۾ نه، پر محض تمدني ۽ تهذيبي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان ڪري

ويدڪ آرين کي هڪ الڳ ٻاهران آيل نسل سڏڻ بلڪل غلط آهي.
هاڻ سوال آهي تہ جيڪڏهن آريا ٻاهران نہ آيا تہ ويدن ۾ ذڪر ڪيل قبيلا ڪير هئا؟ ان جو سڌو سنئون جواب اهو آهي تہ اهي ويدن جا مصنف ۽ اهي قبيلا اصل هندستان جا ئي رهاڪو هئا. تمدني بنيادن تي اهو پڪيءَ طرح چئي سگهجي ٿو تہ انهن ۾ مکيہ قبيلا موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي سنڌي تهذيب واري دور ۾ سنڌ مان لڏي اوڏانهن پهتا. پنهنجي آبائي وطن سنڌ کي وسارڻ جي بدران هنن سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ساراهہ ۾ ڪتاب ڪارا ڪرڻ شروع ڪيا. ساڳئي وقت پنهنجي اصلوڪي مادري زبان سنڌيءَ کي، جا ظاهر آهي تہ سندن لڏڻ واري دور ۾ ايتري پختي نہ هئي، پنهنجي نئين علائقي، اتر هندستان جي مقامي ٻولين سان گڏي، هڪ نئين زبان کي جنم ڏنو جنهن جو نالو رکيائون "سنسڪرت" يعني سڌريل زبان. موهن جي دڙي وارو رسم الخط هنن مان چند ماڻهو ڄاڻندا هئا، ۽ پنهنجي نئين ٻولي پيدا ڪرڻ سان گڏ، نئين لپي "برهمي" بہ وجود ۾ آندائون. ان جي لاءِ ڪي پختا ثبوت آهن. علم ڪيميا وانگر لکڻ جو علم بہ ديوتائن جو پراسرار علم سمجهيو ويندو هو ۽ اهي لکيل پڙهيل پنڊت ۽ پروهت ان کي عام ڪرڻ جي بدران لڪائيندا وتندا هئا. تازو جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، انهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جون اصلي نشانيون- ۽ انهن جا برهمي اچار سامهون لکي پنهنجي مٺن ۽ مڙهين ۾ لڪائي ڇڏيندا هئا. ڪن سنڌي نشانين جون پيڙهيون هو رڳو پنهنجي اولاد کي ڏيئي مري ويندا هئا، ۽ ڇاڪاڻ تہ اهو لکڻ پڙهڻ ئي سندن ڏنڌو بڻجي ويو هو ان ڪري سندن پويان بہ انهيءَ علم کي حتي الامڪان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر ڪيترا اهڙا بہ هئا، جن ان نئين لپيءَ ۽ پراڻي لپيءَ کي گڏي لکيو هو ۽ ان مان ڪجهہ مواد هاڻ هٿ ڪيو ويو آهي، جنهن کي "تنتر" سڏيو وڃي ٿو. انهن تنترن تي ڪافي مغز ماري ڪئي ويئي آهي. جڏهن موهن جي دڙي جي نشانين جو اهو رڪارڊ مليو تڏهن ڪن ماهرن موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندن،

ڪوشش جي ناڪام ٿيڻ جا ٻه سبب هئا: هڪ ته هنن کي اها خبر نه پئجي سگهي ته اهي لکتيون کابي کان شروع ٿيون ٿين يا ساڄي کان. ٻيو ته انهن نشانين کي برهمي پڙهڻي ڏيئي، ان مان پراڻي سنسڪرت ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. ۽ چاڪاڻ ته سنسڪرت موهن جي دڙي کان گهڻو گهڻو پوءِ ٺهي، ان ڪري اهي گهڙيل لفظ بي معنيٰ ثابت ٿيا. ۽ ٻيو ته انهن جي ڇڪاس ڪرڻ سان ساڳيون نشانيون ٽوري رد بدل سان لفظ نه ٿي ٺاهي سگهيون. ان هوندي به سوامي سنڪارانند ۽ ٻين جيڪي ڪوششون ڪيون، سي ڪجهه صحيح راهه تي هيون. هنن کي فقط هڪ ڳالهه جو خيال رکڻ گهربو هو ته هي لکتيون سنڌ ملڪ جون آهن، متان انهن تي لکيل ٻولي سنڌي آهي؟ پر ڇاڪاڻ ته هنن جي ذهنن ۾ به مارڪنڊيه ۽ هيمچندر وارو خيال ويٺل هو ته سنڌي اپڀرمش مان نڪتي آهي، ۽ جنهن کي يورپي ٽوڙي ڏيهي عالم ڏهين يا يارهين صديءَ ۾ نهيل ٿا سمجهن، سو موهن جي دڙي جي مهرن تي ڪٿان آئي؟ اها هئي سندن بنيادي غلطي، جنهن سندن ڪوشش تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. سامهون شڪل ۾ آءُ اهي چند نشانيون ڏيان ٿو جيڪي موهن جي دڙي ۽ تنترن ۾ ساڳيون آهن. انهن جي سامهون مصري تصويري ٻوليءَ جون نشانيون به ڀيٽ لاءِ ڏجن ٿيون. مصري نشانين جي اها ڀيٽ به دلچسپيءَ کان خالي نه آهي.

ان فهرست ۾ جيڪي سنسڪرت ملهه ڏنا ويا آهن سي قطعي طرح صحيح نه آهن، ڇاڪاڻ ته مختلف تنترن ۾ مختلف ملهه ڏنا ويا آهن. هت محض اهو ٻڌائڻ مقصد آهي ته موهن جي دڙي جي ٻولي بنگال جي مٿن ۽ مڙهين تائين پهتي هئي ۽ هزارين ورهيه پنڊتن ۽ پروهتن جي سينن ۾ محفوظ رهي. تنترن جو اهو چڱو چوکو رڪارڊ سرجان وڊروف (Sir John Woodroffe) ايڊٽ ڪري، ليوزاڪ ڪمپني لنڊن مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هڪ تنتر لغت، ڊاڪٽر پي. سي. باگچيءَ نيپال دربار لئبرريءَ مان هٿ ڪري، "ايڪشر سامولپ" جي نالي سان ڇپائي پڌري ڪئي آهي. اهو سمورو تنتر رڪارڊ لغتن ۽ ڪوشن جي نموني تي آهي. ان مواد کي گڏ

سنڌي (موهن جو دڙو)	تنترڪ	مصري	برهمي ملهه (تنتر)
			लृ (لي)
			न (نا)
			त ए (تا) يا (آ)
			प (پا)
			(ڊ) ड (تي ريڪائون)
			انگن جو ملهه ڏنل نه آهي (سراج)

ڪري، صاف ڪري، صحيح نتيجا ڪڍڻ ۾ ماهر لڳا پيا آهن ۽ اميد آهي ته جلد ئي ڪو ڪارائتو نتيجو ڪڍندا.

مٿئين شاهديءَ مان اهو ثابت ٿيو ته موهن جي دڙي جي ٻولي اتر ۽ اوير هندستان، بهار ۽ بنگال تائين پهتي، ان جي پهچڻ جا فقط ٻه ذريعا ٿي سگهن ٿا: يا ته ڪي ماڻهو سنڌ مان اوڏانهن پهتا، يا اتان جا ڪي ماڻهو سنڌ ۾ پهتا. جيڪڏهن اتان ڪي ماڻهو سنڌ ۾ آيا، ته اهي ماڻهو ڪهڙي ڪا چر سان لاڳاپيل هئا؟ جيئن ته ان پاسي موهن جي دڙي جهڙي ڪا به تهذيب ثابت نه ٿي آهي، ۽ سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب موجود آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هتان ئي اها ٻولي اوڏانهن ويئي، ٻيو ته ويدن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌو درياهه جي واکاڻ جا بابن جا باب جو ملن ٿا، ۽ ويدن جا مصنف سنڌ کي پنهنجو اصلوڪو وطن سڏين ٿا. سا شاهدي ڏيکاري ٿي ته اهي ماڻهو سنڌ مان لڏي اتر هندستان پهتا هئا. ٻيون به ڪيتريون ئي تمدني شاهديون ملن ٿيون، جن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ويدڪ لوڪ تمدني طرح موهن جي دڙي جي ماڻهن جي ٻڻ مان هئا. انهن جو سڀ کان وڏو تمدني ثبوت آهي، ويدڪ ڌرمي رواج. موهن جي دڙي جي مهرن ۾ سواستيڪا 卐 جي نشاني عام ملي ٿي، جا ويدڪ ڌرم ۾– گڻيش پوڄا– جي خاص نشاني بنجي چڪي هئي. هڪ مهر ته اهڙي ملي آهي، جنهن کي مارشل ۽ مئڪي ٻئي اتفاق راءِ سان شوَ جو خاڪو سڏين ٿا- مارشل ان راءِ جو آهي ته ويدڪ ڌرم جي شڪتي پوڄا موهن جي دڙي جي شڪتي پوڄا جي پونير آهي.

ازان سواءِ ماڻهن کي دفنائڻ جي سلسلي ۾ اهو ته چڱيءَ طرح ثابت ٿي چڪو آهي ته موهن جي دڙي ۾ مُردن کي ٽن طريقن سان نيڪال ڪيو ويندو هو. پهريون ۽ قديم ترين ته هو مُردي کي پورڻ. ٻيو هو مردا جهنگلي جانورن جي کائڻ لاءِ اڇلي ڇڏڻ، جنهن کان پوءِ بچيل هڏا پوريا ويندا هئا، ۽ ٽيون طريقو هو مڪمل طرح جلائڻ[1]. اهو ٽيون طريقو گهٽي ۾ گهٽ استعمال ٿيل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي اهڙا ٿيا ۽ دکيون مليون آهن، جن ۾

[1] Marshall- Mohen jo Daro and Indus Civilization Vol. 1. pp. 79-81-89

مُردن جي رَک ملي ٿي. هاڻ جڏهن ويدن جي ساهت کي ٿو ڏسجي تہ ويدڪ ماڻهن ۾ بہ اهي ٽيئي طريقا مُردن نيڪال ڪرڻ جا ملن ٿا. رگ ويد (پاٺ ڏهون 13x10-18) ۾ هڪ مردي لاءِ هيٺيون اشلوڪ ملي ٿو:

"اي ڌرتي، تون هن کي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ويڙهي ڇڏ، جيئن ڪا ماءُ پنهنجي ٻار کي چولي ۾ ويڙهي ويهندي آهي.... آءٌ تنهنجي چوڌاري مٽي پيو ساڙاريان- شل ان جا پتر تنهنجي بدن کي نہ لڳن.....!"

هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ منجهن مُردن کي سڄي جو سڄو پورڻ جو رواج موجود هو. ساڳئي رگ ويد ۾ بنهہ جلائڻ جي ثابتي بہ ملي ٿي. هڪ هندُ مُردن لاءِ هڪ اشلوڪ هيٺئن ٿو چوي:

"اي اگني، هن کي بنهہ جلائي نہ ڇڏ. هن کي بنهہ ساڙ نہ، ۽ نہ ڪي هن جي سنڌن ۾، چمڙيءَ ۾ لڳن کي الڳ الڳ ڪج!"
(رگ ويد – پاٺ ڏهون، منڊل سورهون_1)

اهڙا ڪيترائي حوالا رگ ويد ۾ توڙي اٿر ويد ۾ ملن ٿا، جنهن مان اهو پڪيءَ طرح ثابت ٿئي ٿو تہ ويدڪ دور ۾ مُردن جي نيڪال جا اهي ساڳيا رواج موجود هئا، جهڙا موهن جي دڙي جي تهذيب مان ثابت ٿين ٿا. ظاهر آهي تہ اهي رواج هتان جا ماڻهو اوڏانهن کڻي ويا، ۽ اتي وڃي اهي رائج ڪيائون.

موهن جي دڙي جون اهي ڌرمي ۽ تمدني ڳالهيون چٽيءَ طرح اهو ثابت ڪن ٿيون تہ جنهن کي هاڻ آريا نسل چيو وڃي ٿو، سو دراصل ڪو ڌاريو نسل نہ هو پر سنڌ جا ڪي قبيلا لڏي پلاڻي اتر هندستان واري سموري علائقي ۾ پکڙجي، آباد ٿيا هئا. ويدڪ دور موهن جي دڙي جي تهذيب جي سلسلي جي هڪ ڪڙي هو ۽ جڏهن ان ويدڪ دور جي ماڻهن مذهب، ٻولي، سماج ۽ سياسي حالتن ۾ هڪ يڪرنگي ۽ هم آهنگي حاصل ڪئي، تڏهن هنن ۾ هڪ وحدت قائم ٿي ويئي هئي. ان وحدت هڪ نئين هندستان- آريہ ورت، ۽ ڀارت ورش کي جنم ڏنو هو. اهو سماجي، سياسي ۽

تمدني ايڪو اڻڪل ٻه هزار ورهيه قائم رهيو. ان ۾ وچ وچ ۾، وري به خانه جنگي، ذات پات جي لڙاين جي ڪري خودمختيار حڪومتون ۽ رياستون بنجنديون رهيون، پر تمدني طرح ان ۾ هڪ يڳانگت قائم رهندي آئي. جڏهن ٻڌ ڌرم زور ورتو، تڏهن به اها وحدت هڪ نئين شڪل ۾ بينگال کان سنڌ تائين قائم رهي ۽ ان سڄي دور ۾ سنسڪرت سنڌيءَ تي اثرانداز ٿيندي رهي، ۽ جيئن ڪي تمدني يا سياسي الفاظ خالص ويدڪ لهجي جا اڄ ... ي بوليءَ ۾ نظر اچن ٿا، سي انهيءَ ڊگهي دور جا آهن. اهو وري به جاڻائڻ ضروري آهي ته انهن نون لفظن مان ڪيترائي اهڙا لفظ هئا، جيڪي سنڌيءَ جا اصلوڪا لفظ هئا، ۽ نئين صورت ۾ رائج ٿيا. ۽ هاڻ اسان وٽ انهن لفظن جون ٻئي صورتون موجود آهن. ان طرح ٻولي وڌندي ويجهندي شاهوڪار ٿيندي رهي- ۽ ان جي اها پختي صورت اسان کي عربن جي ڪاهه وقت ملي ٿي. 'ٻيٽ'، 'ڍنڍ'، 'چنا'، 'ڪاڪا' وغيره خالص سنڌي لفظ چچنامي ۾ ڏنل آهن، سي اصلوڪا سنڌي لفظ آهن. "چنا" لفظ اسان کي موهن جي دڙي ۾ به ملي ٿو جيئن اڳئين باب مان اوهان کي خبر پوندي. ڏاهر جي زماني واري ٻولي، ڪجهه عربي فارسي لفظن سان شاهوڪار ٿي، اڄ به اسان وٽ موجود آهي. هاڻ اچو ته خود موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي جاچيون.[1]



(1) سنڌي قبيلا، جيڪا، وات ولي ويا، انهن جي سڌ به پنجي وڃي ٿي، ڪئمبل پور پنجاب ۾ دريا جي پراڻي ڪناري جي ڇپن تي موهن جي دڙي جي تصويرن ۽ ٻوليءَ جا ڪيترائي اهڃاڻ ملن ٿا، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن هنڌن تي اهي قبيلا ڪجهه وقت رهيا هئا. ڪئمبل پور جي ڇپن تي ڏنل خاڪن جو نمونو هتي فٽ نوٽ طور ڏنل آهي. هي خاڪو موهن جي دڙي جو آهي پر ڪئمبل پور ۾ هوبهو ان قسم جا خاڪا مليا آهن. ان ڳالهه جو تفصيلي ذڪر حوالن سوڌو اڳ ۾ آيل آهي.

باب پنجون

موهن جي دڙي جي سنڌي ٻولي (2)

هن باب شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ مناسب سمجهان ٿو ته اسان جي ڪن عالمن محض تنگدليءَ جي ڪري 'موهن جي دڙي' جو نالو مٽائي "موئن جو دڙو" لکڻ ۽ چوڻ شروع ڪيو آهي. سندن استدلال اهو آهي ته تاريخي طرح "موهن" نالي ڪوبه راجا سنڌ جي تاريخ ۾ نه گذريو آهي، ۽ ٻيو ته ان دڙي کي اهو نالو هندن جو ڏنل آهي، ان ڪري اهو نالو مٽائي "موئن جو دڙو" رکڻ گهرجي، جنهن مان اها معنيٰ نڪرندي ته اهو مئل ماڻهن جو دڙو آهي. اهڙي قسم جي هلڪڙي مذهبي تنگدليءَ جي بنياد تي سنڌ جي تاريخ سان اهڙا ويل وهائڻ ڪا نئين ڳالهه نه آهي: هندن ان تاريخ کي هندو بنائڻ شروع ڪيو ۽ مسلمانن ان کي اسلام قبولايو. موهن جي دڙي ۾ ته هرويرو هندو نالو "موهن" ڳولڻ جي تڪليف ڪئي ويئي آهي. ان لفظ "موهن" جو هندو نالي 'موهن' سان ڪو پري جو به واسطو ڪونهي. هي نالو اصل ۾ هڪ قبيلي جو نالو آهي- ۽ ان دڙي جو اصل نالو هو "مُهِن جو دڙو"، جو وقت گذرڻ سان، اچار ۾ وڌيڪ واڌ ڪائي 'مُهِن' ← 'مُوهِن' ← 'موهن' بڻيو آهي.

'مُهِن' هڪ قبيلي جو نالو هو جو مڇيءَ تي گذران ڪندو هو ۽ ٻيڙين ذريعي وڏي توڙي ننڍي پيماني تي مڇي ماري، پنهنجو گذر ڪندو هو. موهن جي دڙي ۾ جتي ڪٿي انهن جي نياتي نشاني (Totem) ملي ٿي. اهوئي قبيلو هزارين سالن کان اڄ تائين سنڌ ۾ رهندو اچي. ان ساڳئي قبيلي کي شاهه "مهاڻين" جو قبيلو سڏيو آهي. ان قبيلي جون شاخون يا ذاتيون "مي"، "مهاڻا" وغيره اوهان کي سنڌ ۾ اڄا تائين ملندا. اڄ تائين ٺٽي، ماڇر، دادو وغيره طرف ويٺل غريب مهاڻن جي ڪن ذاتين وٽ، اوهان کي اها نياتي نشاني نڪر جي ٿانون، ۽ ويندي ٻيڙين جي پاسن تي کوٽيل

۽ اڪيل ملنديون موهن جي دڙي جو تمدن ان قبيلي جي ناني پويان اسان وٽ ڪنهن طرح مشهور ٿي ويو آهي. ان ڪري ٿي اسان جي آڳاٽن ڪتابن ۾ ان کي مُهن جو دڙو سڏيو ويو آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن ۾ ملي ٿو - ۽ اڄ بہ ان نالي سان ڏوڪري ۽ ان جي آس پاس جا ماڻهو ان دڙي کي سڏين ٿا.* ان **'مُهن'** جو هندو نالي **موهن** سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. ان جي باوجود، جيڪي صاحب محض تنگدليءَ جي ڪري **موهن** کي **'موئن'** بنائڻ تي سندرو ٻڌي چڪا آهن، انهن کي ٻيو نہ تہ بہ ايترو تہ ضرور سوچڻ گهرجي تہ پراڻين تهذيبن جا جيڪي بہ دفن ٿيل شهر سنڌ ۾ ملن ٿا، سي سمورا هڪ طرح سان مئلن جا ۽ **موئن جا دڙا** آهن- پوءِ انهن سمورن دڙن کي، ڪاهوءَ جي دڙي، آمريءَ جي دڙي بدران **موئن جو دڙو نمبر پهريون، موئن جو دڙو نمبر ٻيو سڏڻو پوندو!**

ان کان پوءِ اهو اعتراف ڪرڻو اٿم تہ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي حل ڪرڻ جي علمي لياقت ڪنهن ڊگريءَ جي صورت ۾ مون وٽ بنهہ ڪانهي. مون محض هڪ طالبعلم جي حيثيت ۾ ٻولين - ۽ خاص ڪري ڪُهنين ۽ قديم ٻولين جو مطالعو پنهنجي ڪيو آهي، ۽ ٻين مطالعن کان هي اپياس وڌيڪ دل لڀائيندڙ محسوس ڪيو اٿم. ڪجهہ تہ علمي وندر ۽ ڪجهہ موهن جي دڙي جي پراسراريت مون کي ان ۾ گرفتار ڪيو پر ان گرفتاريءَ اهڙي محويت جي صورت اختيار ڪئي، جو پنجن سالن جو ڊگهو عرصو ان جي نذر ڪرڻو پيو. هت جيڪي نتيجا بيان ڪندس، تن لاءِ مون کي ڪا خوش فهمي نہ آهي. آءٌ اها ڳالهہ وري ورجائڻ گهران ٿو تہ ان لاءِ مون کي ڪا خوش فهمي نہ آهي: ممڪن آهي تہ منهنجي هيءَ ڪوشش بنهہ غلط هجي، پر ساڳئي وقت اهو امڪان بہ آهي تہ آءٌ صحيح راهہ تي آهيان. پر ايترو يقين اٿم تہ منهنجيءَ هيءَ ڪوشش ڪيترن عالمن کي چرڪائيندي، ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندي جيڪڏهن ائين ٿيو تہ آءٌ ائين

* ڏوڪري ۽ ٻلهڙيجيءَ جا ماڻهو اڄ بہ "مهين جو دڙو" چون ٿا. "مهين" مهن مان ائين نڪتو آهي جيئن اسان وٽ "گهرين (گهرڏي)، سنان (سن مان) هالين (هالن ڏانهن) ڪم ايندو آهي. (اداره)

سمجهندس تہ منهنجي ڪوشش ڪارياب ٿي. جيئن تہ ان ٻوليءَ جي نشانين جا جيڪي ملهہ مون قائم ڪيا آهن، سي ڪنهن ڦيرگهير ۽ تبديليءَ کان سواءِ هر هنڌ اڪثر ۽ گهٽ پاڙي ڪن سمجهہ ۾ اچڻ جهڙن لفظن کي جنم ڏين ٿا. ۽ ٻوليءَ جي صورت بہ اڻ گهڙيل ۽ ڪچي (Crude) نظر اچي ٿي، ان ڪري شڪ گاڏڙ اميد ٿئي ٿي تہ آءٌ صحيح آهيان. پيو تہ اهي سمورا ملهہ موجود علم جي بنياد ۽ دليلن سان ڏنا اٿم. ان ڪري جيڪڏهن نتيجا بلڪل صحيح بہ نہ آهن، تڏهن بہ هن موضوع تي آئيندي جي لکندڙن لاءِ چڱو مواد سهيڙيو اٿم. بهرحال آءٌ پنهنجي محنت جو نتيجو ماهرن اڳيان ان اميد سان پيش ڪريان ٿو تہ هي منهنجي پيار جو پورهيو آهي: جيڪڏهن ان جو نتيجو بنهہ غلط آهي تہ ان کي هڪ طالبعلم جي ڪوشش سمجهي درگذر ڪن. ٻي ڳالهہ جا هتي آءٌ گوش گذار ڪرڻ گهران ٿو سا هيءَ تہ هي اهڙو ڪم آهي، جنهن لاءِ ٻين ملڪن جا عجائب خانا ۽ ڪتبخانا لاڳاپيل مواد سان ڏٽيا پيا آهن ـ اسان جي ملڪ ۾ ان جي ڪا پتي بہ موجود نہ آهي. خود موهن جي دڙي ۽ هڙپا مان لڌل انمول شيون برٽش ميوزيم، لوور ۽ ٻين يورپي عجائب خانن ۾ بند آهن ـ ۽ اسان کي محض نقلن سان واسطو پوي ٿو. ڪاش موهن جي دڙي ۽ هڙپا مان هٿ آيل سموريون مهرون ۽ ٻيو سامان، ۽ انهن تي هيستائين ٿيل سموري ريسرچ جو اصلي مواد منهنجي اڳيان هجي ها! ازانسواءِ موهن جي دڙي جي سمورين نشانين وغيره جا ايترسارا بلاڪ ڪيائڻ ۽ ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ تي جيڪو خرچ ايندو سو ڪوبہ اديب انفرادي طرح پرڻ جي قابل نہ ٿيندو. ان کي تہ ڪا يونيورسٽي يا علمي ادارو ئي برداشت ڪري سگهندو. (هن ننڍڙي ڪتاب جي ٻن سون کان مٿي بلاڪن جي قيمت جو بار ئي منهنجي سهڻ کان وڌي ويو آهي.) ان ڪري مون ڪوشش ڪري، پنهنجي ريسرچ هيٺ آيل سمورين نشانين مان فقط اهي چونڊي هٿ پيش ڪيون آهن، جيڪي اشد ضروري آهن.

موهن جي دڙي ۽ هڙپا مان اٽڪل 800 کن مهرون ۽ ٽائٽ لڌا آهن، جن تي شڪليون، تصويرون ۽ نشانيون اڪريل آهن. انهن مان مک

نشانيون – خاص طرح سجاڳيءَ ۾ ايندڙ چڙيون ۽ مڪمل نشانيون. 400 کن من ٿيون. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ 39 حرف صحيح آهن، ۽ 11 حرف علت. انهن مان 4 حرف صحيح ڱ، ڙ ڻ ۽ ڃ. شروع ۾ استعمال ڪونہ ٿين. (البت ڱڱ، ڙي وغيره جهڙا ايڪڙ ٻيڪڙ لفظ انهن مان بہ نهن ٿا، جن کي ڳاڻيٽي ۾ ڪونہ آڻبو). باقي 35 حروف صحيحَ کي 11 حروف علت سان ملائي، اچارڻ ٺاهڻ لاءِ 385 آوازي نشانين جي ضرورت پوندي. ان حساب سان، موهن جي دڙي جون مک نشانيون. جيڪڏهن آوازي ۽ اچاري نشانيون (Phonetic signs) آهن تہ. سنڌي اچارن سان لڳ ڀڳ ملي ٿيون اچن.

هيستائين جن ماهرن انهن لکتن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تن مان ڪوبہ ڪامياب نہ ٿيو آهي. مصري، سميري، هتي ۽ ٻين رسم الخطن کي حل ڪرڻ ۾ اها سولائي هئي تہ انهن ۾ بہ ٻوليون ڪم آيل هيون، جن مان هڪڙي ٻولي اڳئي سمجهيل حالت ۾ موجود هئي، جنهن جي ڪري ٻيءَ نئين ٻوليءَ کي پڙهڻ ۾ آساني ٿي پيئي. موهن جي دڙي جي رسم الخط ۾ اها ڳالهہ نہ ٿي ملي. ٻيو تہ ان لاءِ جيڪي ڪوششون هيستائين ڪيون ويون آهن، انهن ۾ اهو جتن ڪيو ويو تہ انهن مان ماهرن جي خيال ۾ ڪا اڳ رٿيل پراڻي ٻولي نڪري اچي. هنن جي ذهن ۾ سنڌيءَ جي قدامت جيئن تہ فقط چند سؤ ورهين تائين محدود هئي، ان ڪري هنن جي دماغ ۾ اهو خيال ئي نہ آيو ۽ جي آيو بہ هوندو تہ هنن اڳيان اهو ڪل جهڙو هو تہ ڪو انهن نشانين ۾ سنڌيءَ جي ڪا صورت ٿي سگهي ٿي. پروفيسر لئنگڊن پهريون عالم هو جنهن انهن نشانين مان هڪ هندستاني رسم الخط – برهمي لپيءَ. کي ڳولي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي. جن ماهرن هن رسم الخط تي محنتون ڪيون، تن ۾ مئڪي، سڊني سمٿ، سي.جي. گئڊ ۽ لئنگڊن قابل ذڪر آهن. انهن صاحبن جي ريسرچ جو سلسلو قائم رکندي، ڊاڪٽر جي. آر. هنٽر، ان تي وڌيڪ تفصيل سان محنت ڪئي. هنٽر بہ ان خيال جو آهي تہ برهمي رسم الخط موهن جي دڙي جي خط مان ڦٽي نڪتو هو. هندستان ۾ مدراس جي هڪ پادري، فادر هيرئس، ان مان ڪا

دراوڙي ٻولي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪرنل وئڊل اهو خيال ڏيکاريو تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو سنسڪرت ڳالهائيندا هئا. مسٽر هرانزي بہ ان طرح جي خيال آرائي ڪئي آهي. 1945ع ڌاري بنگال جي هڪ پنڊت سوامي سنڪاراننڊ تنترن ۾ ڏنل ڪوشن موجب ان مان پراڻي سنسڪرت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. ٿورا سال ٿيا تہ مولوي ابوالجلال ندويءَ 'ماه_نو' ۾ مضمون ذريعي مرڳو اها دعويٰ ڪئي تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو عبراني ۽ عربي ڳالهائيندا ۽ لکندا پڙهندا هئا. انهن سمورين ڪوششن مان اجا تائين ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو آهي، ۽ اهي ڪوششون ناڪام رهيون آهن.

هيستائين جيڪي ڪوششون صحيح علمي بنيادن تي ڪيون ويون آهن، انهن مان البت اهڙا نتيجا اخذ ڪري سگهجن ٿا، جن کي اصولن طور پنهنجي سامهون رکي، وڌيڪ ريسرچ ڪري سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر هنٽر جي ريسرچ وڌيڪ ڪارائتي آهي، جنهن پنهنجي مقالي کي "هڙپا ۽ موهن جي دڙي جو رسم الخط" (The Script of Harapa and Mohenjo Daro) جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هت مختصر طرح اهي نظريا ۽ نتيجا بيان ڪجن ٿا، جن تي موجوده دور ۾ اڪثر عالم متفق آهن.

(1) هي نشانيون گهڻي ڀاڱي صوتي يا اُچاري (Phonetic) آهن_ يعني هر نشاني هڪ حرف صحيح سان ڪو حرف علت گڏي نڪرندڙ اچار کي ظاهر ڪري ٿي.

(2) انهن جي اَصليت "انوماني ۽ مورتي" (Ideographic and Pictographic) آهي. قديم ٻولين ۾ ٽن قسمن جا خط دستياب ٿيا آهن_ انوماني، مورتي ۽ ڇيڙيءَ جهڙا يا مخروطي.

انومائي (Ideographic) نشانيون اهي آهن، جن ۾ هر شڪل کي ڏسي جيڪو انومان يا خيال (Idea) ذهن ۾ پيدا ٿئي، اها ئي معنيٰ ۽ مطلب يا ان جا لفظ ان مان نهندا_ مثال طور جيڪڏهن ڪنهن خط ۾ ماڻهوءَ جو ڌڙ نظر اچي تہ ان مان لفظ بہ اهڙو ئي ڌڙ جي معنيٰ جو نهندو.

مورتي (Pictographic) نشانيون اهي آهن، جن ۾ جنهن شيءِ

جي مورت يا تصوير نظر اچي، ان شيءَ جي نالي جو لفظ يا ڪو پد اچار طور ان ۾ سمايل هوندو.

مخروطي يا چيٽيءَ جهڙيءَ (Cuneiform) لپيءَ ۾ چيٽيءَ سان ڪيل نشانين مان ڪو اهڙو مرڪب نهي ٿو جنهن ۾ مورتي لحاظ کان لفظن جا پد جڙي ٿا پون.

موهن جي دڙي جي ٻوليءَ ۾ اڪثر نشانيون مورتي (Pictographic) آهن. پر جيئن تہ انهن جي اصليت انوماني آهي ۽ هئي، ان ڪري ان ۾ ڪي ڪي نشانيون انوماني بہ ملن ٿيون. ڪي نشانيون وري مرڪب آهن، جي انوماني بہ آهن تہ مورتي بہ. مخروطي نشانيون فقط ايڪڙ ٻيڪڙ ملن ٿيون.

(3) هن رسم الخط جي قدامت گهٽ ۾ گهٽ 4000 ورهيہ ق.م آهي. ڪي نشانيون ۽ مهرون ان کان پوءِ جون بہ آهن. پر ويجهي ۾ ويجهي دور واريون نشانيون بہ 3500 ورهيہ ق.م جون آهن [1] مختلف دورن جي نشانين هجڻ ڪري، ساڳين نشانين جون مورتون بہ بدليل نظر اچن ٿيون. ڪن حالتن ۾ هڪ ئي اچار لاءِ حرف علت جي تخفيف جي ڪري مختلف نشانيون پڻ ملن ٿيون جيئن 'م+حرف ، علت' جي صورت ۾ ٿيو آهي.

(4) هن رسم الخط ۾ هڪجهڙائي سميري ۽ ايلمائيٽ (بروتو ايلمئٽڪ) خطن سان آهن. سمير جي قديم ترين دور "جمدة النصر" (ق.م 3500 ورهيہ) جي نشانين سان وڌيڪ هڪجهڙائي اٿس، بنسبت اتان جي پوئين دور 2000_3000 ورهيہ ق.م جي نشانين جي. هن مان هنٽر اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ سميرين سنڌي نشانين مان جيڪي ڪجهہ نشانيون اڌاريون ورتيون، سا ڳالهہ ڪنهن بہ طرح 4000 ق.م کان پوءِ جي نہ هوندي [2]

(5) ڪريٽ جي رسم الخط سان پڻ ان جي هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. ان مان ڊاڪٽر هنٽر اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ شايد نهايت قديم زماني

(1) Hunter-Script of Harapa and Mohenjo Daro p. 21.
(2) Ibid

موهن جي دڙي جي رسم الخط کي هنٽر پروٽو۔ انڊين (Proto_ Indian) سڏيو آهي۔ ۽ مون ان کي اصل سنڌي يا پروٽو -سنڌين (Proto Sindhian) سڏيو آهي

۾ ھڪڙو ئي نسل اھي مورتي نشانيون دنيا جي، مختلف هنڌن تي استعمال ڪندو رهيو. ان مان منهنجي ان نظريي جي پڻ تائيد ٿئي ٿي تہ اهي سنڌي قبيلا ئي هئا، جن ٻين ملڪن ۾ اهو لکڻ جو هنر پکيڙيو هو.

(6) برهمي [1]، سبائين (سبا جي ملڪ جو Sabaen)، صفائين (صفا جو Safaon) [2]، سائپريٽ (سائپرس يا قبرض جو Cypriot) ۽ فونيشن (Phoenecian) رسم الخط- هن رسم الخط منجهان ئي اپريا ۽ اسريا آهن [3]. ڊاڪٽر هنٽر تہ ان حد تائين خيال ڏيکاريو آهي تہ ممڪن آهي تہ ان وقت جي سنڌين کي سئيز جي نار تائين سامونڊي آمدرفت ۽ جهاز راني ۾ هڪ- هٽي حاصل ٿيل هئي; ۽ اها حقيقت انجيل ۾ ذڪر ٿيل هرم بادشاهہ ۽ حضرت سليمان عليه السلام جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي روايت کي ثابت ڪري ٿي، جنهن معاهدي موجب فونيشين لوڪن کي ايزئنجبر ۾ بينڪ قائم ڪرڻ جي اجازت ملي هئي [4].

(7) مسٽر جي. ڊي هيوزي جي چوڻ مطابق، ايسٽر ٻيٽن (Easter Island) مان لڌل مهرن ۽ ڪاٺ جي تختن تي لکيل رسم الخط تہ سڌو سنئون موهن جي دڙي جي رسم الخط مان نڪتل آهي ۽ بلڪل ساڳيو

---

[1] Ibid- "If as I think professor Langdom is right in deriving Brahmi Script from that of Harapa and Mohenjo Daro, it follows that some of the latter's signs had acquired phonetic values, of the time they were borrowed by the Hindus or – that which is equally possible- by an earlier race who passed them on to the Hindus- P.17.

[2] Ibid- "Another alphabetic script that may owe some thing to that of Harapa and Mohenjo Daro is the South Semetic..." (Sabaen and Safaen)- P. 17. (ڏنگين ۾ ڏنل لفظ منهنجا آهن- سراج)

[3] Ibid-"......that the Brahmi, Sabaen, a portion of Cypriote and a portion of Phoenecian script are derived from proto-Indian, due, in the last three cases to commercial intercourse by sea via the Arabian Sea, the Red Sea and the Mediterranean."-p.22.

[4] Ibid- pp. 22.... "It is possible that the Indians (Sindhis) had the monopoly of Sea-faring as far as the Gulf of Suez, which would account for Hiram's eagerness for an alliance with Solomon that would allow the Phoenecians to establish a base at Eziogeber"- (3rd. Kingss-Chapter IX, pp. 26-28) پراڻن هندستانين مان هت مقصد سنڌين لاءِ آهي- سراج

آهي[1]. پروفيسر لئنگڊن بہ ان خيال جو آهي تہ اهي ٻئي رسم الخط ساڳيا آهن. اڃا تائين ان کي بہ ماهر حل نہ ڪري سگهيا آهن!

اهي آهن چند نظريا جن تي سمورا يورپي ماهر متفق آهن. ان مان پيو نہ تہ چند ڳالهيون تہ روز روشن وانگر ثابت ٿين ٿيون تہ موهن جي دڙي جو رسم الخط قديم ترين رسم الخطن مان آهي، ۽ دنيا جي ڪيترن ئي قديم رسم الخطن جو منبع پڻ هيءَ رسم الخط ئي آهي. ان کي حل ڪري نہ سگهڻ جوهڪ ئي سبب رهجي وڃي ٿو تہ ڪنهن بہ ماهر ان ڳالھ کي خيال ۾ نہ آندو تہ هيءَ رسم الخط جيئن تہ سنڌ ۾ جائو ۽ نپنو، سنڌ جا قديم رهواسي ان کي ڪتب آڻيندا هئا، ان ڪري ممڪن آهي تہ سنڌيءَ جي ڪا پراڻي صورت ان ۾ مضمر هجي. پر، جيئن آءٌ اڳي ئي عرض ڪري آيو آهيان تہ هيمچندر ۽ مئڪس ملر جهڙن عالمن جي ان غلط مفروضي سيني کي ان ڳالھ کان باز رکيو جنهن موجب سنڌي ٻولي اپڀرمش مان ڦٽي نڪتي۔ ۽ يارهين صديءَ ڌاري موجوده شڪل ۾ آئي. آءٌ اهي مفروضا غلط ثابت ڪري آيو آهيان. موهن جي دڙي جي ٻوليءَ سان ڪا ٻئي ٻولي شامل نہ آهي۔ جيئن پين قديم رسم الخطن جي حالت ۾ آهي. ان ڪري جيڪڏهن اهو مفروضو قائم ڪجي تہ ممڪن آهي تہ اهي قديم سنڌي ٻوليءَ جون نشانيون هجن، تہ عقل کان بعيد ڳالھ نہ آهي. مون ان رسم الخط کي حل ڪرڻ لاءِ اهوئي مفروضو قائم ڪيو آهي۔ ۽ ان مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، سي ان مفروضي کي ثابت بہ ڪن ٿا. آءٌ اهو تہ ثابت ڪري آيو آهيان تہ سنڌي اصلوڪي زبان آهي، نہ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ مان نڪتل پراڪرت يا محاورو.

موهن جي دڙي جي ڪيترين ئي مهرن تي انگن جا نشان ملن ٿا. اهو تہ سمورا ماهر مڃين ٿا تہ انگن جو مهرن تي اچڻ هڪ خاص ڳالھ آهي، جنهن مان بہ نتيجا نڪرن ٿا: ڪن هنڌن تي اهي انگ محض ڳاڻيٽي جي انگن طور استعمال ٿين ٿا. ۽ ڪن هنڌن تي اهي انگ پنهنجي پوري اچار

[1] Bulletin de La Societe Pre-historique Francasise 1933, 7-8 Sur Une Excriture oceamienne. – (Quoted by Langdon).

جي صورت ۾ ڪتب آيل آهن[1]. يا وري انهن جي اچار جو اڳيون مڪمل پد لفظن جو ترڪيبي جزو بنيو آهي. هت اهو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب آهي تہ اڪثر ماهر. هنٽر سوڌا، ان خيال جا آهن تہ مهرن تي گهڻو ڪري بادشاهن ۽ راجائن، ۽ ديوين ۽ ديوتائن جا نالا لکيل آهن. هن وقت تائين مرهن جي دڙي منجهان ۽ هڙپا مان اٽڪل 800 کن اڻ پڳل، سڄيون ۽ اڻ ڀڳل مهرون موجود ملن ٿيون. اجا ڪيتريون تہ لڌيون ئي نہ آهن- ۽ وقت گذرڻ سان سڙي ڳري بہ ويون هونديون. ازانسواءِ ڪيتريون پڳل ۽ ڀڳي ويل مهرون ۽ ٽانٽ الڳ ملن ٿا. هاڻ ان هڪ ئي تهذيب جي هڪ ئي شهر ۾ ايترا سارا بادشاهہ يا راجا ۽ ديوين ۽ ديوتائن جو هجڻ عقل ۾ نہ ٿو اچي. منهنجي خيال ۾ انهن مان ڪجهہ ماڻهن جا نالا- عام ماڻهن جا نالا آهن. ڪجهہ ڏيتي ليتيءَ جون رسيدون آهن، ڪجهہ وقت جي حڪومت جا پروانا آهن. ٽامي جون لڪتون تہ سڌا سنوان وقت جا سڪا آهن. ڪن حالتن ۾ محض نياتي نشان (Totemic Symbols) ملن ٿا.

ان کان پوءِ جا ڳالهہ خيال ۾ رکڻ جوڳي آهي، سا آهي لکڻ پڙهڻ جي ڏس. مئڪي ۽ هنٽر چون ٿا تہ موهن جي دڙي وارا انسان ساڄي کان کاٻي طرف لکندا پڙهندا هئا، جيتوڻيڪ اهو بہ مڃين ٿا تہ ڪن حالتن ۾ انهن ۾ ٻہ- ڏسي لکٽي بہ ملي ٿي. شايد آهي بہ ائين، ڇاڪاڻ تہ جيڪي مهرون ملن ٿيون، سي هونئن تہ کاٻي کان ساڄي لکيل آهن، پر جيئن تہ اهي لکيتون مهرن جي صورت ۾ آهن، انهن جي ڇاپي اچڻ سان ساڳيون لکيتون ساڄي کان کاٻي نظر ايندون. منهنجي پڙهڻيءَ موجب بہ ائين آهي تہ جيڪي مهرون ڇاپي لاءِ آهن، انهن جي لکٽي ڇاپي کان پوءِ ساڄي کان کاٻي پڙهبي. پر انهن ۾ ڪي اهڙيون بہ لکيتون آهن، جيڪي ڇاپي لاءِ نہ بہ آهن. سوال آهي تہ انهن کي ڪيئن پڙهجي؟ مٿئين بيان ڪيل اصول جي بنا تي، منهنجي خيال ۾ اهڙين لکتن کي کاٻي کان ساڄي پڙهڻ گهرجي. پر جيئن تہ اڪثر لکتون مهرن جي صورت ۾ ملن ٿيون، ان ڪري هڪ سوال ان مان ضرور جاڳي ٿو تہ موهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ اهڙو ڪو عام دستور

[1] Hunter- p. 96-99.

هو چا، جنهن موجب هو هر لکت لاءِ پهرين مهرون ٺاهيندا هئا، ۽ پوءِ ان کي ڪنهن ٻي شيءِ- پئپيرس (Papyrus) يا هٿرادو ڪاغذ جهڙي ڪنهن شيءِ، چمڙيءِ، وڻن جي پنن يا ٻي ڪنهن اهڙي وٽ تي اهي مهرون ٺپي، ڇاپي پوءِ پڙهندا هئا؟ ان لاءِ يقين سان ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته اهڙي ڪا شيءِ يا ڇاپي جو ذريعو (Medium) نه مليو آهي. منهنجي تجربي موجب، جيڪي مهرون آءٌ پڙهي سگهيو آهيان، سي ڇاپي کان پوءِ ساڄي کان کاٻي پڙهجن ٿيون، پر ڪي لکتون اهڙيون به آهن، جيڪي جيئن ته ڇاپي لاءِ نه آهن، ان ڪري انهن کي کاٻي کان ساڄي پڙهبو- مثلاً ٺڪر جي ٿانون تي ۽ سڪن تي لکيل نوشتا ان قسم جا آهن. ساڳئي وقت جيڪي لکتون هڪ کان وڌيڪ سٽن ۾ آهن، انهن مان ڪي سٽون ساڄي کان کاٻي آهن. اهڙين لکتن کي "ٻہ-ڏسي لکڻي" (Boustrophedon) چئجي ٿو. هت هڪ نڪتو خيال ۾ رکڻ گهرجي ته مون جيڪي لکتون نقل ڪيون آهن، سي هت ساڄي کان کاٻي ترتيب ڏنيون اٿم ته جيئن ترتيب هڪ ساريکي رهي، جيتوڻيڪ انهن ۾ جيڪي سڪا وغيره آهن، سي کاٻي کان ساڄي ٿي پڙهبا. هت جيئن ته انهن جو به ڇاپو ساڄي کان کاٻي ٿيندو، ان ڪري انهن جي اصل پڙهڻيءَ ۾ فرق نه پوندو.

هي رسم الخط جيتوڻيڪ قديم ترين لکيل صورتن مان آهي، پر ان ۾ ڪٿي ڪٿي، انوماني ۽ مورتي نشانيون اهڙيءَ طرح ڳنڍيون ويون آهن، جو انهن مرڪبن جي مڪمل نظام تي واهه واهه ٺڪريو وڃي. هڪ ته اهڙين نشانين جي پروڙ جهٽ ٿئي ٿي، ۽ ٻيو ته غلطيءَ جو امڪان گهٽ ٿو رهي. مورتن ۾ جيڪو انومان، رسم الخط جي شروعاتي دور ۾ سنڌين رکيو هو سو به ايترو باقاعده ۽ مشاهدي آهي، جو حيرت ٿي وڃي. ساڳئي وقت ساڳئي آواز لاءِ مختلف نشانيون ان ڪري رکيون اٿن جو انهن جا حرف علت اهڙيءَ طرح مڃجن ٿا، جن ۾ باقاعدگي ته آهي، پر انهن ۾ مرڪب هجڻ جو گمان ٿي پوي ٿو. ان ڪري هنن ساڳيءَ نشانيءَ ۾ مختلف حرف علتن گڏڻ جي بدران اڪثر نشانيون ئي الڳ قائم ڪيون. ان ڪري ئي اٽڪل 39 حروف صحيح جي اچارن لاءِ مک نشانيون چار سؤ کن بنجي ويون آهن. هيءَ ڳالهه

اوهان کي نشانين متعلق پڙهڻ وقت وڏيڪ چٽيءَ طرح سمجھ ۾ اچي وينديون.

هاڻ اچو تہ انگن جو اڀياس ڪريون. قديم دور ۾ سنڌ تمدني طور ايتري شاهوڪار رهي آهي، جو دنيا جي دور دراز ڪنڊن ۾ علم پهچائڻ جو سهرو بہ سنڌ جي سر تي آهي. اها تہ ڳالهہ ئي جدا آهي تہ هن وقت اسان سنڌين وٽ فقط تمدن ۽ علم جي ياد وڃي باقي رهي آهي، ۽ اها ياد بہ ڪن عالمن کي ڏکي ٿي لڳي! اها تہ پراڻي تاريخي روايت آهي تہ عربن علم هندسہ- يعني انگن جو علم -هندستان ۽ خاص طور سنڌين کان سکيو پر ان کان بہ پراڻي تاريخي روايت آهي تہ انگي حساب هندستان مان ئي فونيشن لوڪن وٽ پهتو، جن جي پوئين سڄي يورپ ۾ پکيڙيو. موهن جي دڙي جو انگن جو حساب ڏسي اهو يقين ڪرڻو ٿو پوي تہ دنيا جي موجوده ڳڻپ جو طريقو -ايڪن، ڏهاڪن ۽ سون جو موجوده سلسلو موهن جي دڙي جي ماڻهن جي ايجاد آهي، جتان پوءِ مصر، سمير، بابل، فونيشيا ۽ قبرص وغيره پهتو.

ٻوليءَ تي بحث ڪندي، مون سنڌي انگن تي تفصيلي بحث ڪيو آهي، ان ۾ خاص ڪري "ٻہ" ۽ "ست" تي بحث ڪندي مون اهو ثابت ڪيو آهي تہ اهي ٻئي انگ سنڌي انگن جي بنيادي هجڻ کي ثابت ڪن ٿا، ۽ ٻين ٻولين سنڌي انگن کي ئي پنهنجو ڪيو آهي. مون اهو ڏيکاريو آهي تہ جيتوڻيڪ پراڻين انڊو يورپين ٻولين ۾- سنسڪرت سميت- 'ٻہ' لاءِ لفظ "دوي"، "دوُ" وغيره ملن ٿا، جن ۾ پهريون اُچاري پد د + حرف علت آهي، پر ان جا صفاتي ۽ پاسيرا لفظ (oblique)، 'بوٿ' (انگريزي)، 'باءِ' (لئٽن)، بائيد (يوناني)، ٻو (پراڻي انگريزي)، ۽ هندستاني زبانن ۾ ڏهاڪن سان شامل ٿين جي انگ جو اچار- 'باره'، 'بائيس'، 'باون' وغيره- ۾ 'ب' +حرفِ علت، جو اهو استعمال هڪ ئي ڳالهہ ثابت ڪري ٿو تہ اصل ۾ ٻن لاءِ لفظ 'ٻ' يا 'ٻہ' ئي هو جو سنڌيءَ مان ٻين زبانن ۾ داخل ٿيو. سنڌيءَ ۾ ان جو استعمال ساڳيوئي رهيو پر ٻين زبانن ۾ جيئن تہ "ٻہ" اچار جذب نہ ٿي سگهيو ان ڪري ڪنهن دور ۾ اهو اچار مٽجي ويو ۽ دو، دوي يا دوُ جي بنيادي اچار 'د'+حرف علت جون مختلف صورتون استعمال ٿيڻ لڳيون. پر جن صفاتي صورتن ۾

"ٻہ" استعمال ٿيڻ لڳو هو سي قائم رهجي ويون- ۽ جيئن تہ صفاتي صورتن ۾ ان جو ثبوت ملي ٿو ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ انهن سمورين زبانن ۾ پڻ "ٻہ" جو وجود انفرادي، نہ تہ ٻٽيءَ صورت ۾ ضرور موجود هو. اسان جي دوست محترم عبدالڪريم سنديلي ٻارنهن، ٻاويهہ، ٻٽيهہ، ٻائيتاليهہ وغيره جا ڌاتو سنسڪرت ڏيکاريا آهن، سي غلط آهن. مثلاً سنڌي 'ٻائيتاليهہ' جو "داچتوار نشت" سان، ٻٽيهہ جو "دواترنشت" سان ڪو لاڳاپو ڪونهي، اسان جي ڳاٺيتي جا اهي لفظ بنيادي آهن- ۽ خالص سنڌي، بلڪ هندي، اردو ۽ ٻين پراڪرتن ۾ ٻائيس، ٻياليس، ٻتيس جهڙن لفظن ۾ سنڌي 'ٻہ' جو ثبوت "ٻہ" جي صورت ۾ ملي ٿو. اهوئي ساڳيو "ٻہ" انگريزي-بوٿ، يوناني-ٻائيڊ، وغيره ۾ پڻ موجود آهي.

موهن جي دڙي جي انگن جو حساب هن ريت آهي:

انهن انگن لاءِ سواءِ 'ڏهن' جي لاءِ ڪنهن کي بہ ڪو اختلاف ڪونهي. 'يارنهن' ۽ 'ٻارنهن' بہ ان ئي صورت ۾ (انن ۽ نون وانگر) ملن ٿا. سڀ ماهر متفق آهن تہ اهي انگ آهن، ۽ ساڳئي وقت اهي لفظن جي اچاري پدن طور پڻ استعمال ٿيا آهن. هاڻ هت منهنجي کوجنا موجب ڏهن جي لاءِ ◯ نشاني آهي. جيئن تہ قديم دور ۾ انگن ۽ سنڌن اچار ۾ هڪ گهرو لاڳاپو هو ۽ خود انگن کي اچاري پدن جي صورت ۾ استعمال ڪيو ٿي ويو ان ڪري جيڪي بہ مهرون انگن جي استعمال جون ملن ٿيون، انهن ۾ (()) نشاني ڏيان ڇڪائي ٿي. جتي جتي اها نشاني ملي ٿي، اتي هڪ کان ٻارنهن تائين انگ مٿيئن صورت ۾ پڻ ملن ٿا. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ان نشانيءَ جو انگن سان گهرو لاڳاپو آهي. ان کان سواءِ پراڻين ٻولين ۽ لاڳاپيل خطن ۾ جيڪو مواد ملي ٿو سو بہ اهو اهڃاڻ ڏئي ٿو تہ اها نشاني اچاري هجڻ سان گڏ انگن جو مفهوم ضرور رکي ٿي. هوبهو ان جهڙي نشاني () اسان کي پروٽو ايلئمائيٽ ۾ پڻ ملي ٿي. اچار جي لحاظ کان پراڻي برهمي خط ۾ ꀀ

نشانيون ملن ٿيون، جن جو صوتي ملهہ آهي س+ حرف علت يعني سُ ← سو ← سوَ وغيره. منهنجي خيال ۾ برهميءَ جي اها نشاني موهن جي دڙي جي نشاني ◎ مان ئي نڪتي آهي، جنهن جو اچار هو 'سو' ۽ انگن جي صورت ۾ ملهہ هوس (100). جيڪڏهن اهو مفروضو صحيح آهي تہ پوءِ اِن منجهان ئي اسان کي ڏهن جو انگ پڻ ملي ٿو. ◎ نشاني ٻن ◯ نشانين جو مرڪب آهي هن مان اهو چٽو ظاهر آهي تہ هڪ ئي نشاني ٻي نشانيءَ تي چڙهيل آهي. جيڪڏهن انگن جو حساب ڏهن ۾ رکبو تہ پوءِ هڪ ئي انگ ٻئي ساڳئي انگ سان گڏيل صورت ۾ اچڻ جو مطلب اهوئي نڪرندو تہ ساڳيو انگ، ان انگ جيترو. يعني "ڏهاڪو ڏهہ ڀيرا". جيڪڏهن اهو دليل صحيح آهي تہ ان مان نشاني ◯ اسان کي ڏهن جي انگ جي ملي ٿي. ان مان البت هڪڙو سوال هي جاڳي ٿو تہ جيڪڏهن اها نشاني 'ڏهہ' لاءِ آهي تہ ان کي مرڪب طور ◯◯ يعني ٻہ ڀيرا رکڻ سان 'سوَ' ٿيڻ گهرجي، ۽ نہ انهن کي هروڀرو هڪٻئي تي چاڙهڻ سان. دراصل جڏهن ان وقت جي سنڌين هڪ کي | لکڻ شروع ڪيو ۽ ٻن لاءِ || لکيو تڏهن هنن اهو ئي سوچيو هوندو تہ ◯◯ لکڻ سان تہ 'ٻن' جي مثال موجب | + | جي تمثيل تي ◯◯ يعني 'ڏهہ'+'ڏهہ' ٿيندو ۽ نہ 'سو'. ان ڪري پنهنجي فڪر کي استعمال ڪري جڏهن هنن ڏهاڪو بنايو تہ ان کي ساڳي نشانيءَ تي چاڙهي واڌي ◯ ملائي چاڙهي ڇڏيو اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ ان مان مقصد اها نشاني ٻہ ڀيرا نہ پر ان نشانيءَ جي انگ جيترا ڀيرا آڻڻ جو مقصد آهي. ان مان نہ رڳو سنڌن فڪر جي گهرائيءَ جو اندازو ٿئي ٿو پر اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ هو موجوده انگي حساب جو بنياد پڻ رکي چڪا هئا.

ان لاءِ هڪ ٻيو ثبوت پڻ ملي ٿو: پراڻي تانترڪ رڪارڊ ۾ هڪ نشاني ⊙ 'ڏا' يا 'دا' جي اچار ۾ ملي ٿي. برهميءَ ۾ ⊙ جو ملهہ 'ٿ' يا 'د' + حرف علت پڻ ملي ٿو. ۽ اهي ٻئي اچار ◯ 'ڏهہ' جي نهايت قريب آهن. ڊاڪٽر هنٽر کي بہ اهو شڪ جاڳيو هو تہ ⊙ نشاني يا ڏهن جي انگ يا سوَ جي انگ برابر نہ هجي. شڪ ان ڪري ٿو ڇوان جو هن ⊙ ان جي برابر

ڏهه ۽ سؤ لکي، ٻنهي جي پويان سوالي نشاني ڏيئي ڇڏي پر هن جو شڪ غلط نشانيءَ تي پيو آهي. دراصل ڏهن جي نشاني ○ آهي، ۽ نه ⊝، جيتوڻيڪ ٻنهي نشانين جو نهايت ويجهو تعلق آهي، ۽ اهو به صحيح آهي ته ⊙ ۾ ڏهن جو نشان به موجود آهي. پر ان جي وچ ۾ جا ٻڙي آهي، سا ماپي يا ماڻ جي نشاني – جيئن ڏهه سيري ڏڙي يا ڏهن پاٽين جو ماڻ وغيره آهي.

، ...ن تي بحث ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته نشانين تي انف ادي طرح بحث ڪجي، ۽ انهن جا ملهه مقرر ڪري پوءِ ٻوليءَ جي حيثيت جو اپياس ڪجي. موهن جي دڙي توڙي هڙاپا جي مهرن ۾ هڪ ڳالهه ڏيان جوڳي اها آهي ته ڪيترن ئي هنڌن تي ٻنهه هڪجهڙيون نشانيون ٿوريءَ ڦير گهير سان – ڪٿي ڪا اڙي وڌيڪ، ته ڪٿي به اڙيون ڏنل، ڪٿي مٿان ڪا اڙي ڏنل ته ڪٿي هڪ اڙي هيٺان ڏنل- ملن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اهو ننڍين ليڪن يا اڙين جو نظام، ڇڙين نشانين کان پوءِ جي دور جو آهي- ۽ انهن مان حروف علت جو ڪم ورتو ويو هو. شروع ۾ جڏهن به اچار متبو هو ته ان لاءِ نشاني ٻنهه متجي ويندي هئي جيتوڻيڪ انهن ۾ هڪ طرح انوماني هم آهنگي رهندي هئي. اهڙ حالت اوهان کي 'ڪ' ۽ 'م' جي نشانين ۾ نظر ايندي جيڪڏهن "ڪا" لاءِ هڪ نشاني مقرر ٿي ته "ڪو" لاءِ ٻي نشاني مقرر ڪئي ويئي- اهڙا مثال گهڻا ئي ملن ٿا. پوءِ ڪنهن دور ۾ جڏهن اڙين يعني ماترائن ذريعي حروف علت ايجاد ٿيا ته ان طريقي کي ڇڏي ڏنائون. اهوئي سبب آهي ته شروعاتي دور ۾ ڇڙيون نشانيون گهڻيون ملن ٿيون، ۽ پوئين دور ۾ اڙين ۽ ماترائن واريون. ان ئي دور ۾ نشانين کي مرڪب ڪيو ٿو ڏسجي- ۽ مرڪب ناهڻ جو اصول به ڪو نهايت وسيع ٿو ڏسجي، ڪٿي ڪنهن نشانيءَ ۾ ٻي نشانيءَ جو اڌ ملايو ويو آهي ته ڪٿي هڪ نشانيءَ ۾ ٻي نشاني ٻيٺي ۽ ٻتي ملائي ويئي آهي: مثلاً به مختلف نشانيون ۽ هن طرح ملايون ويون آهن جنهن ۾ نشاني ٻتي مرڪب ڪئي ويئي آهي. ڪٿي ڪٿي ته ان ساڳي نشانيءَ جو اڌ هڪ پاسي ته اڌ ٻئي پاسي ملايو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي وري نشانيءَ کي آڏو ابتو يا اونڌو ڪري

رکيو ويو آهي. انهن سمورين ڦيرين گهيرين ۾ هڪ خاص مقصد رکيو ويو آهي ۽ اهو مقصد اهو آهي تہ جتي بہ اهڙي ڪا نمايان نشاني اونڌي ابتي نظر اچي، تہ ڪو لفظ ختم ٿئي ٿو ۽ اتان ئي ڪو نئون لفظ شروع ٿيڻو آهي.

نشانيءَ ۾ هڪ بي ڳالهہ جو بہ خيال رکڻو آهي، سا هيءَ تہ قديم رسم الخطن وانگر، جيئن تہ هن جو بنياد پڻ انوماني آهي، ان ڪري ڪيترين نشانيون "اهڃاڻي نشانيون" (Determinatives) پڻ آهن. مثال طور ڪنهن ٻانهي جو ذڪر هجي تہ ان کي زنجيرن ٻيل ماڻهوءَ جي شڪل ۾ ڏيکارڻ سان ٻانهي هجڻ جو اهڃاڻ ملي ٿو ۽ اهڙي نشاني جتي استعمال ٿيندي، اتي مطلب نڪرندو "فلاڻي جو ٻانهو"، "فلاڻي پونءِ جو راجا" وغيره وغيره. موهن جي دڙي ۾ ڪجهہ نشانيون اهڙيون بہ ملن ٿيون، جن مان "ڪوٽ"، "ديوي" يا "ديوتا" وغيره جون نشانيون اهم آهن. اهي ڳالهيون جيئن تہ پراڻن رسم الخطن کي حل ڪرڻ لاءِ بنيادي ۽ اصولي ڳالهيون آهن، ان ڪري هنن جو تمهيدي طرح ذڪر ضروري هو.

نشانين مان اچو تہ پهرين هيءَ نشاني کڻون - هن نشانيءَ جي خصوصيت اها آهي تہ هيءَ نشاني جتي جتي ڪتب آئي آهي، انهن سمورين لکتن جي پڇاڙيءَ ۾ آئي آهي. جيڪا نشاني پڇاڙيءَ ۾ اچي ان لاءِ پراڻن رسم الخطن ۾ هڪدم اهو شڪ جاڳندو آهي تہ متان اها اهڃاڻي نشاني هجي، ۽ ڪنهن خاص شيءِ يا ڳالهہ جو اهڃاڻ هجي. هن نشانيءَ ۾ اهڙو شڪ ان ڪري صحيح نہ ٿيندو جو هيءَ نشاني تمام گهڻي استعمال ٿيل آهي، ۽ ان ڪري ان جو ڪنهن ڳالهہ جو اهڃاڻ هجڻ جو امڪان تمام گهٽ آهي. اهڃاڻ گهڻو ڪري راجا (king)، ٻانهي (slave) يا ڪنهن ليکڪ يا ڪاتب (scribe) جا هوندا آهن. ظاهر آهي تہ هڪ ئي تمدن ۾ ايترا سارا راجا تہ هوندا ڪونہ. ٻانهي جي اهڃاڻ جو شڪ بہ ڪونہ ٿو پوي، ڇو تہ ٻانهي کي ايتري اهميت ماڻ، جو ان جو ايترين سارين مهرن ۾ ذڪر اچي، عقل ۾ ڪونہ ٿو اچي. هاڻ هن نشانيءَ لاءِ فقط هڪڙي ئي سجاڻپ باقي رهي ٿي تہ هيءَ نشاني ڪنهن اچار يا لفظي پد لاءِ اچي ٿي، جو لکتن جي

پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿو ۽ شروع ۾ هرگز نہ ٿو اچي. جيئن تہ منهنجو مفروضو (hypothesis) اهوئي آهي تہ هنن لکتن ۾ پراڻي سنڌي ٻولي لکيل آهي. ان ڪري هيءَ نشاني سنڌيءَ جي اهڙي اچار لاءِ ٿي سگهي ٿي، جيڪو لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿو. اسان وٽ اهڙا اچار ڱ، ڃ، ڙ ۽ ڻ آهن. جيڪي سدائين پڇاڙيءَ ۾يا وچ ۾ اچن ٿا ۽ شروع ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿا اچن. انهن مان ڱ، ۽ ڃ ٿ ' ر گهٽ استعمال ٿين ٿا، ۽ باقي ڙ ۽ ڻ ساڳئي ڪٽنب جا اچار آهن. 'ڻ' ڪنهن قديم دور ۾ 'ن' غني ۽ 'ڙ' جي مرڪب مان نهي آهي. اسان وٽ ڻ ۽ ڙ متبادل ۽ متجندڙ اچار آهن۔ جيئن ماڻهو ← ماڙهو وغيره. منهنجي خيال ۾، موهن جي دڙي واري دور ۾ نشاني انهن ٻنهي اچارن لاءِ تصور ڪري سگهجي ٿي. ان بنياد تي منهنجي ڏنل ملهہ موجب، اها نشاني برابر آهي 'ڻ' يا 'ڙ' + حرف علت. ڊاڪٽر هنٽر ان جو ملهہ برهمي نشاني ر) جي برابر هہ + حرف علت مقرر ڪيو آهي، جو منهنجي خيال ۾ صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ ۽ مٿين نشانيءَ ۾ ڪا انوماني توڙي مورتي مماثلت نہ آهي، ۽ ٻيو تہ هہ + حرف علت اهڙو اچار آهي، جنهن لاءِ پڇاڙيءَ جي اچار هجڻ جي خصوصيت نہ آهي، ۽ اهو اچار سمورين ٻولين ۾ شروع جو اچار ۽ پڌ ٿي سگهي ٿو. دنيا جي ڪابہ اهڙي ٻولي نہ آهي. جنهن ۾ اهو اچار محض پڇاڙيءَ جو اچار هجي. اها نشاني پاڻيءَ جي ڪنگريءَ جي شڪل جي آهي. ٽنٽرن ۾ ان کي "گرهپتي" سڏيو ويو آهي. ۽ ان جو ملهہ "مر" — ميم غنون ملي ٿو. قبرص جي پراڻي رسم الخط ۾ هڪ اهڙي نشاني ملي ٿي) ان جو ملهہ آهي "نِہ" يا "ني". قبرص جي ان رسم الخط لاءِ پڻ چيو وڃي ٿو تہ موهن جي دڙي جي رسم الخط مان ڦٽو آهي. انهن سمورين ڳالهين کي خيال ۾ رکي. اسين ڪافي وثوق سان ان جو ملهہ "ڙ" يا 'ڻ' + حرف علت رکي سگهون ٿا.

ان کان پوءِ گهڻي استعمال ٿيل نشاني آهي. ان جي شڪل مڇيءَ جهڙي آهي، شايد ان وقت بہ ان ئي نالي سان سڏبي هئي آءُ اڳئي عرض ڪري آيو آهيان تہ هيءَ نشاني ڪنهن قبيلي جي نياتي نشاني پڻ

آهي - ۽ منهنجي خيال ۾ ان جو ملهہ م + حرف علت آهي. برهميءَ ۾ اها نشاني ابتي شڪل ۾ ملي ٿي، جا ٻہ مڇيءَ جي شڪل آهي ۽ ملهہ اٿس 'م'. مصري هيروگلفس ۾ ٻہ هڪ نشاني آهي، جا يا تہ مڇيءَ جي شڪل آهي يا ڪنهن پکيءَ جو ڏڻ ۽ ملهہ اٿس 'م'. ڊاڪٽر هنٽر ٻہ ان جو ملهہ م+ حرف علت مقرر ڪيو آهي، جو موجوده شاهديءَ جي بنياد تي صحيح آهي.

هيءَ نشاني جڻ تہ اکري ۽ مهري جو اهڃاڻ ٿي لڳي. تانترڪ رڪارڊن ۾ هڪ نشاني ملي ٿي ۽ سنڌس ملهہ آهي "يي" يا "لِيِ". هيءَ نشاني پروٽو – ايلمائيٽ ۾ بہ بنهہ ساڳي صورت ۾ ملي ٿي. برهميءَ ۾ ان جي قريبي صورت آهي، ۽ ملهہ اٿس 'يا'. ذڪرڻ سامي زبانن مان صفا جي خط ۾ ان جهڙي نشاني ملي ٿي، جنهن جو ملهہ پڻ 'يا' ئي آهي. صفا ۽ سبا جي خطن لاءِ پڻ چيو ويجي ٿو تہ موهن جي دڙي جي رسم الخط مان اپريا آهن. ان سموري شاهديءَ جي بنياد تي ان جو ملهہ 'ي' (حرف صحيح) + حرف علت مقرر ڪري سگهجي ٿو. هونئن بہ انوماني نقطہ نگاهہ کان ان جي شڪل "يوني" ۽ تخليقي قوت سان مشابهہ آهي، جنهن لاءِ سنڌيءَ جو جيڪو موزون لفظ آهي، ان ۾ پڻ شروع ۾ 'ي' حرف صحيح اچي ٿو!

هيءَ نشاني زمين يا پوميءَ جو تصور ذهن ۾ آڻي ٿي. ان ڪري ان جو ملهہ 'ب' يا 'ڀ' + حرف علت مقرر ڪيو اٿم. برهميءَ جو ملهہ 'ب' آهي. ذڪرڻ سامي زبانن ۾ پڻ جو ملهہ 'ب' آهي. مصريءَ ۾ ان جو ملهہ 'پ' آهي. تانترڪ رڪارڊ ۾ 'پومي' جو ملهہ 'ب' ملي ٿو. ان سموري شاهديءَ جي بنياد تي ان نشانيءَ جو ملهہ 'ب' يا 'ڀ' + حرف علت مقرر ڪري سگهجي ٿو.

هيءَ سج جي نشاني آهي، ۽ نشانيءَ کي ويجهي آهي. تانترڪ رڪارڊ ۾ جو ملهہ 'ش' يا 'سَ' آهي. مصري هيرو گلفس ۾ اها نشاني سج جي اهڃاڻي نشاني آهي. مون سج جي تعلق سان ان جو ملهہ 'س' + حرف علت رکيو آهي. نشاني فقط سو يا سَو جي اچار يا پد جي

آهي. انکري 'س' آواز سان بين حروف علت ڳنڍڻ لاءِ هيءَ نشاني آهي.

وغيره. هن نشانيءَ ۾ ماڻهوءَ جو انومان چٽو ملي ٿو. ڪٿي اچاري نشاني آهي ته ڪٿي اهيڃاڻي. موهن جي دڙي وارين نشانين ۾ ماڻهوءَ جي "تن" جو خاڪو نظر اچي ٿو. تانترڪ رڪارڊ ۾ ماڻهوءَ جي تن جو هڪ خاڪو جي صورت ۾ ملي ٿو جنهن جو ملهه آهي 'تَ'. برهمي ۾ ۽ ڏکڻ سامي زبانن ۾ جو ملهه پڻ 'ت' ملي ٿو مون به ماڻهو جي خاڪي سان مناسبت رکندڙ نشانين کي 'ت' + حرف علت ملهه ڏنو آهي.

هن نشانيءَ مان انڪاري انومان ملي ٿو. مون ان جو ملهه 'ن'+حرف علت مقرر ڪيو آهي. پروٽو ايلمائيٽ ۾ ان جي قريبي نشاني ملي ٿي، جنهن جو ملهه به 'ن' آهي. قبرص جي خط ۾ هيءَ نشاني ابتي شڪل ۾ ملي ٿي ۽ ملهه ساڳيو 'ن' اٿس. برهميءَ توڙي تانترڪ رڪارڊن ۾ ان جي مخفف نشاني ملي ٿي جنهن جو ملهه "نا" آهي فونيشن ۾ ان نشانيءَ جي صورت آهي ۽ ڪٽر هنٽر به ان جو ملهه 'ن'+حرف علت مقرر ڪيو آهي. ان سموري شاهديءَ جي بنا تي ان کي ن+حرف علت ملهه ڏيئي سگهجي ٿو.

هن نشانيءَ مان وڻ جي ڏار جو انومان ٿئي ٿو. برهمي ۾ ان جي قريبي نشاني ملي ٿي جنهن جو منهن به ساڳئي پاسي نظر اچي ٿو ملهه اٿس 'ڊ'. تنترن ۾ "تريريڪا" جو ملهه "ڊا" ملي ٿو. مصري هيرو گلفس ۾ پڻ تنترن جهڙي تريريڪا ملي ٿي. مون به وڻ جي ڏار جي انومان سان ان ۾ 'ڊ' يا 'ڏ' + حرف علت جو ملهه قائم ڪيو آهي.

هي سموريون نشانيون مختلف حروف علت سان 'ڪ' جو اچار رکن ٿيون ۽ منجهائن ڪاٺين جي پريءَ جو انومان نڪري ٿو. برهميءَ ۾ ان جي قريبي نشاني آهي، جنهن جو ملهه 'ڪ' آهي. تنترن ۾ نشاني ورڪشه = وڻ يا ڪاٺ جي معنيٰ ۾ ملي ٿي ۽ ملهه "ڪا" اٿس. قبرص جي خط ۾ نشاني ملي ٿي، جنهن جو ملهه "ڪ" آهي.

سميريءَ ۾ نشاني ملي ٿي، جنهن جو ملهہ "ڪس" آهي. انهن سمورين شاهدين جي بنا تي انهن جو سلهہ ڪ + حرف علت مقرر ڪري سگهجي ٿو.

هن نشانيءَ جي انوماني صورت آءُ معلوم ڪري نہ سگهيو آهيان. مون ان جو ملهہ 'ج' يا 'ڄ' + حرف علت مقرر ڪيو آهي. برهميءَ ۾ ان جي قريبي صورت آهي جنهن جو ملهہ 'ج' ملي ٿو. هن نشانيءَ جي هڪ بدليل صورت اهو انومان ڏيکاري ٿي تہ ڄڻ ڪو ماڻهو هٿ تي ڪا پاٿ وغيره کڻيو بيٺو آهي، ۽ منهنجي خيال ۾ نشانيءَ جي اها صورت اهڃاڻي آهي، جنهن جو مقصد اضافت ڏيکارڻ جو آهي، ۽ ان جا اچاري پد۔ جو جا، جي وغيره (of) آهن. ان پوئين صورت ۾ هيءَ نشاني مصري، ايلئمائيت ۽ سميريءَ ۾ ملي ٿي. سميريءَ ۾ ان جو جو ملهہ "گل". 'گ' ۽ 'ج' جو صوتي لاڳاپو نهايت پڏرو آهي. مصري ماڻهو اڄ تائين مسجد کي مسگد ۽ جمال ناصر کي گمال ناصر چون ٿا. ان سموري شاهديءَ جي بنا تي هن نشانيءَ جو ملهہ 'ج' يا 'ڄ' + حرف علت مقرر ٿئي ٿو.

 هن نشانيءَ جي انوماني شڪل آءُ ڳولي نہ سگهيو آهيان. برهميءَ ۾ ان جي قريبي نشاني آهي، جنهن جو ملهہ 'و' آهي. مصري ۽ سميري ۾ اها انوماني نشاني آهي. مون ان جو ملهہ و + حرف علت مقرر ڪيو آهي. هت ان ڳالهہ جو اشارو ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو تہ ۽ نشاني ۾ ٿورو ئي فرق آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي و ۽ ب کي هندستاني ٻولين۔ سنسڪرت، بينگالي ۽ ٻين سنسڪرتي پراڪرتن۔ منجهائي وڌو. ان ڪري ئي سنسڪرت ۾ ساڳيا لفظ ٻنهي حرفن سان ملن ٿا۔ مثلاً 'ور'۔ 'بر' وغيره. اهڙا مثال آءُ ٻوليءَ جي بحث ۾ ڪافي ڏيئي آيو آهيان. ٿيو ائين آهي تہ ڪنهن دور ۾ ڪاتبن جي لکڻ جي غلطيءَ يا ڪنهن پنڊت پروهت جي پڙهڻ جي غلطيءَ جي ڪري، اها غلطي زبان زد عام ٿي وئي ۽ ان جو درجو غلط العوام جهڙو بنجي ويو.

هيءَ نشاني ڪنهن تڪريءَ جي انوماني صورت آهي. برهميءَ

۾ ان جي قريبي صورت △ آهي، ۽ ملهه اٿس "اي". ڏکڻ سامي زبانن — صفا ۽ سبا جي خطن ۾ ◁ ۽ ▽ نشانيون ملن ٿيون۔ ۽ ملهه اٿن "آ". تانترڪ رڪارڊ ۾ ◁ ۽ 'اي' ملي ٿو مون ان جو ملهه آ۔ حرف صحيح مقرر ڪيو آهي.

هن نشانيءَ جي انوماني صورت پڪيءَ طرح معلوم نہ ٿي سگهي آهي. البت ان ۾ ڪنهن تور جي ڏڙي يا هڙ جي انومان جو گمان ڪري سگهجي ٿو. منهنجي پڙهڻ موجب ان جي پڙهڻي ڏ+ حرف علت آهي. ان کي ويجهيون نشانيون صفا ۽ سبا جي ڏکڻ سامي خطن ۾ ملن ٿيون، جنهن جو ملهه 'ڏ' آهي. برهميءَ ۾ هڪ قريبي نشاني ملي ٿي. جنهن جو ملهه "ڏ" ملي ٿو.

هيءَ نشاني ڪنهن ٿانو يا پاٽ جو انومان ڏيکاري ٿي. برهميءَ ۾ هن جي قريبي نشاني آهي جنهن جو ملهه آهي "پ". تنترن ۾ ان انومان جي نشاني ملي ٿي جنهن جو ملهه پڻ 'پ' آهي. ڏکڻ سامي خطن ۾ اهائي نشاني ابتي صورت ۾ ∩ ملي ٿي، جنهن جو ملهه بہ 'پ' آهي. سميريءَ ۾ اها نشاني ∨ جي صورت ۾ ملي ٿي. فونيشن ۾ اها نشاني پاسيري ملي ٿي، ۽ ان جو ملهه بہ 'پ' آهي. انهن سمورين شاهدين جي بنياد تي هن نشانيءَ جو ملهه پ + حرف علت مقرر ٿئي ٿو.

هيءَ نشاني ڏسڻ ۾ ٿي مرڪب نظر اچي ٿي. جنهن ۾ ماڻهوءَ جو ڏڙ نظر اچي ٿو. سندس ڳچيءَ ۾ ڪو ڳٽ پيل ٿو ڏسجي، يا ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ ڍال ڪنيو بچاءُ ڪرڻ جو انومان ڏئي ٿو. ماڻهوءَ جي ڏڙ لاءِ 'ت' جو اچار موجود آهي. باقي مٿئين حصي لاءِ قريبي نشاني سميريءَ ۾ ملي ٿي. جنهن جو ملهه آهي "گد". برهميءَ ۾ نشانيءَ جو ملهه 'گ' ملي ٿو. ڏکڻ سامي زبانن ۾ جو ملهه پڻ 'گ' ملي ٿو. جنهن جو ملهه 'گگ' ملي ٿو. تانترڪ رڪارڊ ۾ بہ ∩ نشاني ملي ٿي، ۽ ملهه اٿس 'گا'. ان سموري شاهدي جي بنياد تي اسين پنهنجي نشانيءَ جو ملهه 'نگ' ← 'گ' +

حرف علت مقرر ڪري سگهون ٿا.

هيءَ نشاني شايد مسلسل ٽڪرين جي قطار جو اهڃاڻ آهي. مون ان جو ملهه م +حرف علت مقرر ڪيو آهي- پر اهو 'م' جو اچار جو وچ ۾ اچي. 'م' لاءِ ٻي نشاني آءِ اڳتي ڄاڻائي آيو آهيان. پر جيئن ته اها نشاني نياتي نشاني پڻ آهي، ان ڪري ان اچار لاءِ هيءَ ٻي نشاني ان دور جي آهي، جڏهن حرف علت جي ڦير گهير لاءِ بلڪل نيون نشانيون وجود ۾ ايندڙيون هيون. سبا جي خط ۾ ان جي قريبي شڪل ٿيڏي آهي ۽ ملهه اٿس "م". قبرص جي خط ۾ نشاني جو ملهه پڻ 'م' آهي. فونيشن ۾ ان جو خاڪو  نشاني طور ملي ٿو. - ۽ ملهه اٿس 'م'. (فونيشن نشانين منجهان ئي موجوده يورپي الفابيٽ نهيون آهن- هن نشانيءَ مان يورپي الفابيٽ جو M اکر نهيو آهي.)

هيءَ نشاني ڪنهن ٻوٽي يا ول جو انومان ڏئي ٿي. مون ان جو ملهه ل + حرف علت مقرر ڪيو آهي. قبرص جي رسم الخط ۾ ان جي قريبي صورت ملي ٿي جنهن جو ملهه 'لي' يا 'لَ' آهي. برهميءَ ۾ ان جي شڪل آهي، جنهن جو ملهه پڻ 'ل' آهي. ان ڪري ان جو ملهه 'ل' + حرف علت مقرر ٿئي ٿو.

هيءَ نشاني تمام ٿورين مهرن ۾ آئي آهي- ۽ هميشه پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿي. اڪثر اهڙن هنڌن تي آئي آهي، جتي ان کان اڳيان اهڙيون نشانيون ملن ٿيون، جن ۾ ماترائون يا اڙيون ملن ٿيون جنهن مان مقصد اهو نڪري ٿو ته اتي اهو لفظ پورو ٿيو. ان ڪري جڏهن هيءَ نشاني اڪيلي رهجي وڃي ٿي، تڏهن ان مان ڪو ئي مقصد نڪري ٿو ته هيءَ اهڃاڻي نشاني آهي. مصري هيرو گلفس ۾ به هيءَ اهڃاڻي نشاني آهي. هن نشانيءَ جي شڪل مان ڪنهن صدر دروازي يا قلعي جي برج جو انومان ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ جيئن ته هن نشانيءَ جون اهڙيون صورتون به ملن ٿيون جن مان 'ڪ' جي اچار جو گمان ٿئي ٿو ان ڪري مون ان جو اهڃاڻ "ڪَوٽ" بمعنيٰ قلعو مقرر ڪيو آهي.

جيئن تہ موهن جي دڙي جي سمورين نشانين تي ان قسم جو بحث نهايت طويل ٿي ويندو ان ڪري آءٌ مٿين چند نشانين تي ئي اڪتفا ڪريان ٿو. نہ رڳو سمورين نشانين تي بحث ڪرڻ جي هت گنجائش نہ آهي، پر هر نشانيءَ تي مڪمل بحث ڪرڻ جي پڻ هت گنجائش نہ آهي. هت نشانين تي جيڪو بحث ڪيو اٿم، سو نهايت مختصر آهي۔ ڇاڪاڻ تہ انهن تي حث ڪرڻ لاءِ سمورين لاڳاپيل نشانين تي بحث ڪرڻ ...و جن جا بلاڪ ئي ايترا ٿيندا جو منهنجي وس کان ٻاهر آهن. ان ڪري هن مختصر بحث کان پوءِ آءٌ لکتن تي بحث ڪندس.

موهن جي دڙي جي ڪنهن دور جي مهرن ۾ اسان کي هڪ ۽ ٻن جا انگ ننڍي سائيز ۾ استعمال ٿيل ملن ٿا۔ مثلاً ا اا ا ا ا ا وغيره. سميريءَ ۾ پڻ انهن نشانين جي اها صورت ملي ٿي۔ ۽ سمورا ماهر ان تي متفق آهن تہ اهي نشانيون حرف علت جون مظهر آهن. ا نشاني 'اِ' ۽ اا نشاني 'اِي' لاءِ آيون آهن. موهن جي دڙي جي ماڻهن هوندي تہ مختلف حروف صحيح جي نشانين سان، شروعاتي دور ۾ حرف علت جي پابندي نہ رکي هئي، پر پوءِ جڏهن حرف علت مقرر ڪيائون تہ انهن جو استعمال يا تہ خود نشانين سان مرڪب طور يا الڳ حرف صحيح کان پوءِ ماترائن جي صورت ۾ ڪيائون. منهنجي تعجب جي حد نہ رهي جڏهن 'ر' جي ماترا جو استعمال ٿيل ڏٺم. هند۔يورپي ٻوليءَ ۾ 'ر' حرف صحيح بہ آهي، ۽ 'ري' يا 'ر'۔ حرف علت پڻ۔ جيئن "پريت" لفظ ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ 'ر' نيم۔ حرف علت تي ڪم اچي ٿي. گجراتي، بينگالي وغيره پراڪرتن جي لپي بہ برهميءَ جي واسطي سان سنڌي لپيءَ يعني موهن جي دڙي جي رسم الخط مان ڦٽي نڪتي آهي. انهن پراڪرتن ۾ ڇوتي 'ر' جو استعمال فقط اڳئين حرف صحيح تي هڪ ننڍي اڙي يا ماترا جي صورت ۾ ٿئي ٿو: هت گجراتيءَ جو مثال ڪافي ٿيندو. પરેમ પરીત پريم يا پريت ۾ پ تي ماترا ملائڻ سان اچار ۾ 'ر' اچي وڃي ٿي. اتي اها ماترا ئي استعمال ٿيندي نہ " ર " = "ر" حرف صحيح. ساڳي حالت هندي، بنگالي، اڙيا وغيره ۾ ملي

تي. ساڳي صورتحال موهن جي دڙي ۾ پڻ ملي ٿي ـ ۽ فقط هڪ اڙي ڏيڻ سان 'ر' جو نٽيو اچار پيدا ٿئي ٿو. هيءَ هڪ بلڪل نئين ڳالهه آهي- ۽ منهنجي ان تحقيق کي ثابت ڪري ٿي تہ برهمي. ۽ هندستاني پراڪرتن جون لپيون موهن جي دڙي جي رسم الخط مان پيدا ٿيون آهن.

نشانين جي بحث کان پوءِ اچو تہ اسين ڪن مهرن ۽ لکتن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪريون. هت مثال تمام ٿورا ڏنا اٿم- انهن کان سواءِ تقريباً اڍائي سو کن لکتون بيون بہ آءٌ پڙهي چڪو آهيان. ايترو عرض ڪندس تہ جيتوڻيڪ اڪثر لکتون پڙهڻ ۾ اچي وڃن ٿيون، پر جيئن تہ ٻوليءَ جي صورت نهايت ڪچي ۽ اڻ گهڙيل (crude) آهي، ۽ نهايت قديم آهي، ان ڪري ڪيترين لکتن جو پورو مقصد سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. ان جي باوجود منهنجو اهو مفروضو تہ انهن ۾ موجوده سنڌي ٻولي جي ماءُ ۽ مک ٻولي "پراڻي سنڌي" (Old Sindhi) سمايل آهي، سو ضرور ثابت ٿئي ٿو. هت مجبوريءَ جي ڪري اختصار کان ڪم وٺڻ لاءِ آءٌ وري بہ معافي طلب آهيان.

(1)  ميوزيم نمبر (Vs. 1026): هي لکت ان ترتيب ۾ هڪ ٽانوَ تي اڪريل آهي. ٽانوَ تي ان قسم جي لکت هيءَ اڪيلي ئي ملي آهي- ۽ ٻئي ڪنهن تمدن ۾ پڻ ان جو مثال ڪونہ ٿو ملي. جيئن تہ هيءَ لکت ڇاپي لاءِ نہ آهي، ۽ نڪر تي اڪريل آهي، ان ڪري ان جي پڙهڻي کاٻي کان ساڄي ٿيندي. ان ۾ پهرين نشاني ڇئن جي انگ جي آهي، جنهن جو اچار آهي "چار". ۽ ٻي نشاني آهي 'ڻ'+حرف علت. ۽ هن نشانيءَ جي پڙهڻي ٿيندي "چارڻ" يا 'چارڻ'+ڪو حرف علت- 'چارڻي'، 'چارڻو' وغيره. پر جيئن تہ 'چارڻ'، نالي جي حيثيت ۾ اسان وٽ اڄ بہ موجود آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ نالو ان ٽانوَ جوڙيندڙ فنڪار ڪنڀر جو هو.

(2)  ميوزيم نمبر (Vs. 2541): هيءَ ڇن جي نهيل هڪ چورس مهر آهي. هن ۾ پهرين نشاني 'ج' يا 'ڄ'+حرف علت آهي. هونئن تہ هيءَ نشاني اهڃاڻي آهي، پر جيئن تہ لکت جي شروع ۾ آئي آهي، ان ڪري

اچاري آهي. ٻي نشانيءَ ۾ مڇيءَ جي چٺن ٺي پاسن تي جيڪي چار ڀڙيون آهن، سي هڪ ته ان نشانيءَ کي نياتي نشاني بڻائين ٿيون- ۽ ان سان گڏ غني جو اچار پڻ ڏين ٿيون. هيءَ مهر ان ڪري نياتي نشان هجڻ سان، نالو پڻ آهي- ۽ اهو نالو آهي **"جام"** يا **"ڄام"**. هي اسان وٽ عام نالو آهي. هن ۾ اها پڻ خصوصيت ملي ٿي ته هتي مڇيءَ جي نياتي نشان واري قبيلي جي سردار جو اڄاڻ آهي. اسان وٽ اڄ تائين مهاڻن ۽ مڇيءَ تي گذران [illegible] قبيلن جي سردار کي **"جام"** يا **"ڄاموٽ"** سڏيو ويجي ٿو!

(3) **ميوزيم نمبر (Vs. 2040)**: هيءَ به هڪ چن جي چورس مهر آهي. ان لکت جي هيٺان هڪ- سڱي ڍڳي (unicorn) جي مورت آهي. هن ۾ پهرين نشاني آهي **'پ'**+حرف علت، ٻي نشاني آهي **'ڳ'**+ حرف علت ۽ ٽي نشاني آهي **'ي'**+ حرف علت. منهنجي پڙهڻيءَ موجب هي به هڪ نالو آهي- ۽ ڪنهن چڱي مڙس جو نالو هو **"پاڳيو"**!

(4) **ميوزيم نمبر (Vs. 192)**: هي ٽامي جو هڪ مستطيل سڪو آهي. ٽامي جا ههڙا سڪا ٻي ڪنهن به تهذيب جي کوٽاين ۾ دستياب نه ٿيا آهن. هن لکت ۾ پهرين نشاني دراصل ٻن نشانين جي مرڪب آهي- هڪڙي پ+حرف علت، ۽ ٻي جيتوڻيڪ ظاهري طرح ٻي نشانيءَ جو شڪ گهٽ پوي ٿو. حقيقت ۾ موهن جي دڙي جي ماڻهن لکڻ جي هنر پيدا ڪرڻ سان گڏ، ان کي فني خوبصورتي ڏيڻ جو خيال به هٿان نه ڇڏيو آهي. ان ڪري بجاءِ نشاني جي هڪ ٺي پاسي تي نشاني رکڻ جي هن اڌ نشاني جي هڪ پاسي تي رکي آهي ته اڌ ٻئي پاسي. اهو ساڳيو اصول هن نشانيءَ ۾ پڻ ملي ٿو جنهن ۾ نشانيءَ کي سان ملائڻ لاءِ هنن هڪ گول ان نشانيءَ جي هڪ پاسي ڏيکاريو آهي ته ٻيو ٻئي پاسي- ان ڪري نه رڳو ان مرڪب جو مفهوم ادا ٿئي، بلڪ نشانين ۾ خوبصورتي پيدا ٿئي ٿي. اها ترتيب ڄڻ ته هڪ قسم جي طغرائي ترتيب آهي. مٿئين

نشانيءَ ۾ هڪ ئي ترڪيب بہ مضمر آهي. سا آهي E نشانيءَ کي اڳيان ليڪ ڏيئي بند ڪرڻ جي ترڪيب يعني B جنهن جو مقصد آهي ان کي نون غني جو اچار ڏيڻ. نون غني لاءِ جتي ڪٿي اهوئي طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. اوهان ڏسندا تہ ان نشانيءَ جي اها صورت ٻنهي پاسي ساڳي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اها ساڳي ئي نشاني ٻنهي پاسن ۾ استعمال ٿي آهي. هاڻ اسان جي حاصل ڪيل ڄاڻ موجب ان لکت جو ملهہ ٿيندو پ+ج+نون غنون+ڙ يا 'ڻ' = يعني 'پنجڙ'، 'پنجڻ' وغيره. منهنجي خيال ۾ اهو لفظ آهي "پنجڙ"، جو ڪنهن سڪي جو نالو هو. ان جو ملهہ تہ الائجي ڪيترو هو. اسان وٽ اڄ تائين اهو لفظ بي معنيٰ ۽ مهمل لفظ طور استعمال ٿيندو اچي. روز مره جي گفتگو ۾ اسين "پئسو پنجڙ"، "ايڪڙ ٻيڪڙ"، "ماٺهو چيٺو"، "ٽانءِ ٽپو" فقرا استعمال ڪندا آهيون- ۽ انهن ٻٽن لفظن کي اڪثر بي معنيٰ ۽ مهمل چيو ويندو آهي. پر اصل ۾ ائين نہ آهي. اهي لفظ ڪنهن دور ۾ پنهنجي معنيٰ رکندڙ لفظ هئا. جي تاريخي طرح پنهنجي معنيٰ وڃائي چڪا آهن، پر تمدن جو اهم حصو هجڻ ڪري اڃا تائين ٻوليءَ ۾ ڳنڍيا اچن. اهو لفظ "پنجڙ" بہ اصل ۾ هڪ سڪي جو نالو هو. جڏهن اهو سڪو هزارين ورهين جي مٽيءَ ۾ دفن ٿي ويو. تڏهن بہ اهو لفظ ويچارو پرتيءَ جي لفظ طور اسان جي ٻوليءَ ۾ ٽڳندو آيو آهي.

هت اهو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي تہ هنر ۽ ٻيا ماهر ان خيال جا آهن تہ انهن سڪن تي ملهہ لکيل نہ آهي، بلڪ بادشاهن جا نالا وغيره آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي سڪا هڪ جيڏا ۽ تور ۾ هڪ جيترا آهن. ۽ انهن تي لکتون جدا جدا آهن. سندن دليل اهو آهي تہ جيڪڏهن ملهہ ڏنل هجي ها تہ ساڳي تور جا سڪا هڪ ئي ملهہ جا هجن ها، ۽ انهن تي ملهہ جي لحاظ کان لکتون بہ ساڳيون هجن ها. منهنجي خيال ۾ اها راءِ صحيح نہ آهي. اهو قطعي ضروري نہ آهي تہ جيڪڏهن ساڳي سائيز ۽ ساڳي تور جا سڪا هوندا تہ انهن جو ملهہ بہ ساڳيو هوندو. اهو سونن سڪن جي صورت ۾ ٿي سگهي

ٿو ته ٿامي يا ٻئي ڪنهن ٻي ملهه ڏاتوءَ جي حالت ۾. جيتوڻيڪ موهن جي دڙي جو دور ٿامي جو دور سڏجي ٿو. پر ان مان اهو ثابت هرگز نه ٿو ٿئي ته ڪو ٿامي کي ئي ناڻي جو قيمتي ڌاتو سمجهيو ٿي ويو. قيمتي ڌاتو ته ان وقت به سون ئي هو جيئن لڏل زيورن مان ثابت ٿئي ٿو. پيو ته جيڪي سڪا مختلف لکتن جا ملن ٿا. ان لاءِ ڏرتي وگيان موجب (Geologically) اهو ثابت ٿيل آهي ته سمورا هڪ ئي دور جا آهن- ۽ ان ڪري هڪ ئي دور ۾، هڪ ئي راڄ ۾، هڪ ئي تهذيب ۽ ڪلچر ۾ ايترن سارن بادشاهن جو هجڻ ۽ انهن جو پنهنجا پنهنجا الڳ سڪا مروج هجڻ عقل توڙي تاريخي ڇاڻ تسليم نه ٿي ڪري. ازانسواءِ مختلف لکتن جا ٻه ٻه چار چار پنج داڻا هوبهو ساڳيا مليا آهن. ان ڪري منهنجو خيال آهي ته اهي لکتون انهن سڪن جا نالا آهن- جن جو ملهه هن وقت جي ناڻي موجب ڪٿي نه ٿو سگهجي. ماڻهو انهن سڪن کي رسيدن وانگر لکتن جي بنياد تي ناڻي طور ڪم آڻيندا هئا، ۽ تسليم ڪندا هئا، ۽ نه انهن جي ٿامي يا ڌاتوءَ جي تور جي بنياد تي- ڌاتوءَ جي تور جو بنياد ناڻي ۾ گهڻو پوءِ جو ۽ تاريخي وقتن جو آهي. ناڻي جي سڃاڻپ ان وقت اها ڪافي هئي ته اهو ٿامي جي سڪن جي صورت ۾ هو ۽ مٿن ملهه لکيل هو.

(5)  ميوزيم نمبر Hr. 456, VS 3320
VS 1988, Hr 4337, Hr 723

هي سڪا گهڻا دستياب ٿيا آهن- انهن تي ساڳي لکت ملي ٿي. هن لکت ۾ اسين پويون ٻه نشانيون مٿئين سڪي ۾ معلوم ڪري چڪا آهيون- ۽ انهن جو ملهه "پنجڙ" مقرر ڪيو اٿئون. باقي ٻن اڳين نشانين مان آهي 'آ' ۽ برابر آهي ڏ+حرف علت جي ۽ هن سڄي لکت جو مطلب ٿيو "اڏ پنجڙ"! يعني هي سڪو پهرئين ڏنل سڪي جي اڌ ملهه جو آهي. هن ساڳئي سڪي کي هڪ نئين مخفف صورت ۾ پڻ رائج ڪيو ويو آهي- ۽ ان کي لکيو ويو- يعني مٿين لکت مان رڳو ڪيڏي ڇڏيو ويو. (هي سڪو ميوزيم نمبر Vs. 3500 ۽ Vs. 2590 تي ملي ٿو)- ۽

هن جي پڙهڻي آهي اڏڙ يا آڏيڙو. صحيح پڙهڻي پوئين اٿس، ڇاڪاڻ تہ وچين نشانيءَ ۾ اڙيون وڌائي ٻگهي حرف علت جو اهڃاڻ ڏنل آهي. اهو آڏيڙو يا آڏيلو بہ صدين کان اسان جي ناٽي ۾ ملي ٿو- ۽ آءٌ ٻولي جي بحث ۾ مٿڪي جو حوالو ڏيئي عرض ڪري آيو آهيان تہ اسان وٽ جيڪو سڪن جو رواج هلندو آيو آهي انهن جا نالا نهايت قديم پس منظر رکن ٿا.

(6) (ميوزيم نمبر Vs.11560): هي بہ هڪ ٽامي جو سڪو آهي - ۽ پڙهڻي اٿس ٻہ+ ڪ+ حرف.علت + ڊ = ڏ + حرف علت يعني ٻہ ڪوڏيا ٻہ ڪوڏيون!

(7) (ميوزيم نمبر Sd D.K. 1606 L. 559 ۽ 1758 Vs 2109) : هي بہ ٽامي جا سڪا آهن ۽ چڱي تعداد ۾ مليا آهن. دراصل هي نہ رڳو سڪا ثابت ٿين ٿا، پر ان وقت ناٽي جي رسيدي صورت کي پڻ ظاهر ڪن ٿا. هن جي پڙهڻي اجهو هيءَ آهي. 'ما'+'يا' (م جي مٿان بہ اڙيون ان جي ٻگهي حرف علت کي ظاهر ڪن ٿيون)، 'ٿي'+ 'سو'، 'ڏ'+حرف علت + 'ڪ' + حرف علت + 'ڏ' + حرف علت – يعني "مايا ٿي سو ڏوڪڏا" هن مان اسان کي 'ڏوڪڙ' لفظ جو ڏاتو پڻ ملي ٿو تہ اهو اصل ۾ 'ڏوڪڏ' هو جو ساڳئي اچار شروع ۾ پڇاڙيءَ ۾ اچڻ ڪري، اچاري سهل پسندي ۽ روانيءَ جي اصول تي، اسان ان کي اڏوڪڏ بدران ڏوڪڙ بنائي ڇڏيو آهي!

(8)  هيءَ هڪ چن جي مهر آهي، جنهن ۾ پهريون ٻئي نشانيون پڙهي چڪا آهيون - ۽ ٽي نشاني "ڪوٽ" جي اهڃاڻي نشاني آهي- ۽ هن مهر جي لکت آهي "مان ڪوٽ" يا "مون ڪوٽ". اهڙيون ئي ساڳيون مهرون ميوزم نمبر Hr 4623 ۽ DM 56 تي ملن ٿيون جن ۾ هڪ تہ حرف علت جي ڦير گهير آهي، ۽ ٻيو تہ اڳيان "دي" يا "ڏي" پد ملي ٿو جنهن جي معنيٰ

يا ته ڏيئ جي آهي يا "دي" پد ڪو احترام جو لفظ هو. اهي مهرون 0||·X ⊟⋈ جي شڪل ۾ مليون آهن. انهن جي پڙهڻي آهي "**دي مان ڪوٽ**" يا "**دي مون ڪوٽ**".

ڪي ڪي مهرون لفظ "**تڙ**" ڏيکارين ٿيون. ۽ ائين ٿو ڀائنجي ته ان وقت جيئن ته اهو شهر دريا جي ڪپ تي هو. ان ڪري شهر کي مختلف گهاٽ، پتڻ ۽ تڙ هئا. جن تان ماڻهو مال آڻيندا هئا. ۽ هر تڙ تي ڪو راڪو هوندو هو جو ايندڙ ويندڙ مال تي ان تڙ جي مهر هڻندو هو. شايد ڪنهن محصول جو سرشتو به ان ۾ مضمر هجي. هڪ اهڙي مهر (ميوزيم نمبر Dk 1542) ملي آهي جا هن ريت آهي:

۽ پڙهڻي اٿس "<u>**ويائيءَ جو تڙ**</u>"!

هڪ ٻي مهر (Hr 4318) پڻ ملي آهي جا هن طرح آهي:

۽ پڙهڻي اٿس "<u>**دي لمن جو تڙ**</u>" يا "**ديلمن جو تڙ**".

ان مهر مان مون کي ڊاڪٽر ڪريمر جي "<u>**دلمون**</u>" واري حوالي سان، پڪ ٿئي ٿي ته "<u>**دلمون**</u>" نالو موهن جي دڙي جي شهر جي هڪ تڙ جو نالو هو جو سميرين کي ياد رهيو ڇاڪاڻ ته اتان هنن لاءِ سون ۽ عاج وغيره ايندو هو جنهن تي دلمون يا ديلمن جي تڙ جي مهر چيپيل هوندي هئي.

سڀ کان مزيدار هڪ ته-پاسي لکت آهي. هر پاسي تي هڪ ست لکيل ملي ٿي اها لکت ميڪي کي ملي هئي [ميڪي-فرذر ايڪسڪيويشنس-پليٽ نمبر (CI)- شڪل ستين] اهڙي ساڳي لکت مارشل کي پڻ ملي هئي، پر ڀڳل حالت ۾. جنهن ۾ به ستون هڪ پاسي تي لکيل هيون ۽ باقي ٽي ست هڪ پاسي. ان جو ڇاپو اجهو هن ريت آهي. مئڪي سان اختلاف ڪندي، مون سٽن جي ترتيب هن طرح مقرر ڪئي آهي:

پهرين سٽ

ٻي سٽ



ٽي سٽ



ان تي ڪافي بحث ڪيو ويو آهي تہ هن لکت کي ٻين لکتن وانگر ساڄي کان کاٻي پڙهجي، يا کاٻي کان ساڄي. مئڪي جو خيال اهي تہ هيءَ ٻہ ڏسي لکڻي آهي. ان ۾ ٻہ سٽون ساڄي کان کاٻي پڙهجن ۽ هڪ کاٻي کان ساڄي. منهنجي خيال ۾ تہ پاسي لکت کي پرزم جي اصول تي مسلسل پڙهڻ گهرجي. ان سان گڏ هي خيال ۾ بہ رکڻو آهي تہ هي تائٽي لکت ڇاپي لاءِ نہ آهي. ان ڪري ڪم از ڪم شروع واري سٽ تہ کاٻي کان ساڄي ٿي پڙهبي. اها ختم ٿي تہ ان جي سلسلي جي ڪڙي ملائي رکڻ لاءِ ٻي سٽ ساڄي کان کاٻي پڙهبي ۽ وري ٽي سٽ کاٻي کان ساڄي پڙهبي. اها ترتيب ڪجهہ هن ريت ٿيندي:

پهريون پاسو ←

بيو پاسو →

ٽيون پاسو ←

منهنجي پڙهڻ موجب هيءَ ان وقت جي سنڌين جي ڏيتي ليتيءَ جي هڪ رسيد آهي. ان جا بہ نمونا جو مليا آهن، ان مان اهو ٿو ڀائنجي تہ ٻنهي ڌرين پاڻ وٽ يادگيريءَ لاءِ يا ثبوت طور اها لکت پاڻ وٽ رکي آهي. ان

۾ ڳهڻيون ٽيون نشانيون ته اسين مٿي سمجهائي آيا آهيون. البت ٻه نشانيون اهڙيون آهن جيڪي سمجهاڻي گهرن ٿيون. ان ۾ نشاني  توجهه طلب آهي. منهنجي خيال ۾ هيءَ هڪ اهڃاڻي نشاني آهي، ۽ ڏينهن جو اهڃاڻ ڏي ٿي. ان ۾ ○ نشاني ڏهن جي انگ ۾ اچي ٿي پر ان جي وچ ۾ پکيءَ جي چوزي جو اهڃاڻ ڏيکاري ٿو ته اتي اها نشاني اچار جي حيثيت ۾ ايندي ڪنهن آني ۾ پکيءَ جي ٻچڙي ڏيکارڻ ۾ "نسرڻ" يا "ڦٽڻ" جو اندازو ٿئي ٿو- يعني ڪا نئين شي جنم وٺي رهي آهي، نسري رهي آهي. ڏينهن ڌرتيءَ جي پيٽ مان پيدا ٿئي ٿو ۽ سج ان کي پيدا ڪري ٿو- اهڙو تصور پراڻين تهذيبن ۾ تمام گهڻو ملي ٿو. ازانسواءِ ڪيترن ئي مهرن ۾ پکيءَ جي نشاني ملي ٿي. برهميءَ ۾ ان جي قريبي نشاني = ڻ يا ن جي ملهه ۾ ملي ٿي. هاڻ انهن ٻن نشانين کي ملائي، اسان ان کي ڏ+ڻ = "ڏڻ" پڙهي سگهون ٿا- ۽ اها صورت اهڃاڻي، انوماني توڙي اچاري لحاظ کان ملي اچي ٿي. ٻي منجهائيندڙ نشاني آهي جا بظاهر مرڪب نشاني آهي. جيئن ته جملي جي آخر ۾ آهي. ان ڪري زياده شڪ اهوئي پوي ته هيءَ اهڃاڻي نشاني آهي- ۽ نه اچار جي. ان لاءِ هڪ منفي ثبوت پڻ آهي ته ان کان اڳيان 'ن' جي اچار جي نشاني آهي، ۽ 'ن' جي اچار کان پوءِ ڪنهن مرڪب اچار اچڻ جو امڪان نهايت گهٽ آهي. ٻئي طرف اچار جي لحاظ کان ان ۾ جيڪي ٻه نشانيون نظر اچن ٿيون، تن جو اچار ساڳيو آهي- ان ڪري ٻه ان کي اچاري مرڪب سمجهي نه ٿو سگهجي. شڪل مان ڪنهن ٻنيءَ يا باغ جو انومان ٿئي ٿو. بهرحال صحيح اهڃاڻ اڃا ڳولي نه سگهيو آهيان پر انومان اهو آهي ته هي وڻن يا پوک جي ديويءَ يا ديوتا جي اهڃاڻي نشاني آهي. ان کان پوءِ ((نشاني منهنجي پڙهڻيءَ موجب، برهمي ۽ تنترن جي بنياد تي "آن" جي اچار جي نشاني آهي.

هاڻ انهن ٽن سٽن کي مٿين اصولن جي بنياد تي مون پڙهيو آهي:

ان ۾ پهريون ٻہ ستون مسلسل پڙهبيون ـ ۽ ٽي جدا.

ستٽ پهرين ۽ ٻي: ٻہ سو ڏڻ، ت+حرف علت، ڙ يا ڻ+ حرف علت، ت+ حرف علت، ڪ+ حرف علت، ڻ يا ڙ + حرف علت، آن، پ+ حرف علت، س + حرف علت، ہ (يا جوڙا)، ستہ آن+ جو يا جا، ت + حرف علت + ڻ يا ڙ + حرف علت.

ستٽ ٽين: ڪ+حرف علت، پ+حرف علت، پ+حرف علت، پ+حرف علت، پ + حرف علت، ٽسو ڻ+حرف علت، چ يا ڇ + حرف علت ن+حرف علت، ورڻ يا ديويءَ جو اهڃاڻ

اوهان ڏسندا تہ 'ت' اچار مختلف ماترائن سان آيو آهي. ان ڪري ان کي مختلف حروف علت سان اچارڻو پوندو. هاڻ ان رسيد جي پڙهڻي منهنجي خيال مطابق هيئين ريت آهي.

ٻہ سو ڏڻ توٽي (تاٽي) تو ڪٽان (ڪنان)

پسو (پهون) ہ (جوڙا) ستٽ آنجا، تيڻا

ڪوپو پي پتسوٽي چنو (يا چنا؟) ـ ديويءَ جو اهڃاڻ.

معنيٰ ڪجھ هن طرح ٿيندي:

"ٻن سو ڏينهن تائين تو ڪنان پهون جوڙا ستٽ اوهان جا ـ ان لاءِ" (هيءَ لکت لکي ويئي)!

ڪوپو پي پتسوٽي چنو ـ (ورڻ ـ ديويءَ جي ڇانوَ سين تي هجي)!"

اها آهي موهن جي دڙي جي سنڌي ٻولي! ڪچي، ڦڪي، بي ترتيب، بت پرست، پر ڪيتري نہ پياري، ڪيتري نہ سباجهي!

هن مختصر ڪوشش کي هاڻ آءٌ سنڌي ٻوليءَ ۽ ٻولي ڄاڻ جي وڳيانين ۽ ڄاڻن اڳيان پيش ڪريان ٿو: فقط ان گذارش سان تہ سنڌي هڪ

مهان ۽ عظيم ٻولي آهي، جنهن مان شايد اڌ دنيا جون ٻوليون کير پي وڏيون ٿيون آهن. ان ناتي سان سنڌي ٻوليءَ کي ايترو حق ضرور آهي ته ان جي حيثيت، جي مٽيري نه، ته به بنيادي ٻولين جي صف ۾ ضرور تسليم ڪئي وڃي! ديسي دوستن کي اها گذارش ڪندس ته محض مذهبي تنگدليءَ جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تمدن کي لوڙڻ سان، هو سنڌيءَ جي عظمت گهٽائي، ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي عظمت وڌائي نه سگهندا! علم جي ميدان ۾ اچو ته گڏجي سنڌ، سنڌيءَ ۽ سنڌي تمدن کي شاهوڪار ڪرڻ ۾ جنبي وڃون، ڇاڪاڻ ته اسان جي زنده رهڻ جو اهوئي هڪ رستو آهي- ۽ ان جي ذريعي ئي اسين پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي خذمت ڪري سگهنداسون.

سپردبتو مايۂ خويش را!

(منهنجا دوستو! منهنجو سرمايو سو توهان جي سپرد ڪريان ٿو)

ISBN 978-9-6962515-1-4